
هاري ڪميٽيءَ جي
اڪثريتي رپورٽ تي
اختلافي نوٽ
ليکڪ:
محمد مسعود کدرپوش
ترجمو:
ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو
پروگريسو ٿنڪرس فورم سنڌ

# هاري ڪميٽيءَ جي اڪثريتي رپورٽ تي اختلافي نوٽ

ليکڪ: محمد مسعود کدرپوش

ترجمو: ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو

پروگريسوِ ٿنڪرس فورم سنڌ

2020ع

ڊجيٽل ايڊيشن

2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: هاري ڪميٽيءَ جي اڪثريتي رپورٽ تي اختلافي نوٽ
ليکڪ: محمد مسعود کدرپوش
ترجمو: ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو
ڇاپو: پهريون
تعداد: 1000
ڇاپي جو سال: آڪٽوبر 2020ع
ٽائيٽل: سعيد منگي
لي آئوٽ: مصور منگي
ڇپائيندڙ: محمد فاضل راهوجو ايڊووڪيٽ
ڇاپيندڙ: پروگريسوِ ٿنڪرس فورم سنڌ
قيمت: 120 روپيه
ڪتاب نمبر: 03

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com

ڪتاب ملڻ جو هنڌ:
سنڌ جا سمورا بوڪ اسٽال

لکپڙهه لاءِ:
بنگلو نمبر 61، سٽ فوٽ واري گهٽي سامهون کهڙا گيٽ ڪمپليڪس
سچل ڪالوني، لاڙڪاڻو سنڌ.
Email: faizyanthropologist@gmail.com
0331-3691175

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران مسعود کدرپوش جي لکيل رپورٽ جو سنڌي ترجمو ”هاري ڪميٽيءَ جي اڪثريتي رپورٽ تي اختلافي نوٽ“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون، جنهن جو سنڌيڪار ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو آهي.

گورنمينٽ هاري انڪوائري رپورٽ 1947-48 جي اڪثريتي رپورٽ تي ”اختلافي نوٽ“ هڪ اهم دستاويز آهي. جيڪو مسٽر مسعود احمد کدر پوش، جيڪو نوابشاهه ۾ ڪليڪٽر هو طرفان لکيل آهي. اختلافي نوٽ تن ڏينهن ۾ حڪومت پاڪستان طرفان نه صرف لڪايو ويو هو، پر ڪافي عرصي تائين اهو ڇپيو به نه ويو هو. حڪومت پاڪستان وٽ ان جا ڪهڙا دليل هيا جو سنڌ ۾ هارين جي حالتن جي باري ۾ آيل هڪ حاضر سروس سرڪاري آفيسر جي آيل تجويزن کي لڪائي نه ڇپيائون تن جو مسعود کدرپوش ۽ ٻين هن ئي ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو آهي. اختلافي نوٽ ۾ هارين جي سماجي ۽ معاشي حالتون تبديل ڪرڻ بابت جيڪي تجويزون هن ۾ ڏنل آهن تن لاءِ نئين نهنڌڙ ملڪ جو حڪمران طبقو تيار ئي نه هو. چاڪاڻ جو جلد ئي سياسي قيادت جاگيردارن ۽ سنڌن ٻين اتحادين جي زير اثر رهي. هي ڊاڪيومينٽ 1973ع ڌاري ڪهڙين حالتن ۾ ڇپايو ويو تن جو به هتي ذڪر ڪيل آهي .

هي ڪتاب پروگريسو ٿنڪرز فورم، حيدرآباد پاران 2020ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙي جا جنهن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.


**محمد سليمان وساڻ**

مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي

سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

sulemanwassan@gmail.com

**www.sindhsalamat.com**

**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| سنڌي هاري تحريڪ طرفان | ڊاڪٽر دلدار علي لغاري | 07 |
| اجازت نامو | شيرين مسعود | 10 |
| مترجم طرفان ٻه اکر | ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو | 11 |
| پذيرائي | ڊاڪٽر فوزيه مسعود جاويد | 13 |
| مهاڳ | محمد مسعود | 14 |
| تعارف: زميني سڌارن جو مسئلو | ميان سعادت علي امتياز | 18 |
| باب پهريون: هاري ۽ زميندار | ______________ | 29 |
| باب ٻيو: سنڌ ۾ زراعت | ______________ | 41 |
| باب ٽيون: زمين فقط ٻي زمينن لاءِ | ______________ | 49 |
| باب چوٿون: زميني سڌارن تي اسلامي قانون | ______________ | 61 |
| باب پنجون: دنيا جا زميني سڌارا | ______________ | 71 |
| باب ڇهون: پاڪستان ۾ زميني سڌارا | ______________ | 82 |

“اهي هاري بہ انسان آهن، بلڪل ائين ئي جيئن ٻيا عقلي جانور، پر ڪين گهريلو جانورن وانگر گهليو وڃي ٿو. ڪين معقول ۽ شعور ڀريو جيون گذارڻ جواختيارئينہ آهي ۽ نہ ئي ڪين انسان ذات هجڻ جا حق ئي آهن.” اهڙائي تہ آهن سنڌ جا هاري، جيڪي آبادي جووڏو حصو آهن ، جيڪي زمينون کيڙين ٿا، جن جي ڪري ئي سنڌ کي خصوصي طرح پاڪستان جياناج جو خزانو سمجهيو وڃي ٿو.

**_ محمد مسعود**

# سنڌي هاري تحريڪ طرفان

محمد مسعود کدرپوش جي لکيل "اختلافي نوٽ" جو سنڌي ترجمو ڪري، ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙي هڪ تاريخي ڪم ڪيو آهي. اختلافي نوٽ مسٽر مسعود کدرپوش اڪثريت هاري جي رپورٽ تي لکيو هو جيڪا ان وقت جي مسلم ليگ سرڪار طرفان هارين جي حالتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ ناهي وئي هئي.

ڪافي عرصي کانپوءِ هارين جي حالتن بابت سنڌ ۾ ٿيل ترجمي جو هي شاندار ڪم، جنهن ۾ هارين جي زندگي بابت اهم تحقيقات ۽ هارين جي حالتن کي سڌارڻ لاء تجويزون ڏنيون ويون هيون. پر، بدقسمتي سان پاڪستان ٺهڻ کان اڳ توڙي پوءِ ملڪ تي نوابن ۽ جاگيردار طبقن قبضو ڪري ورتو. جنهنڪري نه صرف هن رپورٽ تي عمل نه ٿي سگهيو پر هن رپورٽ کي مورڳو عوام کان لڪائي رکيو ويو.

سنڌ جو اهو الميو آهي. جو جيڪا قوم هن ملڪ جي خالق هئي، پاڪستان ٺهڻ شرط ان کي پٺ سان لڳائڻ شروع ڪيو ويو. 1940ع واري قرارداد جي اصل روح کي به پاسيرو ڪري، عوام کي ٺلهن نعرن حوالي ڪيو ويو ۽ جاگيردار ۽ وڏيرڪي طبقي پنهنجا پير پرڻ شروع ڪيا. هنن قائد اعظم محمد علي جناح جي بيماري جو فائدو وٺندي ( نوابن ۽ جاگيردارن جي ٽولي) پاڪستان تي ناجائز قبضو ڪري 1940ع واري قرارداد جي روح کي ختم ڪري ورتو۽ رات وچ ۾ ملڪ جا مال ڪٽي ويا .

هن "اختلافي نوٽ" پڙهڻ کانپوء معلوم ٿئي ٿو ته پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۽ پاڪستان ٺهڻ وقت هارين جي صورتحال ڪا بهتر نه هئي. ان وقت به هارين جي لڄن ۽ عزتن تي وڏيرن ۽ سندن واڻن جي نظر هوندي هئي. ان وقت به هارين تي ونگارون جائز سمجهيون ويندون هيون ڪين بي دخل ڪيو ويندو هو، ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسايو ويندو هو. جيڪو عمل اڄ تائين ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ جاري آهي.

هن دستاويز جي هارين جي سڌاري واري نقطن تي صرف بنگال ۾ عمل ٿيو بنگال پارليامينٽ ۾ بل پيش ڪيو ۽ هڪدم زمين جي ملڪيت کي ختم ڪري ڇڏيو. انگريزي زميندار وارو نظام بنگالي هارين جي پسماندگي، ڏڪار ۽ غربت جو وڏو سبب هو. بنگال، جتي نہ صرف جاگيرداري دفن ٿي وئي ، پر هارين بہ سک جو ساهہ کنيو.

سنڌ ۾ زمينن ۽ وسيلن تي مختلف سوچ رکندڙ ماڻهن جا قبضا آهن. جن ۾ پنجابي سيٽلرز، اردوڳالهائڻ وارا، سنڌي جاگيردار ٽولو ۽ مختلف قومن جا ريٽائر فوجي اچي وڃن ٿا. جن جن جا پاڻ ۾ تضاد بہ آهن تہ هم آهنگي بہ. هنن ۾ هن ڳالهہ تي مڪمل اتحاد آهي تہ هارين کي غلام رکڻو آهي ۽ هارين کي تعليم کان وٺي هر حق کان محروم رکڻو آهي .

سنڌ جو هاري اڄ بہ غلامن کان بہ بدتر زندگي گذاري ٿو. پر تعليم کان پري هئڻ، سياسي سوجھہ بوجھہ نہ هئڻ ڪري، هو ان غلامي مان نڪرڻ لاءِ جتن بہ نٿو ڪري. وڏيري جي ظلم، ڪمداري ۽ منشي جيڪي انهي طبقي مان هوندا آهن پر وڏيري جي ويجھو هئڻ ڪري ظلم ۾ شريڪ ٿيو وڃن. مٿان وڏيري سان ياري باشي ۽ وڏيري جي حڪمراني ڪري پوليس بہ جاگيردار پاران هارين تي ڪوڙا ڪيس ڪريو انهن کي دٻايو ڇڏين. ان ڪري هاري بہ هاڻ انهن ظلمن کي قسمت جو لکيو سمجھي ماٺ ٿيو وينو آهي.

سنڌ ۾ هارين جون تحريڪون بہ هلنديون رهيون آهن. جيڪو ڪيڙي سو ڪائي، مائي بختاور جي اڌ بٽئي  تحريڪ، حيدر بخش جتوئي جي سنڌ هاري ڪميٽي جي تحريڪ، محترم فاضل راهو ۽ محترم  رسول بخش پليجو صاحب جي هارين لاءِ ڪيل ڪم ۽ تحريڪون اهم رهيون آهن. ٿوري گھڻي فرق ڪانسوا هارين جي حالت اڄ بہ ساڳي آهي محترم رسول بخش پليجو هاري تحريڪ کي منظم ڪرڻ، ڳوٺن ۾ ڪچهريون ڪري هارين کي سياسي ۽ نظرياتي شعور ڏيڻ، هارين کي جدوجهد جي ميدان تي وٺي اچي، پنهجا حق وٺڻ لاءِ تيار ڪرڻ لاءِ سنڌي هاري تحريڪ جو بنياد وڌو. جنهن جي پليٽ فارم تان هاري ورڪرن، واهڻ ۽ وستين ۾

هارين کي سياسي ۽ نظرياتي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي جنهن جا زبردست نتيجا سامهون اچڻ شروع ٿيا. اڻ پڙهيل هاري ڪامريڊبڻ سياسي جلسن جلوسن ۾ تقريرون گيت بيت چوڻ شروع ڪيا. نيلام بند ڪريو تحريڪ، ووٽر لسٽون سنڌي ۾ ڇپرايو ايم.آر.ڊي جي تحريڪ، صحافين جي تحريڪ، ڪالا باغ ڊيم خلاف مارچون، جڻ عوامي تحريڪن ۾ هارين جي شموليت لازمي ٿي پئي ۽ هاري بہ تحريڪن ۾ وڏي چڙهي حصو وٺڻ لڳا.

پر هن چر پر سان گڏ هاڻ هاري ورڪرن کي، هارين کي اجان وڏيک منظم ڪري حڪومت کان مدي خارج سنڌ لاء ناسور بڻيل بدبودار جاگيرداري ختم ڪري زمينون بي زمين هارين کي ڏيارڻ لاء سخت جدوجهد هلائڻي پوندي ۽ بي زمين هاري ۽ ننڍي آبادگار کي ان جدوجهد جو حصو ناهڻو پوندو.

اها رپورٽ اسان کي اها ڪهاڻي ٻڌائڻ لاءِ تمام اهم آهي تہ ستر سال اڳ هارين جون حالتون ۽ اهي حالتون هاڻي بہ تبديل نہ ٿيون ٿين. استحصال ۽ سرمائي جو انبار ۽ ميڙي ـ سرمائيداراڻو عمل ختم نہ ٿي ٿيو. سرمائيداراڻو واڌارو حقيقت ۾ هارين جون حالتون خراب ڪري چڪو آهي. اهي پنهنجون زمينون ۽ وسيلا وڃائي چڪا آهن. انهن کي مايوس ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي اجرت ۽ غير رسمي محنت ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي. ڪين بي زمين يا غير رسمي مزدور ڪري شهرن ۾ لڏ پلاڻ ڪرڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي.

سيني هارين جي مزدورن کي اها رپورٽ پڙهڻ ۽ پنهنجي حالن کان پاڻ کي واقف رکڻو پوندو ۽ زمين جي نجي ملڪيت جي خاتمي لاءِ جدوجهد ڪرڻي پوندي.

**ڊاڪٽر دلدار علي لغاري**

صدر سنڌي هاري تحريڪ

ميرپور خاص

30 سيپٽمبر 2020ع

# اجازت نامون



جي ها، اختلافي نوٽ جو سنڌي ترجمو ٿيڻ گهرجي. اوهان هاري رپورٽ جو اختلافي نوٽ، سنڌي ۾ پلي ترجمو ڪريو. مهرباني ڪري پڪ ڪريو تہ اصل متن ۾ جيڪو ڪجهہ بہ آهي، اهوئي ترجمي ۾ پيش ڪيو ويندو.

ترجمو اهڙي طريقي سان نہ ڪريو جو اهو اصل سوچن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هجي. جيڪڏهن ترجمي ۾ حقيقتون تبديل نہ ڪيون ويون تہ اسان انهي جي تعريف ڪنداسين. ترجمو اهو ڪري جيڪو چڱي طرح ترجمي کان واقف هجي ۽ سنڌ جي تاريخ ۽ مسعود کدرپوش جي شخصيت ۽ سنڌ ۾ سندس ڪم کي ڄاڻيندو هجي.

**شيرين مسعود**

لاهور

آگسٽ 2020ع

# مترجم طرفان ٻه اکر

گورنمينٽ هاري انڪوائري رپورٽ 48_1947جي اڪثريتي رپورٽ تي "اختلافي نوٽ" هڪ اهم دستاويز آهي.جيڪو مسعود احمد کدر پوش طرفان لکيل آهي. اختلافي نوٽ تن ڏينهن ۾ حڪومت پاڪستان طرفان نه صرف لڪايو ويو هو، پر ڪافي عرصي تائين اهو ڇپيو به نه ويو هو. حڪومت پاڪستان وٽ ان جا ڪهڙا دليل هيا جو سنڌ ۾ هارين جي حالتن جي باري ۾ آيل هڪ حاضر سروس سرڪاري آفيسر جي آيل تجويزن کي لڪائڻ نه ته ڇپيائون تن جو مسعود کدرپوش ۽ ٻين هن ئي ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو آهي. اختلافي نوٽ ۾ هارين جي سماجي ۽ معاشي حالتون تبديل ڪرڻ بابت جيڪي تجويزون هن ۾ ڏنل آهن تن لاءِ نئين نهندڙ ملڪ جو حڪمران طبقو تيار ئي نه هو. ڇاڪاڻ جو جلد ئي سياسي قيادت جاگيردارن ۽ سندن ٻين اتحادين جي زير اثر رهي. هي ڊاڪيومينٽ 1973ع ڌاري کهڙين حالتن ۾ ڇپايو ويو تن جو به هتي ذڪر ڪيل آهي .

سنڌ ۾ هاري تحريڪ جي سياسي، نظرياتي ليڊرشپ ۽ عام ڪارڪنن کان هي ڊاڪيومينٽ ڪافي عرصو پري رهيو. هڪ ته اهو ڇپيل ڊاڪيومينٽ انگريزي ٻولي ۾ هيو. ٻيو مارڪيٽ ۾ ايترو ظاهر نه هيو. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، مانوارو رسول بخش پليجو ۽ محمد ابراهيم جويو جن ان ڊاڪيومينٽ جي باري ۾ انتهائي ڏيان سان سياسي ڪارڪن ۽ علمي ڪچهرين ۾ ان بابت اڳيان ڳالهائيندا رهيا. رسول بخش پليجي جو خيال هيو ته اهو لازمي طرح سنڌي ۾ ڇپجي سياسي ڪارڪنن ۽ هارين جي هٿن ۾ هجي پر ائين ٿي نه سگهيو. توڙي جو 1970ع واري ڏهاڪي ۾ تڏهن جي ماهوار تحريڪ ۾ هارين جي باري ۾ آيل ڳالهين ۾ ته ان جو ذڪر آهي.

هن اهم دستاويز کي وري مسعود کدرپوش جي نياڻي ڊاڪٽر فوزيه مسعود جاويد جون 2007ع ۾، لاهور مان سڏاري، غلطين کان بهتر ڪري ۽ اکر پڙهڻ ٽي مان گڏاري ڇپايو آهي.

## هاري ڪميٽيءَ جي اڪثريتي رپورٽ تي اختلافي نوٽ

مون جڏهن اهو دستاويز انگريزي ۾ پڙهيو تہ هڪدم خيال آيو تہ ان کي سنڌي ۾ ترجمو ڪريان. هن دستاويز جي سنڌي ۾ ڇپجڻ جي اجازت سندس ڌي شيرين مسعود ۽ ڊاڪٽر فوزيہ جاويد کان لکت ۾ ورتي جيڪا هن خوشي سان ڏني.

هن اهم دستاويز ۾ باب چوٿين "زميني سڌارن تي اسلامي قانون ۾" قران شريف جون موجود عربي آيتون, انگريزي واري ڪتاب ۾ اصل مسودي ۾ انگريزي ۾ ئي ترجمي جي صورت ۾ ڏنل آهن. پڙهندڙن ساٿين جي جماليات جي ضرورتن کي ڌيان ۾ رکندي, تن کي هتي عربي ۾ اصل صورت خطي ۾ بہ رکيو اٿم, پر انهن آيتن جو ترجمو مون انگريزي واري ڪتاب مان, انگريزي متن مان ئي ڪيو آهي.

اڄ جي هاري تحريڪ ۽ هارين جي معاشي بحالي جو تعلق سندن زمين تي مالڪي واري سوال سان ڳنڍيل آهي . هارين جي زمين تي مالڪي ۽ رسائي ڇو هجڻ کپي. تنهن سان ملڪي معاشي ترقي ڪيئن ڳنڍيل آهي, تنهن کي سموري دنيا جي ملڪن, يورپ جي سرمائيداري نظامن, روس, چين , جپان بنگال ۽ ٻين ڪيترن ملڪن ۽ سياسي قيادتن ڪيئن حل ڪيو تن جو هتي ذڪر ڪيل آهي .سنڌ جي هارين جي هن وقت معاشي حالت ۽ بدحالي تنهن دور جي مسعود کدر پوش واري لکيل اختلافي نوٽ کان گهٽي تبديل نہ ٿي آهي . اهي انگ اکر هاڻي بہ ڀيانڪ ۽ خطرناڪ آهن. خاص طرح سان هاري عورتون ۽ اقليتي هاري مرد ۽ عورتون , هاڻ بہ وڏيرڪي سياسي ۽ معاشي پاور جي چوڪاني ۾ قاتل آهن.

.هن ڪتاب جي مسودي جي ترجمي جي سڌاري, اکر پڙهڻي جي ڪم ۾, ڊاڪٽر ذوالفقار علي راهوجو ڊاڪٽر اختيار گهمرو, راحيلا گهمرو, ذوالفقار علي راڄپر ۽ هاري اڳواڻ ڊاڪٽر دلدار لغاري جن جو شڪر گذار آهيان , جن هن مسودي کي پڙهيو, پنهنجا قيمتي رايا ڏنا.

**ڊاڪٽر احمد نواز هڪڙو**

شڪارپور سنڌ

سيپٽيمبر 2020

# پذيرائي



آئون هن "اختلافي نوٽ" کي شايع ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪريان ٿي، تہ جيئن پنهنجي پيءُ جي سماجي خدمت ۽ ڪم ۽ هن جي منزل ۽ زميني سڌارن لاءِ ورتل ڪوشش کي مان ڏيان. هي "اختلافي نوٽ" منهنجي پيءُ گورنمينٽ کي هاري رپورٽ جي نالي ۾ 1948ع ۾ لکي ڏنو پر ان کي ان وقت شايع نہ ڪيو ويو. بهرحال، 1949ع ۾ ان وقت جي وڏي وزير جناب يوسف هارون حڪم ڪندي، هن "اختلافي نوٽ" کي شايع ڪرايو. توڙي جو اڄ بہ مون کي ياد آهي تہ منهنجو پيءُ ڪلاڪن جا ڪلاڪ هارين جي مسئلن تي مون سان ڳالهائيندو هو. جيڪو اڄ بہ منهنجي لاءِ سندس پيغام کي ياد رکڻ جو اتهاس آهي.

1973ع ۾ "اختلافي نوٽ" جون سموريون ڪاپيون ورهايون ويون، تنهن ڪري ان جي تازي اشاعت ۾ پروف ۽ گرامر جي غلطين کي درست ڪري، ٻيهر شايع ڪيو ويو آهي، تہ جيئن ان ۾ خيالن جو تسلسل رهي. آئون تمام گھڻو خبردار هُيس تہ ڪنهن بہ صورت ۾ پنهنجي پيءُ جي جذبي ۽ آدرش، هن جي لکڻيءَ جي اسٽائيل ۾ ڪا ڦيرڦار نہ ٿئي. آئون انتهائي شڪرگذار آهيان جون عالم جي ۽ هن جي تعاون جي، جنهن کان سواءِ هيءُ ڪم ممڪن نہ هو ۽ آئون شڪرگذار آهيان حنيف شاڪر ۽ اُن جي ٽرسٽ جي آفيس سيڪريٽريءَ جي، جن پنهنجو قيمتي وقت ۽ ڪوششون وٺي هن مسودي کي ٽائيپ ڪرايو.

آخر ۾ مون اها اميد ڪئي هئي تہ توڙي جو رپورٽ کي پنج ڏهاڪا اڳ ۾ شايع ٿيڻ کپندو هو پر پاڪستان ۾ زميني سڌارا اڄ بہ اڻ حل ٿيل آهن. هاري رپورٽ جي تجويزن سان سهمت ٿيندي، زميني سڌارا جيڪي گھٽي وقت کان نبيرجي نہ سگھيا آهن. انهن جي سڌاري جي ڪري اسان جي قوم ۽ اسان جو عوام لاڀائتو ٿيندو.

**ڊاڪٽر فوزيہ مسعود جاويد**

جون 2007ع، لاهور

# مهاڳ



1946ع ۾ آزاديءَ کان هڪ سال اڳ مسلم ليگ جي چئن اڳواڻن ڪراچيءَ جو دورو ڪيو. انهن ۾ لياقت علي خان ۽ چوڌري خليق الزمان، سر عبدالله هارون جا، مهمان ٿيا. اهي تاريخي چونڊن جي تيارين ۾ هئا، جيڪي چونڊون ايندڙ سال ٿيڻيون هيون، جن ۾ پاڪستان جي تحرڪ جو فيصلو سنڌ ۾ طئي ٿيڻو هو. اُهي هِتي انڊين سول سروس جي پنجن اهم ۽ مشهور آفيسرن سان مليا، جن جو پاڪستان جي نظرئي ۾ يقين هو انهن ۾ مان به هڪ هئس.

انهن گڏجاڻين ۽ ملاقاتن ۾ اسان ڪجھ ماڻهن مسلم ليگ جي اڳواڻن تي پنهنجي عدم اعتماد جو اظهار ڪيو ڇاڪاڻ ته اهي هڪ جاگيردار، نواب طبقي مان هئا.

چوڌري خليق الزمان چيو ته نوجوان ڪي مايوس نه ٿيڻ گهرجي، پر مسلم ليگ جو ميمبر ٿيڻ کپي، ته جيئن اڳواڻيءَ جي مسئلي کي منهن ڏيئي سگهجي. مون کيس جواب ڏنو ته مسلم ليگ جي اڳواڻيءَ کي تسليم ڪرڻ جو مطلب ٿيندو ته اسين ان ريل ۾ سواري ڪريون جنهن جي ڪابه منزل ئي نه آهي.

ليگ جي اڳواڻن کي اها مڪمل خبر هئي ته هاري، زميندارن ۽ جاگيردارن کي ووٽ نه ڪندا. بهرحال مضبوط اپيل اسلام ۽ پاڪستان تحرڪ جي نالي ۾ ڪندا، جڏهن ته هاري قابض زميندارن مان آزادي چاهين ٿا، تنهن ڪري ليگ جي گورنمينٽ محمد علي جناح جي حڪم هيٺ سنڌ هاري ڪميٽي جوڙي، ان آسري تي ته هاري ووٽ ڏيئي مسلم ليگ کي ڪامياب ڪندا، پر ليگ جي حڪومت تي زميندار ۽ جاگيردار قابض هئا، انهن هاري ڪميٽيءَ کي رد ڪيو ۽ هاري اڳواڻن

کي جيل پيڙو ڪيو ۽ جن ڪارڪنن کي حراست ۾ ورتو ۽ اعلان ڪيو ته هاري ڪميٽيءَ جو "اختلافي نوٽ" شايع نه ڪيو ويندو.

سنڌ ۾ ليگ جي نئين اڳواڻيءَ مان توقع صاف هئي. چوڌري خليق الزمان جي اميدن تي پاڻي ڦيرجي ويو. ليگ جي حڪومت، نوجوان قيادت ۽ پارٽي ورڪرن کي، جن هارين جي حقن جي ڳالهه تي ڪئي، تن کي پڪڙي جيلن ۾ واڙي ڇڏيو. بهرحال، عوامي هلچل مضبوط ٿيندي ويئي. ليگ گورنمينٽ کي مجبوراً "اختلافي نوٽ" کي شايع ڪرڻو پيو. جنهن هڪ وڏي احتجاج جي عوامي مطالبي جي شڪل اختيار ڪئي ته وڏيرن ۽ جاگيرداري نظام جو خاتمو آندو وڃي.

هاڻي مسلم ليگ جي قيادت نئين سازش ڪئي. 1950ع ۾ هارين جي همدرديءَ لاءِ هڪ قرارداد پاس ڪئي ويئي، جنهن ۾ صوبائي ليگ، گورنمينٽ کي هدايت ڪئي ويئي ته مناسب زميني سڌارا ڪيا وڃن. چوڌري خليق الزمان کان پريس، رات جي مانيءَ تي سوال ڪيو ته ڪيئن ليگ جي ردي قيادت زميني سڌارن جي قرارداد 1950ع واري پاس ڪئي. مون ڏانهن اشارو ڪندي هن جواب ڏنو ته "اهو اختلافي نوٽ، جنهن اسان لاءِ طوفان کڙو ڪيو آهي، اسان لاءِ ٻيو ڪو رستو نه بچيو هو." مون جواب ڏنو "چڱو ٿيو اوهان رڳو مشڪل صورتحال مان بچڻ لاءِ اهو ڪري رهيا آهيو پر حقيقت ۾ اوهان سڌارن لاءِ واقعي سچا نه آهيو پر مان اوهان کي ٻڌائيندو هلان ته اهائي قرارداد آهي جيڪا مسلم ليگ جي تباهي آڻيندي."

بهرحال، جاگيردارن ۽ نوابن کي اولهه پاڪستان ۾ يقين هو ته ان ڏس ۾ ڪوبه عمل نه ڪيو ويندو، سواءِ ان جي ته نوجوان ميمبرن جي جذبي کي ٿڌو ڪجي، پر انهن کي اها گهٽ خبر هئي ته اوڀر بنگال ۾، بعد ۾ اولهه پاڪستان، ليگ گورنمينٽ ڪو وقت وڃائڻ کان سواءِ قرارداد کي لاڳو ڪندي ۽ حقيقي ۽ گهڻ طرفا زميني سڌارا ڪري، انهن مان فائدو حاصل ڪندي. ايئن 1951ع ۾ نورالامين جي وزارت قانون پاس ڪري وڏيون جاگيرون ختم ڪيون ۽ ڪنهن به هڪ خاندان کي 30 ايڪڙ زمين کان مٿي رکڻ جي اجازت نه ڏني.

اهڙو عمل اولهه ۾ زميندارن ۽ جاگيردارن لاءِ هڪ صدمي کان گهٽ نہ هو. چاڪاڻ تہ هنن زميني سڌارا آڻڻ جو ڪو ارادو ئي نہ پئي رکيو. اهي بنگال جي نمائندگيءَ کان سخت ڊنل هئا ۽ ان ڳالهہ تي متفق هئا تہ سياسي طاقت ۽ اختيار پاڻ وٽ رکندا ۽ بنگالين کي سچي طاقت هرگز نہ ڏيندا.

وقت گذرڻ سان ليگ ڌڙن ۾ ورهائجي ويئي. ترقي پسند ڌڙو هڪ ڌر ۾ ۽ رد اڳواڻي ٻيءَ ڌر ۾ هلي ويئي. ڪين اوڀر بنگلاديش ۾ يونائيٽيڊ فرنٽ هٿان شڪست نصيب ٿي ۽ اولهہ پاڪستان ۾ ڌڙابنديءَ جي ڪري ڪمزور ٿي ويئي. هتي ترقي پسند ڌڙن, رد اڳواڻيءَ کي مسلسل چئلينج ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ ۽ فيصلي ۾ هڪ نئين پارٽي ريپبلڪن پارٽي جي نالي ۾ صدر اسڪندر مرزا جي صدارت ۾ ۽ گورنر نواب مشتاق احمد گرماڻي جي اڳواڻيءَ ۾ قائم ٿي.

1956ع جي آئين ۾ ترقي پسند ڌڙن لاءِ نوان رستا ۽ گس ڪليا, خاص ڪري جيڪي اوڀر پاڪستان ۾ هئا. جاگيردارن کي هينئر پنهنجي بچاءَ لاءِ ٻين چئلينجن کي منهن ڏيڻو پئجي ويو ۽ هنن ايوبي مارشل لا جي آئين جي مقابلي ۾ آمريت جي آجيان ڪئي, چاڪاڻ تہ وٽن بچاءَ جو ٻيو ڪو رستو ئي نہ هو. پر ملڪ جي سياسي ڍانچي ۾ جيڪي سنجيده تضاد هئا, اهي هئا اوڀر ۽ اولهہ جي حصن ۾ زمين جي مالڪيءَ جي تعريف, جنهن مان ئي ملڪ ٽٽڻ جو بنياد پيو. اولهہ پاڪستان جا جاگيردار سياسي طاقت ۾ اوڀر کي حصيدار بنائڻ لاءِ تيار نہ هئا ۽ الٽو آمريت جي ڪري کين لڪيل فائدو پئجي ويو ۽ آمريت جي نتيجي ۾ ترقي پسند انقلابين, غير جاگيرداري ڌرين کي اوڀر پاڪستان تائين محدود ڪري ڇڏيو. 1971ع جي اليڪشن جي نتيجن کين ڊيڄاري ڇڏيو. انهن خاموشيءَ سان رت ۽ ڳوڙهن جو ڊرامو اکين سان اوڀر پاڪستان ۾ ڏٺو ۽ اتي امن قائم ڪرڻ لاءِ يا سياسي حل لاءِ ڪا ڪوشش ورتي. نہ رڳو ايترو پر اتان ملٽريءَ کي ڪيڻ لاءِ سياسي جاگيردار قيادت ڪا ڪوشش بہ نہ ورتي. جاگيردار خاموش رهيا, چاڪاڻ تہ جيڪو ڪجهہ اوڀر بنگال ۾ وهيو واپريو جڻ تہ هنن جو ان سان واسطو ئي نہ هو. جڏهن تہ اوڀر بنگال جي قيادت وڏي واڪي اعلان ڪري چڪي هئي تہ هو جڏهن

اقتدار ۾ ايندا تہ جاگيرداري، وڏيراشاهي ۽ فيوڊل نظام جو خاتمو آڻيندا.

اوڀر پاڪستان جي سانحي کان بچي پئي سگهجيو جيڪڏهن ٻنهي طرفن جي اڳواڻن جا مفاد ساڳيا هجن ها. اولهہ ۾ طاقت جي مرڪزيت ۽ اوڀر جو طاقت مان خارج ٿيڻ ئي حقيقي معنيٰ ۾ سڌو سنئون مفادن ۾ ٽڪر جو نتيجو هو ۽ اها بدقسمتي هئي جو ملٽري آمريت کي اهو ڏينهن ڏسڻو پيو.

انهيءَ سانحي مان صحيح ۽ حقيقي سبق بہ نہ سکيا ويا. توڙي جو خون ۽ ڳوڙهن جي وڏي قيمت ادا ڪرڻي پئي. هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ سياسي ڇڪتاڻ ۽ ان مان ڦٽندڙ بحرانن کي سمجهجي. مون کي ڪو شڪ نہ آهي تہ جيڪڏهن اسين وري فيل ٿينداسين ۽ جيڪڏهن ان جي سببن جو ڳوڙهو مطالعو نہ ڪنداسين تہ مستقبل ۾ انهن نقصانن کان بہ نہ بچي سگهنداسين.

اوڀر پاڪستان جي وڏي سانحي مون کي ان ڳالهہ تي مجبور ڪيو تہ "اختلافي نوٽ" کي عوام اڳيان رکي سياسي قيادت تي زور وجهجي تہ گهربل صحيح واٽ ڳولين.

مون جڏهن "اختلافي نوٽ" لکيو تڏهن چيني انقلاب جڙ تہ ويجهو هو ۽ مختلف ملڪن ۾ سياسي تحريڪون عروج تي هيون. مون کي يقين هو تہ پاڪستان جو بچاءُ رڳو ان صورت ۾ آهي تہ زمين جي مالڪيءَ جي نظام ۾ سڌارا آڻي، سماجي انصاف جي راهہ متعين ڪجي، پر وقت گذرڻ سان آئون سخت مايوس ٿيس. آئون بنا شڪ جي ان نتيجي تي پهتس تہ جاگيرداري قيادت پاڪستان ۾ پنهنجا پير پختا ڪري چڪي آهي، جنهن کي ختم ڪرڻ ممڪن نہ آهي.

**محمد مسعود**

لاهور، 1973

تعارف

# زميني سڏارن جو مسئلو



زميني سڏارن جو مسئلو قومي سياست ۾ پاڪستان ٺهڻ کان وٺي حاوي رهيو آهي. هاري ڪميٽيءَ جي رپورٽ 1949ع جي اشاعت ۾ "اختلافي نوٽ" جي ڪري اهو اهم مسئلو وڏيڪ اجاگر ٿيو آهي. پاڪستان ٽٽڻ جو 1971ع وارو سانحو بنيادي طرح حڪومت جي ناڪاميءَ جو اعتراف ۽ ان مسئلي کي حل نه ڪرڻ جو سڌو نتيجو آهي. اوڀر پاڪستان 1951ع ۾ قانون سازي ڪئي، جنهن کي اوڀر بنگال اسٽيٽ اڪيوزيشن ايڪٽ (رياست طرفان زمين حاصل ڪرڻ- مترجم) طور ڄاتو وڃي ٿو. جنهن ۾ وڏين جاگيرن کي ختم ڪندي حڪومت سمورين زمينن کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو ۽ 30 ايڪڙن تائين زمين جي ملڪيت کي محدود رکيو. پر اولهه پاڪستان ۾ ڪي به زميني سڌارا 1958ع تائين يا اڳ ۾ متعارف نه ڪرايا ويا.

اوڀر پاڪستان جي جاگيردار قيادت کي بنگال کان 1951ع کان خطرو هو. جتي هو طاقت ۾ هئا ۽ 80 سيڪڙو سيٽون اهي کٽيندا هئا. انهن 1955ع جي اليڪشن ۾ 90 سيڪڙو سنڌ جي اليڪشن ۾ سيٽون کٽيون. آئيني اسيمبليءَ ۾ 310 مان 200 سيٽون اتان جي جاگيردارن کٽيون.

**اولهه- اوڀر جهيڙو:**

هن طرف اوڀر پاڪستان ۾ يڪي سر زميني سڏارن جي نتيجي ۾ طاقت وچين ۽ هيٺين طبقن ۾ منتقل ٿي. ٻنهي خطن ۾ سياست جو رنگ مختلف هو تنهن

ڪري اولهہ ۾ خوفزده/ ڏنل فيوڊل/ جاگيردار قيادت برابريءَ جي فارمولي جي ڳالهہ ڪندي، مرڪزي ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ بنگالي اڪثريت ڪي گهٽائڻ چاهيندي هئي. بهرحال، 1956ع جي آئين ۾ برابري شامل ڪئي ويئي. ان جي هوندي اولهہ پاڪستان جي جاگيردارن کي اجان بہ خطرو هو تہ بنگالي پنهنجي ننڍي اسيمبليءَ ۾ شموليت سان اولهہ پاڪستان ۾ هڪ ڏڪ سان جاگيرون ختم ڪري ڇڏيندا.

## 1971ع جا بحران:

بحران سخت تڏهن ٿي پيا، جڏهن بنگالين 1971ع ۾ مرڪزي ليجسليٽو اسيمبليءَ جون ٥٦ سيٽون کٽيون، نہ رڳو عوامي ليگ جي آئين ۽ منشور ۾، پر اليڪشني منشور ۾ بہ صاف صاف لکيل هو تہ هو سڄي پاڪستان ۾ جاگيرون ختم ڪندا. اهو اولهہ پاڪستان جي جاگيردارن لاءِ هڪ خطرناڪ اشارو هو، ڇاڪاڻ تہ هو اولهہ پاڪستان ۾ وڌيڪ طاقتور ٿي ويا هئا. هڪ تہ بيوروڪريسي ۽ ملٽري آفيسر هئا ۽ کين جاگيرون مليل هيون، ايوب خان کين نوازيو هو تنهن ڪري 1971ع ۾ پنهي اوير-اولهہ جي پاڪستانن ۾ جمهوري سياسي حل ممڪن نہ هو. 1958ع جي مارشل لا لڳڻ بہ انهن تضادن جو نتيجو هئي. اولهہ پاڪستان جا جاگيردار مارشل لا کي پليڪار چوڻ لاءِ آتا هئا ۽ فوجي آمريت کي آئيني حڪومت کان بهتر سمجهي رهيا هئا، ڇاڪاڻ جو آئيني حڪومت ۾ بنگال جي اڪثريت کان ڏنل هئا، ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ ڪوبہ جاگيردار يا نواب نہ هو. بنگال جي چيف منسٽر نورالامين اڳ ۾ ئي مسلم ليگ جي گورنمينٽ ۾ آئيني سڌارا 1950ع ۾ آڻي ڇڏيا هئا ۽ سنڌ ۾ "اختلافي نوٽ" جي ڪري مسلم ليگ جا ڪارڪن ان ڏس ۾ وڌيڪ سرگرم هئا.

## هاري ووٽر ۽ اليڪشنون:

1946ع ۾ ليگ جي قيادت هارين جي ووٽ تي اليڪشن کٽڻ لاءِ آتي هئي. هاري ووٽر اڪثريت ۾ هئا. هاري ڪميٽي ٺهڻ، ان ڏس ۾ سنو قدم هو ۽ ان ڪميٽيءَ جي صدارت سنڌ جي هڪ مضبوط جاگيردار سر راجر ٿامس پئي

ڪئي، جيڪو حڪومت جو زراعت جو مشير هو. ٻيو ميمبر مسٽر صديقي هڪ آفيسر ۽ وڏيرو هو. سنڌ قانون ساز اسيمبلي جڏهن هاري ڪميٽيءَ جي ميمبرشپ جي گهر ڪئي ته هارين لاءِ ڪير ترجمان آهي، ته اتي مسٽر مسعود، جيڪو نوابشاهه ۾ ڪليڪٽر هو ان کي هاري ڪميٽيءَ جو نمائندو ڪيو ويو. هن جو هارين جي ڪم ۾ جوڳو حصو هو. مسٽر جناح هن آفيسر کان ۽ سندس ڪارڪردگيءَ کان واقف هو.

آغا شاهيءَ کي هن ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. گهڻين اخبارن مسعود جي مشهوري ڪئي. 21 جون 1946ع تي "سنڌ آبزرور" اخبار لکيو ته، "مسٽر مسعود هارين کي زميندارن خلاف ڀڙڪائي ٿو. هارين کي ڪٽڪ جي لاباري مهل زميندارن جو قرض نه ڏيڻ تي همٿائي ٿو ۽ هارين جي چوڻ تي زميندارن ۾ ڏهڪاءُ ڦهلائي ٿو." اهڙي ٻي رپورٽ "ڊيلي ڪراچي" جي ايڊيٽوريل ڪمينٽ ۾ 18 آڪٽوبر 1946ع ۾ لکي ويئي ته: "هي هڪ آءِ- سي- ايس ڪليڪٽر آهي. هن جو مقصد آهي ته هڪ ٻيو زميندار ٿيان. هي زميندارن خلاف آهي ۽ هي هارين کي همٿائي ٿو. هي هارين جي مدد ڪري زميندارن کان بچاءُ ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو."

**اليڪشن مهم:**

جيئن جيئن اليڪشن ويجهي ٿي ته اخبارن ۾ مسعود کي نوابشاهه بدلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. مسعود هارين ۾ مشهور هو. هاري کيس پنهنجو نجات ڏياريندڙ سمجهندا هئا ۽ هارين جو جهڪاءُ پاڪستان جي ڪري مسلم ليگ ڏانهن هو. "سنڌ آبزرور" اخبار 12 آڪٽوبر 1946ع تي لکيو ته "اخبارن ۾ مسٽر مسعود لاءِ جيڪو ڪجهه ڇپجي پيو جيڪڏهن ان ۾ ڏهون حصو به سچ هجي ته به هن کي بدلي ڪري عدالتي جاچ ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن الزام ثابت ٿين ته کيس سزا ڏني وڃي ۽ برطرف ڪيو وڃي." "سنڌ آبزرور" وري گهر ڪئي ته، "مسٽر مسعود خلاف جلدي عدالتي جاچ ڪئي وڃي. نوابشاهه ضلعو جي- ايم سيد ۽ ليگ جي ووٽرن لاءِ نهايت

اهم ضلعو هو. جتان شيخ غلام حسين جي طاقت ۽ هن جي مسلم ليگ کي گهر پيڙو ڪرڻو هو.”

مسٽر مسعود تي پريس ۾ گهڻا حملا ٿيا ۽ گهڻين اخبارن اهڙن حملن ۾ حصو ورتو. ان جي جواب ۾ “الوحيد” اخبار 8 آڪٽوبر 1946ع تي لکيو ته. “مسٽر مسعود جو ڏوهه اهو آهي ته هو غريب هارين کي طاقتور زميندارن جي طاقت کان ۽ خوف کان بچائي ٿو.”هندو پريس مسعود خلاف پنڊي پاري ڏني ته هو زميندارن جي مفادن خلاف ڪم ڪري ٿو ۽ ڪانگريس اهڙن عنصرن جي حمايت ڪري ٿي.

هارين جو پاڪستان ۾ ووٽ:

اليڪشن ۾ هارين کي ڏتا ڏنا ويا ته ليگ جي حڪومت هارين جي ڀلائيءَ لاءِ نوابشاهه ۾ ڪم ڪندي. هارين لاءِ مسلم ليگ نيون اميدون پيدا ڪيون. قاضي اڪبر “جشنِ دادو” ۾ جي۔ ايم سيد جي مخالفت ڪئي ۽ واعدو ڪيو ته ليگ جي حڪومت اچڻ کان پوءِ نوابشاهه جي انسان دوست ڪليڪٽر کي دادوءَ ۾ بدلي ڪرائي رکيو ويندو. بهرحال. مسلم ليگ انهن واعدن تي اليڪشن کٽي ۽ جڏهن سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو قائم ٿيڻ مارچ 1946ع جي اليڪشن کان ڇهن مهينناڳ ۾ بنياد وڌوويو ۽ ڪميٽيءَ پنهنجا اجلاس ڪيا ۽ حڪومت قائم ٿي. ڪميٽيءَ پنهنجي رپورٽ فيبروري 1948ع ۾ هڪ سال ۽ ٽن مهينن جي عرصي ۾ جمع ڪرائي. ان وقت ايوب کهڙو سنڌ حڪومت جي قيادت ڪري رهيو هو. جيڪو پاڻ لاڙڪاڻي جو هڪ طاقتور جاگيردار هو. ان پنهنجو اصل رنگ ڏيکاريو. پوءِ زميندارن هاري ليڊرن ۽ ڪارڪنن کي گرفتار ڪري. پاڪستان جي بچاءَ واري قانون هيٺ جيل پيڙو ڪيو. هارين سان ڪيل سمورن واعدن تي پاڻي ڦيرجي ويو.

هارين سان دغا:

نئين ليگ گورنمينٽ ،هارين جي مطالبن تي ڪو به ڌيان نه ڏنو. جڏهن هارين جي ڪميٽيءَ ۾ زميندارن خلاف بحث ٿيندو هو ته مسٽر مسعود. چيئرمين سر راجر ٿامس کي ڏکيو پئجي ويندو هو ۽ گورنمينٽ لاڙڪاڻي جي هڪ وڏيڪ زميندار جي ايس ڪيهر کي ڪميٽيءَ جو ميمبر بڻايو ويو. جنهن نه رڳو راجر ٿامس جي پوزيشن کي مضبوط ڪيو پر مسعود جي سفارشن کي به رد ڪيو. تنهن

ڪري مسعود لاءِ "اختلافي نوٽ" لکڻ کان سواءِ ڪو ٻيو رستو ئي نہ بچيو جيڪو اختلافي نوٽ هن ڪتاب ۾ پيش ڪجي ٿو.

ڪميٽيءَ جي ميمبرن جون جملي سفارشون گهٽ ۾ گهٽ ٻاڳي حالتن کي جيئن جو تيئن رکڻ واريون هيون. صرف هارين کي بٽئيءَ جون ٿوريون رعايتون ڏنيون ويون، جيئن بٽئي اصولن مطابق هارين کي مناسب حصو ملي. هارين کي زمين تي مالڪيءَ جي حق کي تسليم نہ ڪيو ويو. "اختلافي نوٽ" ۾ سفارشون هيون تہ وڏين جاگيرن کي ختم ڪري، استحصال ڪندڙ ۽ نہ ڪيڙيندڙ کان زمينون واپس وٺي، ليز يا مقاطعي تي ڏيڻ تي پابندي هنئي وڃي. زمين تي حق صرف انهن جو هجي، جيڪي اتي رهندا هجن ۽ شخصي طور ڪم ڪندا هجن.

سنڌ گورنمينٽ "اختلافي نوٽ" کان سواءِ رپورٽ ڇاپي ڇڏي. جنهن جي جواب ۾ ملڪ ۾ مظاهرا ٿيا. "ڊان" اخبار 14 جولاءِ 1948ع جي ايڊيٽوريل ۾ لکيو تہ "مسٽر مسعود کي يقين آهي تہ هن جي مضبوط دليلن ۽ هارين جي تڪليفن کي ڏسندي، دورانديش تبديليءَ جون سفارشون ڪيون ويندڀون. عوام کي ان ڳالھ جو احساس آهي تہ سنڌ جي حڪومت، جنهن کي پارليامينٽ ۾ زميندارن جي سپورٽ آهي، نہ رڳو رپورٽ کي بلڪ ان کي ڪٻاڙ خاني حوالي ڪندي" "پاڪستان" اخبار 21 مئي 1948ع تي ايڊيٽوريل ۾ لکيو تہ "مسٽر مسعود جو اختلافي نوٽ، جيڪو ڪميٽيءَ جو ٽيون ميمبر هو، جنهن اسلام جي تاريخ ۽ تهذيب جا حوالا ڏيندي ۽ سنڌ جي زراعت جي حالتن کي بيان ڪندي، زمين کي اولھ جي ملڪن وانگر قومي تحويل ۾ ورتو وڃي، رڳو اهو دليل تہ ڏوڪڙ ۽ ٽائيم ضايع ڪري، هڪ اقليتي رپورٽ پيش ڪئي ويئي."

"اختلافي نوٽ" کي شايع ڪرڻ کان حڪومت جو انڪار:

اهڙن تجزين جي باوجود سنڌ حڪومت تي اخبارن ۽ ميڊيا جو ڪو وزن نہ پيو ۽ ڇپجڻ واري ان سوال کان ڪيبائيندي رهي. ڇهن مهينن جي لڳاتار عوامي مظاهرن کان پوءِ حڪومت پنهنجي مرضيءَ خلاف هڪ پريس نوٽ ڊسمبر 1948ع ۾ جاري ڪيو تہ "هاري ڪميٽي رپورٽ جيڪا حڪومت قائم ڪئي هئي، ان جي ڇپائيءَ جو

حڪم جاري ڪري ٿي. هڪ ميمبر مسٽر مسعود، جنهن پنهنجو اختلافي نوٽ ڏنو آهي، سنڌ حڪومت ان کي شايع نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.”

“ڊان” اخبار 24 ڊسمبر 1948ع تي حڪومت جي ان عمل جي مخالفت ۾ لکيو تہ “سنڌ گورنمينٽ “اختلافي نوٽ” کي لڪائڻ چاهي ٿي، جيڪو هڪ ميمبر لکيو آهي، تنهن ڪري سڀ ماڻهو اهو سمجهڻ ۾ بجا هوندا تہ اختلافي نوٽ ۾ ضرور ڪجهہ اهڙا مسئلا هوندا، جيڪي منسٽري عوام کان لڪائڻ چاهيندي هوندي. اختلافي نوٽ جيڪو مسٽر مسعود سرڪاري ميمبر هوندي لکيو آهي، ان کي ان مسئلي جي مڪمل ڄاڻ هوندي تہ پرڳڻي ۾ هارين جي ڇا حالت آهي ۽ هو پاڻ ڪليڪٽر جي عهدي تي سالن کان ڪم ڪري پيو.” ايئن “پاڪستان ٽائمز” اخبار بہ لکيو. سرڪار جي اهڙي عمل جي ملڪ ۾ مخالفت ڪئي ويئي.

**عوامي احتجاج:**

ترقي پسند نوجوانن، ليگ ۾ احتجاج ڪيو. ورڪنگ ڪميٽي ۽ ڊسٽرڪٽ ڪميشن سنڌ ۾ ليگ قراردادون پاس ڪيون تہ اختلافي نوٽ شايع ڪيو وڃي. آخرڪار، چوڌري خليق الزمان پاڪستان مسلم ليگ جي صدر پنهنجي شخصي عرض تي سنڌ جي گورنر کي “عوامي احتجاج” جي نظر ۾ شايع ڪرڻ جو عرض ڪيو. (ڊان، 4 جنوري 1949ع)

شاگردن مظاهرا ڪيا ۽ عوامي سجاڳيءَ جي مهم هلائي ويئي ۽ ايئن زميني ليند رفارمز هڪ منجهيل سٽ تي پيو.

**غير قانوني فتويٰ:**

ان وقت هڪ عجيب واقعو پيش آيو. هڪ پمفليٽ 16 عالمن طرفان شايع ٿيو جنهن جي اڳواٽي مولانا عبدالحميد بدايوني ڪري رهيو هو. عالمن چيو تہ انهن “اختلافي نوٽ” پڙهيو آهي ۽ “اختلافي نوٽ” غير اسلامي ۽ ليڪ “ڪميونسٽ” طرف جهڪاءُ رکي ٿو. عوام کي ان پمفليٽ حيرت ۾ وجهي ڇڏيو تہ عالمن کي اهو پمفليٽ ڪٿان مليو جنهن جي ڇپائيءَ تي سنڌ حڪومت

پابندي هنئي هئي. ان ۾ شڪ هو تہ ڪنهن جاگيردار/ فيبڊرل منسٽر ڇاٽي واٽي عالمن کي پمفليٽ ڏنو هجي. خوش قسمتيءَ سان، مسعود کي ان جو حقيقي ثبوت ملي ويو تہ ڪهڙي فيبڊرل منسٽر انهن عالمن کي لالچ عيوض اهڙي فتويٰ جاري ڪرڻ لاءِ چيو آهي. مسٽر مسعود سنڌ حڪومت کي اي۔ ڪي بروهيءَ وسيلي 6 مئي 1949ع تي قانوني نوٽيس، 5 لک روپيا هرجاڻي جو ڏياري موڪليو. سنڌ حڪومت ان ڏس ۾ خوش نہ هئي ۽ لياقت علي خان جي آفيس ۾ مسٽر مسعود کي گهرائي نوٽيس، واپس وٺڻ لاءِ چيو ۽ شخصي طور معاملو نبيرڻ جو يقين ڏياريو. هڪ مهيني کان پوءِ 20 جون 1949ع تي يوسف هارون، چيف منسٽر آف سنڌ، جيڪو جاگيردار طبقي مان نہ هو، آخرڪار "اختلافي نوٽ" شايع ڪرڻ جو حڪم ڪيو. سنڌ حڪومت جي بيوقوفيءَ ۽ ان مان جنم وٺندڙ غير يقينيءَ آخرڪار "اختلافي نوٽ" کي سڄي پاڪستان ۾ ۽ ٻاهر شايع ڪرايو.

## اختلافي نوٽ ۽ زميني سڌارا:

آزاديءَ کان پوءِ زميني سڌارن تي ڪو عمل نہ ڪيو ويو. استحصالي زميندار سرشتو قائم رهيو. مسٽر مسعود هڪ دفعو ذڪر ڪيو تہ ان مان رڳو هڪ نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ موجوده زميندار سرشتو هڪ وڏي لعنت آهي، جنهن ۾ ڪو ملڪ هلي ٿو. اختلافي نوٽ ان ڏس ۾ پهريون عوامي اظهار هو. مسلم ليگ ليندبڊ رفارمز (زرعي سڌارن) کي هٿ نہ لاتو وڏا زميندار قابض رهيا، جن پنهنجن مفادن لاءِ ان کي استعمال ڪيو. ليگ جو سڄو محور اسلام ۽ پاڪستان هئا. ان ڏس ۾ ڪو قدم نہ کنيو ويو. اختلافي نوٽ جڏهن 1948ع ۾ پڌرو ٿيو تڏهن قومي سياست ۾ ان جو ذڪر آيو. مخالف پارٽين اختلافي نوٽ مان ٽڪرا ڪٽي ليگ تي تنقيد ڪئي. انهن زميندارن جي ڏاڍ ۽ جبر جو ذڪر ڪيو، جيڪي مسلم ليگ جي پارٽيءَ ۾ هئا. اختلافي نوٽ کان پوءِ 1950ع ۾ مسلم ليگ بنگال ۾ قانون سازي ڪري، اڪثريتي هندو، مسلمان جاگيردارن کان زمينون واپس ورتيون. اوله پاڪستان ۾ صوبائي حڪومتن ان ڏس ۾ ڪن لاتار ڪئي. پنجاب ۾ دولتانہ حڪومتوڏا واعدا ڪيا، پر هنن ٽيننسي ۾ ٿورا سڌارا آڻڻ کان سواءِ ڪو

ڪم نہ ڪيو جنھن ۾ ڪيڙينڊڙ کي ٿورو فائدو ٿيو ۽ اھي بہ صحيح معنيٰ ۾ لاڳو ئي نہ ڪيا ويا.

### پاڪستان جو ٺٺڙ:

پاڪستان جا حڪمران زمين جي ان فرق کي ٻنهي خطن ۾ ۽ ان مان جنم وٺندڙ نتيجن کي نہ سمجھي سگھيا. اھي پنھنجين رياستن کي بچائڻ ۾ پرامید ھئا. انھن کي اھو يقين ئي نہ ھو تہ ھو اڌ ملڪ رڳو زمين جي مالڪي ۽ جاگيرون تڏھن ئي بچائي پئي سگھيا، جڏھن ملڪ کي بہ اڌ ڪجي. انھن ڪوشش ڪئي تہ اولھہ پاڪستان ۾ سياسي طاقت جو تحفظ ڪجي، پھريان مضبوط مرڪزي حڪومت ۽ بعد ۾ ملٽري آمريت، پئي عمل ملڪ کي ٻن ٽڪرن ۾ ورھائڻ کان بچائي نہ سگھيا. اھو فطري نتيجو نڪرڻو ئي ھو. ڇاڪاڻ تہ ٻنهي خطن جو طبقاتي ڍانچو مختلف ھو. بدقسمتيءَ سان پاڪستان کي قربانيءَ جو ٻڪرو ٺاھي فيوڊل ۽ جاگيرداري سرشتي کي بچاءَ جي نالي ۾ قربان ڪيو ويو. ايوب خان عوام کي متوجھہ ڪرڻ لاءِ نون سالن جو لينڊ رفارمز جو راڳ آلاپيو. ايوب جي سڌارن زمين جي مٿئين حد مقرر ڪئي ۽ ڇيڙ ۾ ھارين جي بيدخليءَ کي روڪيو. سڌارن انھن زميندارن کي نہ ھٽايو جيڪي زمين تي موجود نہ ھئا ۽ نہ ئي زمين جو مقاطعو ختم ڪيو. ڪي بہ زميني سڌارا ڪامياب نہ ٿيندا، جيستائين مٿين ٻن نڪتن کي لاڳو نہ ڪيو ويندو. اولھہ پاڪستان ۾ جاگيرن کي ختم ڪرڻ کان اڳ اھي بہ نڪتا لاڳو ڪيا ويا ھئا.

### 1972ع ۾ پٽي جا زميني سڌارا:

پٽي جي زرعي سڌارن ۾ اڳي جي مقابلي ۾ ڪافي تبديلي آھي. زمين جي وڪري يا مقرر حد 500 ايڪڙ کان گھٽائي 150 ايڪڙ آباديءَ واري زمين تائين محدود ڪئي ويئي ۽ غير آباد زمين 1000 کان 300 ايڪڙ يا 1500 پروڊيوس انڊيڪس يونٽ تائين ڪئي ويئي. مقرر حد 70 سيڪڙو گھٽائي ويئي، پر ھارين کي ڪا رعايت نہ ڏني ويئي. آبياني کي ھارين کان زميندارن ڏانھن منتقل ڪيو

ويو. زرعي ٽيڪس زميندار ڀريندا ۽ ڀيداوار ۾ حصو اڌو اڌ هوندو. سمورين بيدخلين ۽ ونگارن کي غير قانوني قرار ڏنو ويو. هارين کي زمين جي وڪري مهل پهريون حق ڏنو ويو. سڄي دنيا ۾ زرعي سڌارن جو مقصد هارين کي زمين جهجهي انداز ۾ ڏني ويندي آهي، تہ جيئن هو پاڻ ۽ مالڪ جي گهر ۽ ڪٽنب کي سنڀالي سگهي. ڪامياب سڌارن جو مطلب آهي تہ بي زمين هارين کي مالڪ ڪري، غير آباد ۽ غير منافعي بخش زمين کي ڀيداوار لائق بنائڻ.

اختلافي نوٽ ڪارائتيون تجويزون ۽ سفارشون ڏنيون. پهرين زرعي سڌارن ۾ 10 سيڪڙو هاري زمين جا مالڪ ٿيا. 1976ع ۾ ان جو سيڪڙو گهٽيو. جيڪا زمين معاشي اصول تحت ڪارگر نہ هئي، ان کي آباديءَ لائق بنائڻ لاءِ ڪي بہ قدم نہ کنيا ويا. اهڙي زمين ٽوٽل زمين جو 92 سيڪڙو هئي.

1976ع جا زميني سڌارا وڏا هئا، پر زمين جي مالڪيءَ جي مقرر حد شخصي طور ڪئي ويئي، نہ ڪي خاندان ليول تي، جنهن جو خاص نتيجو نہ نڪتو. قانون جو فائدو وٺندي انهن جي ممڪن فائدي کي اهڙن سڌارن وڏڻ ئي نہ ڏنو. ڀٽي کي ان جي خبر هئي، هن 1972ع ۾ هيئن چيو تہ، “مون کي خبر آهي تہ زميندار ۽ جاگيردار جي طاقت ۽ اختيار ڪيستائين آهي، قبائلي سردار، وڏيرا ۽ ملڪ ڇا آهن، اهي اهڙن زميني سڌارن کي ٽيڻ نہ ڏيندا ۽ پريشان ڪندا.”

ان ڏس ۾ مضبوط ادارا ئي نہ جوڙيا ويا، جيڪي اهڙن سڌارن کي لاڳو ڪن. هارين لاءِ قانوني مدد موجود ئي نہ هئي. خاص ٽربيونل هارين لاءِ صلاح مصلحت ۽ جهيڙي ختم ڪرڻ جا ادارا هئا. زرعي سڌارن مان جنم وٺندڙ مسئلن جو اهڙا ٽربيونلز حل نہ هئا.

اهڙي ملڪ ۾، جتي زمين جي مالڪيءَ ۾ وڏو فرق هجي، اتي اهي مسئلا حل ٿيڻ ڏکيو ڪم آهي. اڌ زرعي زمين 1.8 ايڪڙ کان گهٽ سائيز ۾ سراسري آهي ۽ تقريباً 43 سيڪڙو 5 کان 25 ايڪڙن تائين سراسري سائيز ۾ آهي. 11.5 ايڪڙن کان گهٽ تقريباً 92 سيڪڙو زمين آهي، جيڪا رڳو پيٽ پالي سگهي ٿي. وڏيون زمينون 25 ايڪڙن کان مٿي رڳو 8 سيڪڙو آهن، جيڪي. ملڪ جي

ٽوٽل پيداوار لائق زمين جا 43 سيڪڙو آهن.

زمين ۾ تحفظ ۽ مالڪيءَ جا تفريق جا وڏا مسئلا آهن. 42 سيڪڙو هاري هارپو ڪندڙ ۽ زميندار جي بيدخليءَ جي نشاني تي آهن. انهن جو تعداد 21 لک آهي. پاڪستان جي زرعي شماريات مطابق جيڪي زميندار زمين کان ٻاهر رهن ٿا، انهن جو به وڏو تعداد آهي. هڪياڱيتي حصي تي مالڪ زمين تي رهن ٿا. اهڙن زميندارن تي زرعي سڌارن جو ڪو اثر ئي نه ٿيو آهي. آمريڪي معاشي ماهر چواٽي، بي جنگ، بک، بدحاليءَ ڳوناٽي ۽ ٻهراڙي ڪميونٽي ۽ ملڪ جي جاگيردارن ۾ ٿيٽي آهي.

**حاصلات:**

اهو چوڻ غلط ٿيندو ته زرعي سڌارن مان ڪو فائدو نه پيو هجي. ڳوناٽي آباديءَ تي نفسياتي اثر پيا آهن. اهي ڪمزور، پاڙي ۽ پيسيل هاري نه آهن. انهن پنهنجي عظمت ۽ خود اعتمادي حاصل ڪئي آهي. انهن کي رڳو هڪ بااعتماد قيادت جي ضرورت آهي.

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته آمريت ۾ گهٽن آفيسرن ۽ جاگيردارن جو اثر گهٽ ٿيو آهي ۽ روينيو جي ڪرپٽ ۽ راشي عملداري گهٽ ٿي آهي ۽ ڪجھ سماجي ۽ معاشي فائدا پيا آهن.

نجي ملڪيت کي پاڪ ۽ صاف نٿو سمجهيو وڃي. آئين ۾ پراپرٽي ۽ ملڪيت وارن طبقن لاءِ خاص رعايتون ڪونه آهن. جاگيردارن جي طاقت ۽ اختيار کي هڪ حد تائين ڌڪ رسيو آهي. لکين هارين ۾ اميد پيدا ٿي آهي ته هڪ ڏينهن جاگيرون ختم ٿينديون ۽ انهن کي ملنديون.

زميندارن ۽ هارين ۾ سماجي رشتا تبديل ٿيا آهن. سنڌ، بلوچستان ۽ اين- ڊبليو- ايف- پي ((NWFP)خيبر پختونخواه مترجم) ۾ قبائليت ۽ جاگيرداريءَ ماڻهن کي پنهنجي هٿ هيٺ رکيو آهي. ڪجھ علائقن ۾ "روحاني“ طور قيد ڪري ۽ ڪٿي زمين جي مالڪيءَ ڪري انسان هاريپي ۽ قيد ۾ آهن. هاڻي گهڻن کي پنهنجن حقن جي خبر پئجي ويئي آهي ۽ ڪيئي سياسي پارٽيون جاگيردارن

خلاف آهن.

**تمام وڏي تباهيءَ مان سکڻ:**

اوپر ۽ اولهه جي ٻنهي خطن ۾ زمين جي مالڪي ۽ انهن مان معاشي فائدو هينئر ٻہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. زمين جي مالڪيءَ جي نظام فرنٽيئر، بلوچستان ۽ سنڌ ۾ هڪ طرف ۽ پنجاب ۾ اڪثريت ۾ ننڍن فارمن ٻئي طرف ان وٿيءَ کي وڌو ڪيو آهي، تنهن ڪري ان جو صحيح حل اهو آهي تہ زرعي سڌارن کي ۽ انهن جي اهميت کي سمجهيو وڃي. جيستائين سڄي ملڪ ۾ زميني زرعي سڌارا نٿا ڪيا وڃن، تيستائين هارين ۽ وڏن زميندارن ۾ ڇڪتاڻ رهڻي آهي. زرعي سڌارن جي سوال ۽ حل کي اوليت ڏيئي قومي منصوبابندي، آبپاشيءَ کي سڌارجي، جيڪو ڪجهہ باقي پاڪستان ۾ بچيو آهي.

**ميان سعادت علي امتياز**

ڊپٽي سيٽلمينٽ ۽ ريهيبليشن ڪمشنر، ڪراچي

19_8_1985

باب پهريون

# هاري ۽ زميندار

اهي انسان آهن ۽ ائين جيئن منطقي طور جانور آهن، پر انهن کي پالتو ۽ گهرو جانورن وانگر هڪليو يا گهليو ويو آهي. انهن سان منطقي انسانن جهڙو سلوڪ نہ پيو ٿئي. اهڙي ئي قسم جا سنڌ جا هاري آهن. هي آباديءَ جا اهي خاصا ماٺهو آهن، جيڪي زمين کيڙين ٿا ۽ هنن جي ڪري ئي پاڪستان کي اناج جو ملڪ سڏجي ٿو.

منهنجي لاءِ خوش قسمتي ۽ فخر جهڙي ڳالهہ آهي جو آئون غريب ماڻهن جو ساٿي ۽ بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ اسسٽنٽ ڪليڪٽر ٿي ڪري، اٺ سال سنڌ ۾ گذاريا.مون کي هارين جي بدحالي ڏسي صدمو رسيو. مون کي هڪدم هندوستان جي اصل رهاڪو ڀيلن جي حالت ياد اچي ويئي، ڇاڪاڻ تہ مون ڪيترائي سال انهن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪيو آهي. سنڌ جا هاري غلامن کان بهتر نہ آهن. اهي هڪ اوائلي دؤر ۾ رهن ٿا، جنهن ۾ ڪين پنهنجن سماجي، سياسي ۽ معاشي حقن جي ڪا ڄاڻ ئي نہ آهي. انهن جو زندگيءَ ۾ مفاد رڳو پيٽ ڀري کائڻ آهي، جنهن جي ذريعي هو پنهنجو جسم ۽ روح زنده رکيو اچن. زندگيءَ جي ڪنهن پهلوءَ ۾ ڪين هاڻي ڪا دلچسپي ئي نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ سندن زندگيءَ جو بنيادي مسئلو ئي حل نہ ٿيو آهي.

هارين جي زندگيءَ ۾ ڪو ڳانڍاپو/ تنظيم نہ آهي ۽ نہ ئي هو شعوري طرح منظوم زندگي گذارڻ جا عادي رهيا آهن. هو ڇڙوڇڙ، هڪٻئي کان پري، ڪکن ڪانن ۽ مٽيءَ مان ٺهيل گهرن ۾ رهن ٿا. هڪ سراسري روينيو ديهہ ۾ اٽڪل ڇهہ هڪٻئي کان پري پري ڳوٺ ٿين ٿا، جن ۾ ڪجهہ ماڻهو رهن ٿا ۽ ڪجهہ سڄ يا بيابان جو ڏيک ڏين ٿا. سندن گهر ۾ هاري ۽ مال هڪ ئي جهوپڙيءَ ۾ رهي ٿو. سندن گهر ۾ هڪ يا ٻہ ڪتون، ڪجهہ کائڻ جا ٿانوَ ۽ ڪُٽِ جا وٽا، ڪجهہ پراڻيون رليون ۽ ڪٽي ڪا ڪاٺ جي پيتي نظر اچي ٿي.

هاري، جنهن جا خاندان نسلن کان ڪا زمين کيڙيندا رهيا آهن، ان کي خبر ئي نہ آهي تہ هو ڪو زمين تي مستقل رهڻ جو اختيار بہ رکي ٿو يا نہ. هاريءَ جي زندگيءَ ۾ جيڪو سڀ کان وڏو خوف هميشہ مٿن حڪمراني ڪري ٿو سو آهي قيد ٿيڻ جو خوف، زمين تان بيدخليءَ جو خوف ۽ زال جي ڪچي وڃڻ جو خوف.

زميندار هن کان ڪنهن بہ وقت ڪاوڙجي سگهي ٿو ۽ هن کي زمين تان بيدخل ڪري سگهي ٿو. هن کي ان ڳالهہ جو بہ خوف رهي ٿو تہ بيٺل فصل هوندي، هن جا ڍور ڍڳا کسي، کين موچڙا هڻي، ڳوٺ مان ئي ڪڍيو وڃي ۽ اوچتو هو ٿاڻي تي زنجيرن ۾ قيد پيو هجي ۽ هن جي خلاف چوري، ڦر، قتل يا عام طرح 110 قلم جي جرم ۾ قيد ٿي پوي. جن هارين تي زميندار ڪاوڙبو آهي تہ کين بند ڪمري ۾ بڌي، نجي جيلن ۾ ڪال ڪوٺڙيءَ حوالي ڪيو ويندو آهي. نتيجي ۾ سالن جا سال بغير ڪنهن شنوائي يا ڏوهہ جي قيد ۾ پيا هوندا آهن.

هاري، زميندار جي سزا ۽ ڪاوڙ کان ايترو ڊنل هوندا آهن، جيترا اُهي دوزخ جي باهہ کان بہ ڊنل نہ هوندا آهن، ڇاڪاڻ تہ هو هنن روزاني جي بنياد تي اهڙن عملن ۾ زميندارن جي ڪاوڙ کي منهن ڏيندا آهن.

هڪ دفعي هڪ هاري، هڪ عورت کي پڇائي ويو. زميندار ان جي پاءُ کي گهرائي سندس پاءُ متعلق ڄاڻ ورتي. هن جي پاءُ پنهنجي پاءُ متعلق ڪابہ ڄاڻ نہ هئڻ جو جواب ڏنو. زميندار کي هن جو جواب نہ وڻيو ۽ پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڪيائين تہ هن کي وڻ سان ابتو ٽنگيو ۽ ڪٽڪو ڏيوس. هن کي اهڙي مار ڪڍيائون جو هو بيهوش ٿي ويو ۽ هن جو پيو پيءُ هن کي ڪٽائي ويو. زميندار زخمي هاريءَ تي ۽ هن جي گهر تي ڪڙي نظر رکرائي، تہ ڏسجي تہ هو ڪو اختيارين وٽ ڪيس تہ نہ ٿو داخل ڪرائي. هاريءَ جي پوڙهي ماءُ روج راڙو ۽ ماتم ڪندي پنهنجي بيهوش، زخمي ۽ رت ڳاڙيندڙ پٽ کي ڊاڪٽر ڏانهن وٺي وڃڻ چاهيو پر زميندار جي ماڻهن هنن کي ڪيڏانهن بہ وڃڻ کان روڪي ڇڏيو. ڇئن ڏينهن کان پوءِ روئي پار ڪيندڙ ماءُ جو پٽ مري ويو. زميندار جي ڪمدارن همراهہ جو لاش قبرستان ۾ دفن ڪري ڇڏيو. قتل ٿيل هاريءَ جي ماءُ کي ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ گهر

مان نڪرڻ ڏنو ويو. صدمي ۾ ڏک ۾ ماءُ چري ٿي پيئي. هوءَ بين زميندارن کي پنهنجي ڏک جو داستان ٻڌائيندي ۾ مدد لاءِ ٻاڪاريندي رهي، پر ڪو ڪڙ تيل نہ نڪتو. آخرڪار هن پوليس جي مدد وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ناڪام ٿي.

آخرڪار هوءَ منهنجي هندو سب ڊويزنل مئجسٽريٽ وٽ مدد لاءِ پهتي. هن جي پٽ جي قبر کولي ويئي ۽ زميندار جي ظلم جو پردو ڦاٽي پيو. سواءِ گرفتاريءَ جي وارنٽ نڪتو پر زميندار وارنٽ جي بئي ڏينهن شهر ۾ گهمندي ڏٺو ويو. ٽئين ڏينهن پوليس ان کي روپوش قرار ڏيئي ڇڏيو. هي ڪيس ڪنديارو تعلقي ۾ ٿيو. ڪجهہ ڏينهن بعد مون نوابشاهہ ضلعي مان چارج ڇڏي. اهڙي قسم جا واقعا زميندارن جي ننڍين بادشاهتن ۾ عام آهن، رڳو ورلي ڪو واقعو ظاهر ٿيندو آهي.

زميندار ڪنهن بہ وقت ڪنهن هاريءَ کي بيگر تي وهائيندو آهي، پلي ڪٽي هن کي پنهنجو گهر ٺهرائڻو هجي، ڪوهہ کوٽائڻو هجي يا ڪو عام ڪم هجي، زميندار هن کي ڪنهن بہ وقت پنهنجي زمين ۾ هر ڪاهڻ، ڏيگا واهڻ، شڪار ڪرڻ لاءِ ساڻ ڪڻڻ يا ڪنهن گهرو ڪم سانگي ڪڍهن بہ گهرائي سگهي ٿو. هو هميشہ زميندار جي سڏ جو منتظر رهي ٿو ۽ نہ ئي ڪنهن انڪار جي جرئت ڪري سگهي ٿو. هن کي خبر آهي تہ انڪارجا نتيجا اگرا ٿين ٿا.

هاريءَ لاءِ خوبصورت زال بہ خطري جي گهنٽي آهي. زميندار ڪنهن بہ وقت هن کي پنهنجيءَ زال تان هٿ کڻڻ لاءِ چئي سگهي ٿو ۽ انڪار جي صورت ۾ هن کي ڌمڪائي ۽ زبردستي ۾ ڏاڍائي بہ ڪري سگهي ٿو. زبردستيءَ هن جي زال کي کڻائي بہ سگهي ٿو يا هن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ قيد ڪري، هن جي زال کي اڪيلو ڪري پاڻ وٽ رهائي بہ سگهي ٿو. هر پاسي کان مايوسيءَ جي صورت ۾ زميندار، هاريءَ کي مارائي بہ سگهي ٿو. اهڙي قسم جو هڪ ڪيس هڪ هارياڻيءَ مون کي ٻڌايو. هن جو مڙس گم ڪيو ويو. هن جي ماءُ کي خبر پيئي تہ زميندار جي ماڻهن هن جو قتل ڪيو آهي. حقيقت ۾ زميندار عورت تي هرڪجي پيو هو ۽ هن جي مڙس ان ڳالهہ کي برداشت نہ ٿي ڪيو. ان کان پوءِ زميندار هن کي بيدخل ڪيو ۽ هو ڪنهن ٻئي ڳوٺ لڏي ويو. هڪ ڏينهن هو مال چارڻ ويو ۽ گهر نہ موٽيو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هن جي زال کي زميندار جو نياپو مليو تہ. ”هاڻي تہ مڙس مان تنهنجي جان ڇڏائي اٿم، ڇا اجان بہ تون منهنجي رکيل نہ ٿينديئن؟“

اليڪشنون غريب هارين لاءِ مصيبتون آهن. مخالف اميدوار ڪين مخالف رخن ۾ ڇڪين ٿا، پر هارين جي ڪنهن ۾ بہ دلچسپي ناهي. زميندار جنهن کي مستقبل ۾ وڏا ڏوڪڙ ملندا ۽ ڪيس يا سندس مٽن مائٽن کي نيڪن، دڪانن ۽ نوڪرين جو فائدو ٿيندو. زميندار هارين کي پنهنجن اميدوارن کي ووٽ ڏيارڻ لاءِ خبردار ڪندا رهندا آهن. هاري ويچارا فرمانبرداريءَ وچان ”ها“ ڪري، تڪڙ ۾ قرآن کڻي زميندار کي يقين ڏياريندا آهن. جڏهن ووٽ ختم ٿيندا آهن ۽ نتيجن جو اعلان ٿيندو آهي ۽ جيڪڏهن مخالف اميدوار کٽي ويندو آهي تہ هڪ ٻي مصيبت ۽ بدقسمتي جنم وٺندي آهي. هاريءَ جي مشڪلن ۾ اضافو ٿي ويندو آهي، ڪيس هيسايو ويندو آهي، ان کٽي ايندڙ اميدوار جي پارٽي ميمبرن طرفان، جنهن جي هن زميندار جي چوڻ تي مخالفت ڪئي هئي، ڇاڪاڻ تہ هاڻي علائقي جا ڪنٽرول (راشن جا دوڪان) سڏا سنوان نئين چونڊيل اميدوار جي اختيار ۾ اچي ويندا آهن. هاڻي هاريءَ کي اتان ڪپڙا لٽا ۽ کنڊ وٺڻ بہ مشڪل ٿي پوندي آهي. هن کي ڪوڙن ڪيسن، ڦر جي ڪيس، ڍور ڍڳي ڪاهڻ جي ڪيس يا ڪنهن جهيڙي يا ڪنهن کي زخمي ڪرڻ جي ڪيس ۾ قيد ڪيو ويندو آهي.

هاري جڏهن زميندار جي سامهون ايندو آهي تہ سندس حالت هڪ ٻي يارومددگار غلام جهڙي هوندي آهي. اِها ڪا عام رواجي ڳالهہ ناهي تہ ڪيترائي هاري ايندي شرط زميندار جي پيرن تي هٿ رکندا آهن. جيئن ئي زميندار زمين تي پهچندو آهي، هاري ۽ هن جا ٻار ٻچا زميندار کي پهريان جهڪي ملندا آهن، پيرين پوندا آهن ۽ اُٿي ڪري هن جو هٿ چمندا آهن. ايئن هو زميندار جي تعظيم ياعزت نہ ڪندا آهن ۽ نہ ئي هن جي روحاني درجي جي ڪري ۽ نہ ئي ٻي ڪنهن خاصيت جي ڪري، پر هن کي اِهو احساس ڏياريندا آهن تہ هو هن جا فرمانبردار ٻانها آهن، هن کي سجدا ڪندا آهن ۽ هن جي ئي رحم ڪرم تي جيئرا آهن. مون هڪ بہ اهڙو هاري نہ ڏٺو آهي، جيڪو زميندار جي اڳيان يا منهن سامهون اٿي ويهي

۽ هن کي شان ۽ شوڪت ۽ عظمت سان پليڪار چئي. هڪ انسان، ٻئي انسان سان ڇا نہ ڪيو آهي. ان کان وڌيڪ ڪھڙو بدنصيب ۽ خطرناڪ نظارو هوندو، جڏهن هڪ اپيپاپبي يارو مددگار هاري، مرد ۽ ٻار زميندار جا پير چُهن.

اسلام خدا جي عظمت ٻڌائيندي تلقين ڪري ٿو تہ ڪنهن جي بہ سامهون نہ جهڪو سواءِ هڪ خدا جي، پر جڏهن هاريءَ جي اسلام جو زمين ۾ جائزو وٺجي تہ خبر پوندي تہ ڏرتيءَ تي اسلام جي نالي ۾ سمورن وسيلن جو مالڪ زميندار آهي ۽ هو غريب هاريءَ کي ڪنهن بہ وقت موت جي ننڊ سمهاري سگهي ٿو. هو خدا جي عظمت کي هڪدم وساري ڇڏي ٿو ۽ مڪمل طرح زميندار جي قدمن ۾ ڪري پوي ٿو. اسلام ۽ انسان جي برابريءَ وارو تصور هن لاءِ ۽ هن جي دماغ لاءِ هڪ اجنبي تصور بڻجي وڃي ٿو. ڪنهن هاريءَ ۾ ايتري همت ئي نہ آهي جو ڪنهن سان گوڏو گوڏي ۾ ملائي ويهي يا کٽي ڪنهن زميندار جي سامهون يا زميندار کان مٿي جي ڪنهن ڪرسيءَ تي ويهي، يا کٽي وڻ جي ٿاري هجي، سرن جو دڪو هجي يا وري واريءَ جو دڙو هجي، هن کي لازم آهي تہ هو پٽ تي ويهي ۽ هن ڪڏهن بہ زميندار جي برابريءَ جي ڪنهن بہ سطح تي ويهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پوءِ هن کي بدنام، بي عزتو ۽ زمين تي ڪم ڪرڻ لائق نہ هئڻ ٺهرائي، پنهنجن ابن ڏاڏن ۽ نسلن کان ڪم ڪندڙ زمين تان بيدخل ٿيڻو پوندو. پير ۽ مولوي، جيڪي زميندار جا دوست آهن، اُهي هارين سان همدردي ڄاڻائي، زميندار پاران ساڻن ٿيل زيادتيءَ کي "مقدر" ڄاڻائي، کين ننديندا آهن تہ خدا هميشہ لاءِ سندن مقدر اهڙو ئي لکي ڇڏيو آهي.

هاري، جنهن نسلن کان استحصال، ڏاڍ ۽ جبر ۾ گذاريو آهي، هاڻي هن محسوس ڪرڻ شروع ڪيو آهي تہ سندس جيڪا حالت آهي، خدا هن جي مقدر ۾ ايئن ئي لکي ڇڏيو آهي ۽ تنهن ڪري ان تقدير تي ڪهڙو ماتم ڪجي يا ڳوڙها ڳاڙجن. هو پنهنجن اهڙين حالتن ۽ بربادين جو ڇڻ تہ عادي ٿي ويو آهي ۽ چپ چاپ پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي ڪپڙي لٽي ۽ وقت سر مانيءَ لاءِ پريشان آهي. هن جي زندگي ڏاڍائين، خوشين ۽ ماتمن جي رڳو ايتري آهي، جيتري ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ هڪ قيديءَ جي، جيڪو سالن جي قيد ۾ رهڻ کي پنهنجي قيدي حالت

ٿي سمجهندو هجي. هن کي آزاديءَ جي طاقت، استحصال کان ڇوٽڪارو ۽ اظهار جي آزادي هن جي اڻ پڙهيل حيثيت هن کان کسي ڇڏي آهي. هاري پنهنجين تباهين ۽ بربادين جون خطرناڪ کهاڻيون ٻڌائيندو آهي. صدين جي استحصال هن ۾ هڪ اڻ کٽ ڪمتري پيدا ڪري ڇڏي آهي، جو حڪومت جي سرڪاري ملازمن ۽ڪلارڪن کان به هن کي خوف ٿئي ٿو چڻ ته ڪوتوال، پٽيوالا، سپاهي يا تپيدار، جيڪي ڪنهن به وقت هُن جي بيعزتي، تذليل يا بنا خوف ڪجهه به ڪري سگهن ٿا، سواءِ ڪنهن بالا آفيسر جي خوف کان.

سراسري طور هاريءَ وٽ مشڪل سان 16 کان 18 ايڪڙ زمين هوندي، جيڪا هو 8 ايڪڙ ربيع ۾ ۽ 8 ايڪڙ خريف ۾ پوکيندو آهي. جڏهن فصل تيار ٿيندو آهي ته زميندار جو ڪمدار حڪم ڪندو آهي ته فصل کي زميندار وٽ پهچايو وڃي. هاري ان کي تيستائين هٿ به نٿو لائي سگهي، جيستائين بٽئي مڪمل نٿي ٿئي. هاري پورو سال پورهيو ڪري ٿو پر جڏهن فصل پچي راس ٿئي ٿو ته ان تي هڪ ڏک پري نظر ڊوڙائي ٿو. ڪيس خبر هوندي آهي ته اهو سڄو فصل زميندار ڏانهن ويندو. اهوئي فيصلو ڪندو ته هن جو حصو ڪيترو آهي، تنهن ڪري هڪ بکايل ماڻهوءَ وانگر، جنهن کي وڏي هاريي، مشقت ۽ پورهئي کان پوءِ ڪو مناسب پيٽ گذر ٿيندو پر ان سڄي فصل کي ظالم زميندار وٽ ڏيٺو پوي ٿو. جنهن جو وڏو حصو هو هڙپ ڪري ڇڏيندو ۽ پيٽ بکايل لاءِ چند ڪٽا بچائيندو، جيڪي هن جي پيٽ گذارڻ لاءِ هوندا. زميندار جا واٺا بٽئي ورهائيندا. بٽئي ورهائڻ جا ڪي به لکت ۾ قانون ڪونه آهن ته هاري ۽ زميندار جو حصو ڪيترو بيهندو، پر غير قانوني آبيانا، ٽيڪس، ڇيڙ، چندا هاريءَ جي حصي مان ڪاٽبا. آبيانو روايتي ٽيڪس آهي، جيڪو خانداني طور زميندار جي ابن ڏاڏن مڙهيو هو. اُهي ايترا ته مضبوط ۽ طاقتور جاگيردار هئا جو ان وقت جي هارين يا سندن ابن ڏاڏن ان جي خلافان وقت چئلينج ڪري سگهن يا توڙي جو هن وقت ۾ به چئلينج ڪري سگهن. هاڻي به زميندار ڪنهن قسم جو آبيانو هٽي ته ڪنهن هاريءَ کي ان جي مخالفت يا انڪار ڪري سگهڻ جي جرئت نه ٿيندي. ان قسم جا آبيانا هٽڻ

ڪا روايت هئڻ بدران صرف ۽ صرف طاقت آهي، نہ ڪا هاريءَ لاءِ پسند يا اوليت، جنهن کي ڪنهن مدد يا رحم جي ڪنهن وٽان اميد هجي، جنهن وٽ هو وڃي ٻاڏائي. اهڙن آبيانن کان پوءِ هاريءَ جو حصو ايترو بچي ٿو جو مشڪل سان سڄي سال لاءِ هن جو گذارو ٿئي، ۽ ان حصي مان بہ هن کي ڳوٺ جي فنڪارن، ڪلاڪارن، پيرن، فقيرن، درگاهن کي ڏيڻو پوي ٿو. نقدي فصلن جي بٽئي ٿئي ڪونہ. اها زميندار وٽ اڳ ۾ ئي قرض ۾ گروي رکيل هوندي آهي، جيڪي قرض اڳ ۾ ئي زميندار جا هاريءَ تي چڙهيل هوندا آهن. جيڪي هن کي مختلف وقتن تي زميندار کان کنيل هوندا آهن. اهڙا قرض هاري ڪپڙي لٽي، گهريلو ضرورتن، ٻج، ياڻ ۽ ڍڳن خريد ڪرڻ لاءِ کنيل هوندا آهن. زمين مان ٿيل اپت هن لاءِ ڪافي نہ هوندي آهي، تنهن ڪري هاريءَ کي قرض ڪڍڻو پوي ٿو ۽ ان اٽڪت قرض کي لاهڻ ۾ نسل جا نسل پورهيو ڪن ٿا، پر قرض ختم ئي نٿو ٿئي. قرضن جا ڪاتا زميندار جا منشي رکندا آهن، جيڪي گهٽي ياڳي بي ايمان، ڪوڙا ۽ قرض جا غلط ڪاتا ناهي هاريءَ کي ميڙائڻ لاءِ زبردستي مجبور ڪندا آهن. واٽيا ۽ قرض ڏيندڙ ورياجي هاريءَ کي بي رحميءَ سان ڦريندا آهن. جيڪي زميندار ورياج خور نہ هوندا آهن، اهي ورياج نہ وٺندا آهن، پر ان تي ڳرا آبياناهٽندا آهن. هاريءَ کي مستقبل ۾ قرض مان جان ڇٽڻ جو ڪو آسرو نظر نہ ايندو آهي، سواءِ ان جي تہ پنهنجي ڍڳين جو جوڙو ۽ گهر جا ٽپڙ گروي رکي، جيڪي هن جي ڪل ملڪيت آهن، سواءِ ان جي هاريءَ کي ڪو ٻيو زميندار بہ پاڻ وٽ نہ رکندو، ڇاڪاڻ تہ قرضي هاريءَ کي تيستائين قبول نٿو ڪيو وڃي جيستائين هو پنهنجو قرض لاهي. عزت ۽ عظمت جا اهڙا معيار تہ وچئين دؤر ۾ غلامن جي ڪاروبار لاءِ بہ نہ هئا، تنهن ڪري غريب هاريءَ کي زندگي گذارڻ لاءِ ظالم زميندار کين نپل، هيٺو ۽ ڪمزور ڪري ڇڏين ٿا. هاريءَ کي ان مجبوريءَ ۾ رڳو ڍڳين جو جوڙو يا ڪو چوپايو مال بچائي ٿو. هر هاريءَ کي ڪجهہ چوپايو جانور هوندا آهن، جن کي هو وڏي پيار ۽ پابوهہ مان جوان ڪري ڪجهہ آمدنيءَ لاءِ ۽ گهر هلائڻ لاءِ نپائي جوان ڪري ٿو. زميندار شڪايت ڪري ٿو تہ هاري زمين جو ڌيان ڪرڻ بدران مال تي ڌيان وڌيڪ ڏئي ٿو پر اهو تہ

فطرتي آهي تہ چوپايو مال ئي سندس شخصي ملڪيت آهي. جيڪڏهن چوپائي مال کي بہ ٻنئيءَ جي ورهاست ۾ ڏي تہ پرڳٽي جا سمورا جانور ڪڏهن جو ختم ٿي ويا هجن ها. سنڌ جي جانورن جي هاڪ سڄي پاڪستان ۽ هندوستان ۾ آهي. اها فطرت جي وڏي مهرباني آهي تہ چوپائي مال جي صحت زميندار جي ڪنٽرول ۾ نہ آهي.

جيڪڏهن خراب ترين زميندارڪي ڏٺو وڃي تہ هو هڪ وڏو پنهنجي علائقي جو گڙنگ جاگيردار ۽ ڪيس لاتعداد نوڪر چاڪر، ڀلا ڍڳا، پنهنجا سٺا گهوڙا ۽ مينهون ڊاريل هونديون آهن. هن وٽ تمام گهڻيون بندوقون ۽ شڪار جو سامان هوندو آهي، جنهن تي هو ساليانو هزارين روپيا خرچ ڪري ڇڏيندو آهي. هن کي ڏيکاءَ ۽ دٻدٻي جو شوق هوندو آهي. هو قيمتي گاڏيون رکندو آهي ۽ قيمتي شين تي پئسا خرچ ڪندو آهي. هو ڪائڻ پيئڻ ۽ پهرڻ ۾ شاهہ خرچ هوندو آهي. هن جي رهڻي ڪهڻيءَ لاءِ اوائلي زماني جي آرام پسند مهانگيون شيون هونديون آهن ۽ سندس بيڪار قسم جا جنسي شغل هوندا آهن. هو ڪوڙي ڏيک ۽ نماءَ جي شين جي پسند ڪري پنهنجي جسم ۽ ذهن تي پنهنجي آمدني ۽ توانائيون خرچ ڪندو آهي. هن کي عورتن ۾ دلچسپي هوندي آهي. هن وٽ هڪ، بہ يا ڪيتريون ئي رکيل هونديون آهن. هن جي نفساني خواهشن ۾ حد کان وڌيڪ دلچسپيءَ جي ڪري جنسي ڪشتا(جنسي طاقت جا معجون) ڪنهن حڪيم کان ٺهرائيندو آهي، جيڪي گهڻي ڀاڱي عطائي حڪيم هوندا آهن. هن کي موسيقيءَ سان دلچسپي هوندي آهي ۽ ڳائڻين کي سماجي فنڪشن ۾ گهرائيندو آهي، جتي هو ڪين آفيسرن جي مهماني، ٻارن جي ڄم، طهر يا پٽ جي شاديءَ جي ڪاج ۾ گهرائيندو آهي، تہ جيئن ڪين پنهنجي قيمتي رهڻي ڪهڻي، خرچ جي طاقت جو مخالف زميندار لاءِ نمائش ڪري سگهجي. هن کي شراب نوشيءَ جي عادت هوندي آهي ۽ مهانگيون وسڪيءَ جون بوتلون روزانو پارٽين ۾ پيئندو ۽ خالي ڪندو آهي. پينگ يا گائنچو هن جي نيرن ۾ شامل هوندو آهي. هو گهڻي ڀاڱي مهمان نواز هوندو آهي ۽ خاص ڪري واندن کي گهرائيندو آهي، جيڪي سڄو

ڏينهن هن جي ڪمن جي پيا تعريف ڪندا آهن. هن جو بورچي خانو سچو ڏينهن هلندو آهي ۽ هن جي خاص مهمانن ۽ نوڪرن لاءِ مانيون پيون پچنديون آهن. اهڙا ماڻهو ئي هن جي طاقت هوندا آهن. اهڙا ماڻهو وچئين دؤر ۾ يورپ جي نوابن جا نوڪر ۽ سپاهه هوندا هئا.

زميندار جي شاهه خرچين ۽ اسٽائيل جو هن جي ڪيسي تي وڏو بار پوي ٿو ان ڪري هو غير قانوني آمدنيءَ جا ذريعا ڳولي ٿو ڇاڪاڻ ته هن جي قانوني آمدنيءَ جا ذريعا محدود آهن، ان ڪري هو هاريءَ تي ڇيڙ، ابواب_آبيانو ۽ مختلف استحصالي ونگارون هڻي ٿو. هن وٽ پاٿاريدارن جا گروهه هوندا آهن، جيڪي چوريءَ جون شيون، مثال طور چوپايو مال خريدڻ، چورن ۽ ڌاڙيلن کي پناهه ڏيڻ، جيڪي هن جي مستقل حيثيت ۾ شڪل ۾ رکٽا هوندا آهن. زميندار هميشه پاٿاريدارن جا رکوالا هوندا آهن، جن وٽ وڏيون جاگيرون ۽ سرڪاري خطاب ۽ لقب هوندا آهن، جڏهن ته پاٿاريدار پاڻ کي هڪ وڏو معتبر ماڻهو سڏائيندو آهي. هن جي خلاف ڪو چوريءَ جو ڪيس به داخل نه هوندو آهي، حالانڪ هن جي پاڙي وارن کي هن جي سڄي خبر هوندي آهي، ان جي ابتڙ هن کي پنهنجي سرپرست بلڪ پوليس جو به هٿ رکيل هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته ڪڏهن ڪڏهن هو پوليس جي وارداتن ۾ مدد ڪندو آهي. چوپائي مال جي چوريءَ واري1926عجيبهڪ رپورٽ مطابق ڪجهه ضلعن ۾ چوپائي مال جي چوريءَ ۾ گهٽتائي آئي ، جتي بدنام زميندارن کي جيل ۾ وجهڻو پيوهو.

هن جون پاڙي جي جاگيردار سان دشمنيون هونديون آهن. هو ان ڳالهه جو منتظر هوندو آهي ته مخالف سان حساب برابر ڪرڻو آهي ۽ ان ڪري طاقت ۽ مضبوطيءَ جي نمائش ڪري مخالف زميندار کي ڊيڄاريندو آهي ۽ پنهنجي علائقي ۾ دبدبو ۽ رعب هارين تي ڄمائيندو آهي، جن کي خبر هوندي آهي ته هو پنهنجو ايمان ۽ ڪمزور جسم جيڪڏهن بين کي ڀڏائجي ته هن جو مخالف هن کان وڏيڪ طاقتور آهي، تنهن ڪري هن کي ظلم، زبردستيءَ ۽ خوف کي هر طرف هلائڻو پوندو آهي. هڪڙو طريقو هي آهي ته هو چورن ۽ لوفرن کي پالي مخالف

جي دل ۾ خوف جي فضا قائم رکي ۽ مخالفن کي ڊيڄاري. جيترا گهڻا واٺا هوندا، اوترو ئي مخالفن کي خوف ۽ ڌهڪاءُ هوندو. جڏهن به طاقت جو اظهار ڪرڻو هوندو ته هو پنهنجا چور مخالف جي مال جي چوريءَ لاءِ موڪلي ڏيندو. ڪڏهن ڪڏهن ڌاڙيلن کي موڪلي ڏيندو ته به- تي فائر ڪري اچو. اڪثر ڪري ڪين چوندا ته مخالفن جي خوبصورت عورت کي اغوا ڪري اچو. ان ۾ سڀ کان وڏيڪ متاثر مخالف ڌر جا غريب هاري ٿيندا آهن.

پنهنجو دٻدٻو ۽ خوف ويهارڻ جو هڪ طريقو ٻيو به آهي. اهو آهي پوليس سان ياري ۽ اعتماد. ۽ خاص ڪري سب انسپيڪٽر يا ٿاڻي جي انچارج سان ياري. زميندار هن جو اعتماد ۽ ياري حاصل ڪرڻ لاءِ قيمتي شين جا تحفا، سٺي دعوت، وسڪيءَ جون بوتلون، عام پارٽيون يا پنهنجي ڪار، ٽانگو يا گهوڙو ڪيس حوالي ڪري يا هن جي نفساني ۽ جنسي خواهشن جو پورائو ڪري. هو پوليس واري کي گهرائي چوريءَ جي مال مان حصو به ڏيندا آهن. سب انسپيڪٽر پوءِ هن جي چورن جي ۽ ڌاڙيلن جي ڳجهي معلومات راز ۾ رکندو آهي ۽ ڪيس علائقي ۾ ٿيندڙ ڏوهن تي ۽ قانون جي ڪارروائيءَ کان آجو رکندو. زميندار ڪيس بالا آفيسرن جي ڪارروائيءَ کان تحفظ ڏيندو، جيڪڏهن هو ڪنهن مشڪل ۾ ڦاسي پوي. جڏهن ڪا ڳالهه صفا خراب ٿي وڃي ته ڊي- ايس- پي يا ايس- پي سان دوستاڻا تعلقات هئڻ جي ڪري سڌي سنئين رشوت به ڏبي، ته جيئن وڏين سزائن ۽ ممڪن جانچن کان بچي سگهجي. هو جڏهن به بالا آفيسرن سان ملندو ته پنهنجي سنگتيءَ ۽ ساٿاريءَ جي تعريف ڪندو ۽ سب انسپيڪٽر هڪ اهڙو تاثر ڏيندو جهڙوڪر هي وڏو ايماندار ۽ صلاحيت ڀريو آفيسر آهي. اهڙي طريقي سان زميندار روينيو آفيسر کي، پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ ۽ ٻين آفيسرن کي رشوتون آڇي، ڪرپٽ ڪري، هنن جو اعتماد حاصل ڪري ٿو ته جيئن هن کي پنهنجين غير قانوني سرگرمين ۾ مدد ملي. هن جي اهڙي اسڪيم ۾ هن جو خوف، دابو ۽ دٻدٻو وڌڻ جي ڪري هن جي آفيسرن ۽ ملازمن تي گرفت مضبوط ٿئي ٿي. هو منسٽر جو دوست ٿئي ٿو ۽ آفيسرن ۽ غريب هارين کي شان سان ٻڌائي ٿو ته هو منسٽر صاحب جو دوست

آهي. زميندار هر ملازم کي ٻڌائي ٿو ته هو چاهي ته ڪنهن جي به بدلي ڪرائي سگهي ٿو. ترقي يا پروموشن يا گريڊ گهٽائي سگهي ٿو ۽ ائين هو انتظاميه تي پنهنجي گرفت مضبوط رکي ٿو. آفيسرن کي رشوتون آڇي، غير قانوني ڪم ڪري ٿو يا غير قانوني ڪمن تي پردو وجهي ٿو.

هن جي گهر ۽ علائقي جا ڳرا خرچ، دايون، رکيل، وانا، مال، گهوڙا، اڻ ڪٿ مهمان نوازي، سماجي ۽ مذهبي نمائش، تفريح، آفيسرن کي رشوت، ملڪيت، ڏوهن ۽ عدالتن ۾ ڪيسن جي پوئيواري تيستائين ان جو پورائو نٿو ٿي سگهي جيستائين هاريءَ جي پورهئي جو بي رحماڻو استحصال ۽ اضافي غير قانوني آمدنيءَ جي وسيلن ۾ ڦهلاءُ نه هجي.

هن کي وڏو خوف قانون ۽ انصاف کان آهي، جنهن کي هو خريدي، رشوت ڏيئي، پنهنجي غير قانوني مال ۾ حصيدار بڻائڻ سان محفوظ ڪري ٿو. تنهن ڪري هو آفيسرن کي ڪنهن به طريقي سان خريدڻ ۽ رشوت آڇڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري ٿو. ڪو به آفيسر جيڪڏهن پنهنجي ايمانداري ۽ انصاف جي ڪري هن جي سامهون ٿئي ٿو ۽ سندس غير قانوني ۽ استحصالي سرگرمين جو حصو ٿيڻ کان انڪار ڪري ٿو ته اهو آفيسر زميندار جي ناراضگيءَ جو مرتب ٿئي ٿو. زميندار ۽ هن جي پريس ۽ پروپيگنڊا جو شڪار ٿي، اسڪينڊل ۽ چوسي خبرن جو شڪار ٿي وڃي ٿو ته جيئن ان کي بدنام ڪري ۽ هڪ حد کان وڌيڪ بيوقوفائيون ۽ من گهڙت ڪهاڻيون ناهي ٿو ۽ ايئن جيڪو به هن جي مفادن آڏو اچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو هو اُن سان اهڙي هلت هلي ٿو.

زميندار پنهنجي شان ۽ مان ۽ ڏاڍاين ۽ ڏوهن جي پاڻ وڏي ڪميشن آهن. زميندار جڏهن پڪڙجي پون ٿا ته پنهنجي دفاع ۾ وڏي رقم خرچ ڪريو ڇڏين ٿا. مئجسٽريٽن ۽ سندن ماتحتن کي رشوت ڏين ٿا. وڏن آفيسرن کي ڳريون رشوتون ڏيئي، پاڻ کي آزاد ڪرائي، پاڻ کي هيرو ۽ شانائتو ڪري پيش ڪن ٿا. جيتريون گهٽيون جانچون ۽ ڏوهن مان آزادي هوندي، اوترو هن جي تعريف ۾ قصيدا ڳائبا. هاري پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾ هن جي شان ۾ قصيدا ۽ ڪهاڻيون ٻڌائيندا ۽

هن کي هڪ لافاني ڪردار ڪري پيش ڪندا. هو پاڻ پنهنجي مخالف تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائيندو ۽ ڪيس ڪيترن ئي خفيہ ۽ ڪوڙن ڪيسن جي معلومات هوندي آهي. ڪڏهن ڪنهن هاريءَ جي هٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائيندو. ڪنهن وقت ڪنهن عورت کي ڪوڙي اغوا، زوري ۽ ڏاڍائيءَ جو ڪيس مخالفن تي داخل ڪرائيندو. جيڪڏهن، ڪڏهن هو پاڻ ڪنهن ڪيس ۾ ڦاسي پوندو تہ پنهنجي بچاءَ ۾ هاريءَ کان ڪوڙيون شاهديون ڏياريندو ۽ ڏوهہ باسرائيندو. ان جي بدلي ۾ هو هاريءَ جي خاندان جو خيال رکندو. ڪورٽن ۾ قانون هن جي لاءِ جهڙوڪ هڪ وندر يا راند هونديون آهن. غريب هاري هن جي اُن راند ۾ شامل ٿي پنهنجين تڪليفن ۾ اضافو برداشت ڪن ٿا. آئون شخصي طور ڪيترن زميندارن کي سڃاڻان، جيڪي سنا ۽ احترام لائق آهن، پر بدقسمتيءَ سان اهڙن جو تعداد تمام ٿورو آهي. انهن جو احترام بہ هنن ظالم ۽ ڏاڍن زميندارن جي ڪري متاثر ٿئي ٿو.

باب پهريون

# سنڌ ۾ زراعت

سنڌ جي زرعي پوکي عام طرح سادي آهي ۽ گهڻن زرعي ماهرن جو چوڻ آهي تہ هاري, اوائلي دؤر جا هاري آهن. هن جي لاءِ مشهور آهي تہ هو زمين تي سخت محنت ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. جتي جتي پنجابي آبادگار/ سيٽلر زمينن تي ويجهڙائيءَ ۾ آباد ٿيو آهي, اتي پوکيءَ جي طريقن ۾ پرپاسي جي هارين جي زندگين ۾ وڏو فرق نظر اچي ٿو. پنجاب جو هاري ۽ ننڍو زميندار,واپاري هڪ ٻئي کان گوءِ کٽي خاصيت ۽ مقدار جي تبديلي آندي آهي, پوءِ چاهي زمين کي پوکيءَ لاءِ هموار ڪندو هجي يا پوکيءَ ۾ پوک جي اپائڻ جو خيال رکندو هجي. ننڍا آبادگار ۽ واپاري ان ڪوشش ۾ هوندا آهن تہ پوکيءَ کي ڪيئن بهتر بڻائجي ۽ ڪيئن بهتر نتيجا ۽ فصل حاصل ڪجن. هو ڇاٽي واٽي انهن ۾ واڌارا آڻين ٿا ۽ هرهڪ آبادگار ٻئي آبادگار کي ڏسي, هڪٻئي مان سکي واڌارا آڻين ٿا. ان جي مقابلي ۾ هاري مقامي واڌارن جي ڏس ۾ ڪافي پوئتي پيل نظر اچن ٿا. انهن ۾ بهتريءَ لاءِ ڇڻ تجسس نہ هجي. هو زمين کي تيار ڪرڻ ۾ گهٽ دلچسپي وٺن ٿا. اهي ٻج صحيح طرح زمين هموار ڪرڻ کان سواءِ ڇٽين ٿا ۽ گندگاهہ صاف ڪرڻ ۾ بہ گهٽ دلچسپي وٺن ٿا. ان جو نتيجو انهن جي پيداوار پنجابي هارين ۽ آبادگارن جي مقابلي ۾ في ايڪڙ سراسري گهٽ ٿئي ٿي. بٽئي نظام ان جو هڪ وڏو سبب آهي. اڪثريتي رپورٽ مان حوالو ڏجي ٿو:

"بٽئي نظام جيئن عمل ۾ آهي, ان ۾ گهڻا نقص آهن. اهو هارين کي ڪو فائدو/ توجهہ ۽ تجسس نہ ٿو پيدا ڪري تہ هو سرمائي جي سيڙپ ڪن, پورهئي کي وڌائين ۽ زمين ۾ مستقل بنيادن تي واڌارا آڻي ان جي زرخيزيءَ کي وڌائين.جيڪڏهن, زميندار هنن کي پوکيءَ جي طريقن کي سڌارڻ لاءِ زور پريندو تہ هاري زمينون ڇڏي ٻين زميندارن وٽ وڃي ڪم ڪندا, ڇاڪاڻ تہ هن لاءِ ٻئي زميندار وٽ ڪم ڪرڻ نسبتاً آسان آهي بجاءِ ننڍي ٽڪري تي سخت پوکيءَ

ڪرڻ جي. ان ڏس ۾ هو شخصي مفادن کي قومي مفادن تي ترجيح ڏئي ٿو.”

هن قسم جي عجيب ۽ غريب پوکيءَ جي نظام پويان هي ناڪاره سرشتو آهي، جيڪو هاريءَ جي بنيادي انساني حق جي نفي ڪري ٿو. ڪيترن نسلن کان هو زمين کيڙي ٿو جيڪا هن جي ملڪيت نہ آهي ۽ نہ ئي هن کي ان جي مالڪ ٿيڻ جي ڪا مستقبل ۾ اميد آهي، تنهن ڪري هو ڇو زمين جي بهتر پوکيءَ ۾ دلچسپي وٺي ۽ قومي مفادن جو تحفظ ڪري، جڏهن هن جو پگهر ۽ پورهيو هن کي صرف ۽ صرف هن جي پنهنجي قتل لاءِ هجي؟هارين جو مقدمووارپيپراٽيڪيس- اٽليءَ جي لمبارڊي (Lombardy)رياست ۾ هارين هڪ درخواستڏني،جيڪا هڪ وزير جي نوٽيسجي جواب ۾ اماڻي ويئي هئي، ان ۾ ٻاهر هجرت ڪندڙهارين لاءِ خطري جي گھنٽي هئي.

“قوم مان اوهان جي مراد ڇا آهي، سگھنر(وزيرجونالو) وزير؟ ڇا ان جي معنيٰ بربادين کي بيٺو ڇوڙٽو ڪرڻ آهي؟ تہ پوءِ اسين يقيناً هڪ قوم آهيون. اسان جي پيلن ۽ هيڊن مهانڊن ۽ ابوجهہ چهرن کي ڏس، اسان جا جسم سخت پورهئي ۾ ٿڪل، چُور ۽ مناسب کاڌ خوراڪ کان خالي آهن. اسين ڪڻڪ پوکيون ۽ اپايون ٿا، پر ڪڏهن اڇي ماني کائون ڪونہ ٿا. اسين چوپايو مال ڌاريون ٿا، پر ان جي گوشت جي ذائقي کان محروم آهيون. اسان جا لباس تار تار ۽ ڦاٽل آهن ۽ ڇتيون لڳل اٿن. اسان زخمن سان چُور آهيون. اسان سياري جي ٿڌ ۾ برف ۾ ڄمي وڃون ٿا ۽ اونهاري ۾ بک ڪاٽيون ٿا. اسان جي غذا رڳو اٽليءَ جي زمين آهي ۽ چند ٻاجهريءَ جا سنگ آهن، جن کي بہ ٽيڪس هڻي مهانگو ڪيو ويو آهي. اسان کي اونهاري ۽ بيابانن پنهنجي گرم تَپَ ۽ بخارن جو ڪاچ بڻائي ڇڏيو آهي ۽ بارشن ۽ سردين اسان کي سخت مارش بخارن جو نشآنو ۽ شڪار بڻائي ڇڏيو آهي. اسان جو انت وقت کان اڳ اسپتالن ۾ ٿئي ٿو ۽ ان سڀ ڪجهہ جي باوجود سگز وزير، تون اسان کي هجرت ڪرڻ کان روڪين ٿو! پر ڇا زمين، جنهن تي سخت پورهيو ڪرڻ باوجود، اسين پنهنجو کاڌو بہ ڪمائي نہ سگھون، ان کي تون پنهنجو اباڻو ديس سڏين ٿو.”

سنڌ جي زرخيز زمين ۽ ان جي مٽيءَ کي صحيح معنيٰ ۾ وسيع عوام لاءِ ڪارگر بڻايو ئي نه ويو آهي، جنهن جو هڪ سبب زمين تي مالڪيءَ جو نظام آهي، جيڪو سچي ترقيءَ ۽ واڌاري ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي. هڪ واندي، چؤرن ۽ رت چوس زميندار نظام ۽ زمين تي مالڪيءَ جي نظام، ان ۾ بهتر نموني پوکيءَ کي ۽ زمين کي جڙ ته معذور ڪري ڇڏيو آهي. انهن هن سڄي نظام کي ايجنٽن حوالي ڪري ڇڏيو آهي. ڪمدار جيڪي رڳو پنهنجي مفاد ۾ ۽ زميندار لاءِ ڏوڪڙ ڪمائڻ ۾ مصروف آهن، نه ڪي زمين ۾ بهترين آٽڻ ۾. اهي ئي استحصال جا وڏا اوزار آهن ۽ هارين جي بدحاليءَ جا ذميوار پڻ. اڪثريتي رپورٽ مان حوالو ڏجي ته:

“هارين ۾ بي چينيءَ جو سڌو سنئون سبب، انهن کي ڪمدارن طرفان هيسائڻ، دٻائڻ ۽ غلط سلوڪ جو نتيجو نه آهي. زمين تان غير حاضر جاگيردار آهي، جنهن جون ٻه شڪليون آهن. هڪ اهي جيڪي زمين تي نه رهن ۽ ٻيا جيڪي رهن. انهن جو زمين سان نالي ماتر زمين جي ترقي ۽ پلائيءَ ۾ ڪردار آهي، سنڌ ۾ ان جي شڪل عام آهي. هڪ آمريڪي معاشي ماهر چواٽي، “ٻي جنگ بدحالي ۽ بک جي گوناگون علائقن جي عوام ۽ غير حاضر زميندارن جي وچ ۾ لڳٽي آهي. هينئر پوکيءَ جي آخري ليول آهي، جتان ٽوڙ ڦوڙ شروع ٿيڻي آهي.”

جڏهن زميندار ڪمدارن کي بيڪار سمجهي نيڪالي ڏئي ٿو. تڏهن هو زمين جي نگراني ڪرڻ کي فضول سمجهي ۽ پنهنجين صلاحيتن جو اندازو هڻي سمجهي ٿو ته اهو بيڪار ڪم آهي، پوءِ اها زمين هو ليز/ مقاطعي تي ٻين زرعي واپارين کي ٺيڪي تي ڏيئي ٿو ۽ گهٽي پاڳي وياج / بنيا ۽ استحصال ڪندڙن کي ڏيئي ٿو. توٽي جو ڪي ليز ڏيڻ جا انگ اکر موجود ڪونهن. پر آئون نوابشاهه ۾ پنهنجي جاڻ مطابق سمجهان ٿو ته اهڙي ايراضي ڪيترن لکن ايڪڙن ۾ آهي. وارڊ ڪورٽن جي ڊپارٽمينٽ وٽ رڳو 92 هزار 500 ايڪڙ زمين ساليانى ليز تي ڏنل آهي. جيڪي ماٺهو 5 سالن جي ليز تي زمين کڻن ٿا، تن جو زمين جي ڪيڙڻ سان ڪو واسطو ئي نه آهي. هنن جو واسطو رڳو استحصالي شڪل ۾ ڀرپور فائدو

۽ نفعو ڪمائڻ آهي ۽ ايئن اهڙي فائدي پنيان هارين سان هڪ وڏو ظلم آهي. هي اهو طبقو آهي، جن جو هارين جي ڀلائيءَ سان ڪو واسطو ئي نہ آهي ۽ نہ ئي زراعت جي بهتريءَ ۾ ڪا دلچسپي ۽ نہ ئي هارين جي بدحاليءَ ڏانهن هنن جي ڪا نظر آهي. اهڙي مقاطعي / ليز جي پنيان هارين جي بدحالي تمام گهڻي آهي. هو ڄاڻي واڻي زمين ۽ پورهئي جو استحصال ڪن ٿا ۽ سماج ۾ اهڙن ماڻهن کي گهٽ نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو. زميندارن کي قرض يا وياج ڏيندڙ اهڙا واڻيا ۽ وياجي استحصال جي سمورين حدن کي پار ڪري چڪا آهن. آئون پاڻ شخصي طرح هارين جي گهر وڃي چڪو آهيان. هارين جي اهڙي بي رحم واڻين ۽ وياجين جي استحصال جي ذميواري ٻئي ڪنهن تي نہ پر زميندار تي عائد ٿئي ٿي. اها زميندارن جي سستي ۽ لالچ آهي، جيڪا زمين جي ليز ڪري ان مان نفعو ڪمائي ذريعو ٿئي ٿي ۽ استحصالين جي هٿ چڙهي ٿي، جن وٽ نہ رحم آهي ۽ نہ ئي غريب هارين لاءِ ڪا ڳهل آهي.

مٿيان سچ اهو ٻڌائين ٿا تہ زميندار ڪيترو غير صلاحيت وارو آهي ۽ قومي مفادن ۾ زمين جو ڪنٽرول انهن کي ڏيڻ ڪيترو خطرناڪ آهي. سنڌ ۾ پيداوار کي ڀيٽو ۽ ٽيٽو ڪري سگهجي ٿو جيڪڏهن زمين تي زميندار جو ڪنٽرول ختم ڪيو وڃي. تمام گهڻي ايراضي سالن کان غير آباد آهي، جيڪا پوکيءَ لائق بڻائڻ زميندار جي وس جي ڳالهہ ناهي. اڪثريتي رپورٽ ۾ هيئن لکيل آهي تہ:

”هارين جي معصوميت ۽ زمين جي سنڀال اڪثريتي زميندارن کان ڪا مختلف نہ آهي. اسين ڏسي سگهون ٿا تہ وڏين زرعي زمينن جي بحالي زميندارن کان هارين ڏانهن وقت سان منتقل ٿيڻي ناهي. جيڪڏهن زميندار نظام کي بچائڻو آهي، زميندارن کي زمين ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺڻي پوندي ۽ پنهنجي عوام جي ڀلائيءَ ۾ هاڻي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺڻي پوندي.

اسان ان ڳالهہ تي متفق آهيون تہ حڪومت کي ان ڏس ۾ گهربل اپاءَ وٺڻ گهرجن ۽ زمين جي باري ۾ سنجيده ٿيڻ گهرجي، ڇوتہ انهن جو صحيح استعمال نہ ٿي سگهيو آهي. هيءَ ڳالهہ سمورين ملڪيتن، آباد ۽ غير آباد ۽ ملڪيت جي فرق

بنا لاڳو ٿيڻ گھرجي.”

بٽئي نظام بنيادي طرح غلط آهي. اهو هڪ پوکيندڙ لاءِ آفيم آهي. ان جي پٺيان ڪارفرما استحصالي اصول آهي، جنهن کي بہ پورهئي جي طاقت آهي ۽ جنهن کي پورهئي جي طاقت نہ آهي، انصاف ۽ برابري ان نظام جي حمايت نہ ڪندي ۽ نہ ئي ڪو انساني اصول ان جي حمايت ڪندو. بدحالي، غربت ۽ زراعت ۾ غير دلچسپي هارين وٽ آهي ئي ان جي ڪري. سستي، غير صلاحيت ڪرپشن ۽ زميندار پاران استحصال سڀ سنئون بٽئيءَ جي نظام جي ڪري آهي. جيستائين اهڙو استحصالي نظام سنڌ جي آباديءَ ۾ رهيو تہ اُهو ان جي خاص لياقت يا ان جي ڪارج ڪري نہ رهندو پر اهو قانون جي طاقت ڪري لاڳو رهندو، جيڪو سامراجين ۽ بادشاهن زميندار نظام جي شڪل ۾ ڏنو آهي.

هاڻي سامراج هليو ويو آهي. بٽئي نظام کي ختم ٿيڻ گھرجي. جمهوريت ۽ عوام جي حڪمرانيءَ ۾ ماڻهوءَ هٿان ماڻهوءَ جو استحصال بند ٿيڻ گھرجي. سڄي نظام تي اهڙو فيصلو ڏيڻ گھرجي، جنهن جي لاءِ مسٽر چارلس رسيل آئرلينڊ لاءِ چيو:

“ان ۾ تي سگھي ٿو تہ سڀ سچ چيو ويو هجي ۽ ان ۾ جهيڙي جي ڳالهہ هجي، ۽ جيڪڏهن هن غير معمولي انسان ۾ ڪي خراب لياقتون هجن ۽ ٻين تي ڏاڍ ۽ جبر ڪندو هجي، ۽ ان جي مقابلي ۾ سستي، ڪاهلي، شاهي خرچ، ڪوڙو غير سنجيده ۽ بي ايمان هجي، تہ منهنجي لاءِ سوچ جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ آئرش عوام ۾ ڪو نقص ناهي، هو جيئن آهن ۽ زندهہ آهن ۽ هلن پيا. انهن جي پنهنجي فطرتي سادگي آهي ۽ هو فطرتي عظمت ۾ غير معمولي انسان ۽ سنا انسان آهن.”

هارين جي ڪمزور معاشي پوزيشن ۽ غير محفوظ هجڻ زمين جي ملڪيت جي نظام ۾ آهي، جنهن هن لاءِ ناممڪن بڻائي ڇڏيو آهي تہ هو سهارو وٺن. جيڪو پاڻ حاصل ڪرڻ ايترو سستو نہ آهي. هارين کي يقين آهي تہ هو قانوني جنگ نہ کٽي سگھندا. ڪيترو بہ بهرحالهو طاقتور هجي، هن کي خبر آهي تہ هو پنهنجي زمين وڃائيندو ۽ پنهنجن وسيلن ۽ گذر سفر تان هٿ کڻندو. هن کي يقين آهي تہ

ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پوندا ۽ زميندار جي اڳيان جيڪڏهن قانون جي طاقت جو سهارو ورتم تہ اهو هينئر ڏکوئيندڙ ۽ گهڻ خرچائو تجربو ۽ عمل ثابت ٿيندو. جيڪڏهن هن اهڙي ڪوشش ڪئي ۽ هو اهڙي غلطي ٻيهر نہ ورجائيندو. قانون مان تحفظ وٺڻ لاءِ وسيلا ۽ جرئت هئڻ گهرجي، جيڪا هن استحصالي نظام ڪانئس کسي ورتي آهي. ڪوبہ قانون هن جي مدد نہ ٿو ڪري سگهي. اها هڪ ڏکوئيندڙ حقيقت آهي، جيڪو ڪنهن کي بہ بيشمار ڪيسن مان، موجوده عورتن جي سول شهري- ڊيوانيا ۽ ڏوهن جي ڪيسن ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

آرٿر ينگ چيو آهي تہ، "نجي ملڪيت جو جادو واريءَ کي بہ سون ۾ مٽائي ڇڏي ٿو. ماڻهوءَ کي ڪارو پٿر ملڪيت ۾ ڏجي، هو ان کي باغيچو بڻائيندو. ان کي نون سالن لاءِ باغيچو ٺيڪي تي ڏيو هو ان کي بيابان ۾ تبديل ڪندو."

مٿئين پيراگراف ۾ اهو واضح ڪيو ويو آهي تہ زمين تي مختلف مفادن جي نتيجي ۾ ڪيترائي نقصان آهن ۽ آئون واضح ڪندو هلان تہ اهي نقصان ڪي انسان جي خاص لاپرواهيءَ يا ماڻهن جي غلط روين جي ڪري نہ پر سسٽم ۾ موجود نظامن جي خرابين جي ڪري آهن. رڳو هڪ حل آهي تہ هارين کي آزاد ڪيو وڃي ۽ پنهنجي قسمت جو مالڪ بڻايو وڃي. جيستائين هو زميندار وٽ غلاميءَ جي رشتي ۾ جڙيل هوندو، تيستائين ڪوبہ قانون هن جو بچاءُ نہ ڪري سگهندو يا هو ان مان ڪو فائدو وٺي سگهندو. غريب هارين لاءِ جيڪي بہ اڳ ۾ قانون پاس ڪيا ويا آهن، اهي جلدي ناڪاره ۽ بيڪار ٿي ويا، جڏهن تہ طاقتور ۽ پئسي وارا انهن کي استعمال ڪري غريبن ۽ ڏتڙيلن کي وڌيڪ قابو ڪيو آهي. قانونن ۾ مونجهارا ڪيترائي دفعا انهن جي ماهر قانوندانن نشاهي ڪري ڏنا آهن، پر اهي سڀ قانون پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب نہ ٿيا. ڪيترائي قانون، جيڪي ڪيڙيندڙ جي بچاءَ لاءِ، قرض ڪٽندڙ جي بچاءَ لاءِ متعارف ڪرايا ويا، اهي گهٽي پاڳي سردخاني حوالي ڪيا ويا آهن. سڄي برصغير ۾ زميندار ٿيننسي قانونن کان ڪن لاتار ڪندو رهيو آهي. هاري ۽ ڪيڙيندڙن کي ان جو ڪو فائدو نہ مليو آهي. قرضن جي قانونن قرض وٺڻ وارن جو بچاءُ نہ ڪيو آهي ۽ نہ ئي وياج خورن مان انهن جي

جان ڇڏائي آهي. يقيناً وياج خور انهن وياج خور قانونن مان گهڻو طاقتور ٿيا آهن.

ڏکن ايگريڪلچرل ايڪٽ 1875ع، لينڊ امپرومينٽ ايڪٽ 1883ع، ايگريڪلچرل لون ايڪٽ 1884ع، اهي قانون رياستي قانون ٺهڻ لاءِ اٽڪل 75 سالن جي عرصي کان پاس ٿيڻ جي مرحلي مان گذري چڪا آهن، پر اڃ تائين غريب هارين کي انهن جو فائدو نه ٿيو آهي. ايگريڪلچرل لون ايڪٽ تحت غريب هارين ۽ بي زمين هارين کي قرض ڏيڻ گهرجن، پر منهنجو تجربو ٻڌائي ٿو ته غريب هارين منجهان ڪنهن به اهڙين اختيارين کان قرض حاصل نه ڪيو آهي.

هن وقت تائين (1940_1949) جي پنين پنجن سالن ۾ تڪاوي (تڪاقرض) زميندارن کي اٽڪل 16 لک 655 روپيا جملي ڏنو ويو. مون کي نوابشاهه ۾ خبر آهي ته هڪ زميندار کي به لک (تڪاوي) قرض ڏنو ويو. غريب هاري، جنهن جي پورهئي ۽ پگهر مان پرگڻي جي آمدني اچي ٿي، ان جي ڪابه مدد نه ڪئي ويئي آهي.

دکن ايگريڪلچرل ايڪٽ مطابق، هڪ لکيل رسيد چاهي قرض ڏيندڙ ۽ وٺندڙ گهر ڪري يا نه، ڏيٺي آهي، ان قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙ تي 100 روپيا ڏنڊ آهي. سنڌ جي ڪنهن به ڪورٽ ۾ هن قانون هيٺ هڪ به ڪيس داخل نه ٿيو آهي. سال ۾ هزارين ڀيرا، هاري پنهنجي قرض ۽ ان جون قسطون وياجين کي پري ڏيندا آهن، پر ڪڏهن به وياجي زميندارن ان ڏس ۾ رسيدون جاري نه ڪيون آهن.

ايگريڪلچرل رليف ايڪٽ 1940ع تحت پيداوار وڌائڻ يا زرعي قرض تي وياج وٺڻ متئين قانون تحت هڪ ڏوهه آهي. اهڙين قانوني شقن جو ڪو فائدو ئي نه آهي. اهڙي شق قانون ۾ هڪ مئل اکر آهي، جنهن کي ڪنهن کي لاڳو ڪرڻ جي جرئت ئي نه ٿي آهي. نتيجي ۾ زرعي قرضن تي وياج بغير ڪنهن خوف جي،جاري ۽ ساري آهي.

جيڪڏهن بٽئيءَ جي نظام تي قانونسازي ڪئي ويجي ها، جنهن ۾ هاري ۽ زميندار جون ذميواريون طئي ٿيل هجن ها، ته به ان جو ڪو فائدو نه ٿئي ها، ايئن جيئن ٻين قانونن مان ڪو فائدو نه ٿيڻو هو. اڪثريتي رپورٽ ان ڏس ۾ قانونسازي

ڪرڻ جون سفارشون ۽ بٽئي نظام جي سمورن پاسن جو جائزو ورتو آهي. منهنجو خيال آهي تہ قانونسازي ڪرڻ، ان استحصالي نظام کي وڏيڪ هٿي ڏيڻ برابر هوندو. هاريءَ کان وڏيڪ ان جو فائدو زميندار کي پوندو. ايئن هاريءَ کي نہ تہ وسيلا آهن ۽ نہ ئي جرئت، جو قانون سان مهاڏو اٽڪائي. آئون انهن سفارشن تي بحث نہ ڪندس. منهنجي نظر ۾ سڄو نظام جو چرخو ئي ختم ڪرڻ گهرجي. گهٽ ۾ گهٽ آئون هتي اڪثريتي رپورٽ جي مزيدار سفارشن جو حوالو ڏيندس.

جيڪڏهن ڪو هاري قرض واپس ڪرڻ بدران روپوش ٿي وڃي تہ ان کي قانون تحت روپوش ۽ مجرم قرار ڏجي. ان جي ڏوهہ عيوض هن جو مال، ڏڻ يا ڍڳن جو جوڙو مئجسٽريٽ وٽ جمع ڪرايو وڃي. سادو قيد هڪ مهيني کان مٿي نہ هجي.

ڏکن ايگريڪلچرل رليف ايڪٽ جي سيڪشن 21 ۾ ڪنهن بہ زرعي شعبي سان تعلق رکندڙ کي قرض نہ ڏيڻ عيوض گرفتار يا قيد نٿو ڪري سگهجي. هارين کي قيد نہ ڪرڻ لاءِ خاص شق موجود آهي. توڙي جو اهڙا ناٽي / قرض متعلق قانون پاس ٿيل آهن ۽ اڪثريتي رپورٽ جي سفارش مطابق هاريءَ کي قرض نہ ڏيڻ يا مفرور ٿيڻ تي قيد ڪرڻ جي سفارش ٿيل آهي.

هتي ضروري نہ آهي تہ هاريءَ تي ڪو قرض ثابت ٿيل آهي. ايئن، ان ڏس ۾ هارين کي اهڙا حق مليل آهن. رپورٽ مان جيڪڏهن بيهر حوالا ڏجن تہ اسان کي هارين کي ڏنل حقن جي خبر پئجي ويندي تہ اهي ڪهڙا حق نہ هئا جيڪي هاڻي عطا ڪيا ويا آهن.

نہ رڳو هاري پر آبادگار، جيڪو هارين کي قرضي ڪري ٿو ۽ واپس نہ ڪرڻ جي صورت ۾ ڪيس هڪ مهينو قيد ڪري يا هڪ هزار روپيا ڏنڊ مقرر ڪري يا ٻيئي سزائون ڏي. اهڙي قسم جون سفارشون وچئين دؤر جي غلامن جي ڪاروبار ڪندڙ واپارين لاءِ سُونهَن ٿيون.

باب ٽيون

# زمين فقط بي زمينن لاءِ

زمين قومي ورثو آهي، ان جو تحفظ، بچاءُ، سڌارو ۽ زرعي پورهيو اهڙا معاملا آهن جن تي رياست کي سڀ کان وڌيڪ ڳڻتي آهي.

مٿيون بيان اڪثريتي ڪميٽيءَ جو اظهار آهي ۽ آئون ان ڳالهه سان متفق آهيان. لارڊهيسٽنگ اهڙو ئي فيصلو زميندارن متعلق هيٺين لفظن ۾ ڏنو.

زميندارن سمورن بي زمين طبقن کي پوري صوبي ۾ پنهنجي بالادستيءَ هيٺ رکيو آهي ۽ اهو به تمام ڏکوئيندڙ ۽ استحصالي ۽ جبر جي حالتن ۾، ان عهد سان ته اسين انهن کي اهڙين حالتن مان آزاد نٿا ڪري سگهون.

اسين جيڪڏهن زرعي مزدورن جي ڀلائي ۽ سڌارا نه ٿا ڪري سگهون ته اسان وٽ هڪ حل آهي، جيڪو آهي اپائيندڙن کي زمين تي آزادانو حق ڏجي ۽ کين مالڪي ڏجي، جنهن جو مطلب زميندارن کان زمين کسجڻ ٿيندو. هن جو مطلب ٿيندو ته اهڙي عمل سان قوم زميندارن جي تجربي مان فائدو نه وٺڻ جو نقصان ڪندي، ڇاڪاڻ ته زميندارن کي زرعي فارم سنڀالڻ جو وڏو تجربو آهي. هنن جي زمين سنڀالڻ جي خاصيت مٿين سٽن ۾ واضح ڄاڻايل آهي، جيڪا سمورين حالتن ۾ نقصانڪار آهي. اها اسان لاءِ خوش قسمتي ٿيندي ته ڪانئن مڪمل طرح سندن تجربي ۽ صلاحيت مان يڪسر جان ڇڏائي وڃي. ان سان گڏوگڏ، انهن کان زمين واپس وٺڻ جو مقصد چند هزار زميندارن جي تجربي وڃائڻ جو نقصان ٿيندو. جڏهن ته اسين تجربو حاصل ڪنداسين ته 20 لک هارين جي دلچسپي وڌندي ۽ هو جلدي پنهنجي نئين حاصل ڪيل زمين جو خيال رکندا.

آئون ايئن نه ٿو چوان ته هڪدم ۽ مڪمل طرح زميندارن مان جان ڇڏائي وڃي. انهن لاءِ هڪ مناسب زمين جي ايراضي ڏني وڃي، جتي هو پنهنجي تجربي ۽ صلاحيت جو ڀرپور استعمال ڪري سگهن.

آئون هڪ دفعي تر جي هڪ زميندار سان گڏ شڪار تي ويس. اسان سان

ڪجهه هاري دشمن/ هاري مار ماڻهو به گڏ هئا. شڪار ڪان پوءِ آئون هارين سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لڳس ۽ ڪائنن زميندار بابت سوال ڪرڻ لڳس. زميندار اسان سان گڏ ويٺو هو. انهن مان ڪن نااميديءَ واري مُرڪ سان جواب ڏنو ته هو تمام سٺو ۽ شفيق پيءُ جهڙو آهي. جڏهن ته ٻيا هاري خاموش رهيا. مون ڪائنن پڇيو ته ڇا هو هميشه هاري رهڻ پسند ڪندا يا پنهنجي زمين هئڻ ڪي پسند ڪندا، جيڪڏهن حڪومت کين زمين ڏيڻ جو ارادو ڪري. اهڙي سوال جي جواب ۾ هڪدم ۽ گڏيل وڏي آواز ۾ جواب آيو ته اوهه. ها! اسان پسند ڪنداسين ته اسان کي پنهنجي ملڪيت هجي. ان ڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي چڱي ڳالهه ٿي سگهي ٿي. مون کين خبردار ڪيو ته جيڪڏهن اوهان کي پنهنجي زمين ملي ۽ پوءِ زميندار کي ڇڏڻو پيو ته پوءِ هنن کي مختلف وقتن تي زميندار جي ڏنل قرضن ۽ مدد تان هٿ کڻڻو پوندو. هنن جواب ڏنو ته هو ان ڏس ۾ ڪابه مدد نه وٺندا. جيڪڏهن کين پنهنجي زمين هوندي ته هو ڪنهن جا به محتاج نه هوندا. پوءِ مون ڪائنن سوال ڪيو ته هو ڇا پسند ڪندا ته حڪومت زميندار ڪان زمين ڪسي هنن ۾ ورهائي ڇڏي. توڻي جو سندن چهري جا تاثر هاڪاري جواب جهڙا هئا، پر زميندار جي خوف سبب هنن رڳو ايترو چيو ته، ”اهڙو معاملو حڪومت جو آهي، ان ڏس ۾ اسين ڇا ٿا چئي سگهون.“

1947ع ۾ روينيو ڪاتي 24 هزار ايڪڙ سرڪاري زمين هڪ هزار آبادگارن کي هاريپي لاءِ ڏني. ان جي چونڊ روينيو آفيسر لاڏ بئراج کي ڪرڻي هئي، جنهن سنڌ جو دؤرو ڪيو ۽ درخواستون ورتيون، موقعي تي درخواست ڏيندڙن کي زمينون الاٽ ڪيون. هن نوابشاهه ۾ ڪجهه ڏينهن لاءِ ڪيمپ قائم ڪئي، جيڪا صبح ڪان شام تائين هلندي هئي، جنهن ۾ هزارين هاري شريڪ ٿيا. ان ڪان اڳ ۾ ڪنهن آفيسر جي ڪيمپ ۾ ايترا هاري گڏ ڪونه ٿيا هئا يا ڪڏهن ڪنهن دربار يا سياسي جلسي ۾.

هارين جو ايڏو وڏو تعداد ضابطي جي پيچڪڙي ڪري، ڪيترائي هزارين هاري باغيچي ۾ ڪاهي روينيو آفيسر جي ڪمري تائين پهچي ويا. اهڙا جهڙا بکيا

ماڻهو ڪاڏي تي ڪرن. روينيو آفيسر کي پوليس جي مدد وٺڻي پيئي. انهن کي هڪ مفاصلي تي رکڻ لاءِ هن اعلان ڪيو ته درخواستن جو گهربل تعداد ملي چڪو آهي ۽ بيون درخواستون نه ورتيون وينديون، پر ڪيترن ئي ڏينهن تائين هاري بنگلي جي چوڌاري چڪر لڳائيندا رهيا. روينيو آفيسر ٻڌايو ته هن کي 40 هزار درخواستون مليون آهن. درخواستن جو تعداد لکن ۾ هجي ها، جيڪڏهن هارپي جي خبر سمورن هارين تائين پهچي ها. اهو ممڪن آهي ته سمورن هارين کي خبر ئي نه پيئي هجي. هينيون حوالو ساليانی رپورٽ جيڪا نذير احمد آءِ- سي- ايس جي روينيو آفيسر لائڊ بئراج جاري ڪئي، جيڪا ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته زمين جي مالڪيءَ جي بک، چهرا ۽ تڙپ حاصلات لاءِ هارين وٽ آهي.

آئون حقيقي معنيٰ ۾ جهڙوڪ هارين جي ڪٽڪن ۽ هجومن ۾ گهيرجي ويس. هاري جيڪي هارپ ڪرڻ لاءِ آتا هئا. درخواستن جي تعداد کي ڏسي اندازو لڳائي، ڪجهه سيڪڙو درخواستن جي چونڊ ڪئي ويئي، انهن هزارين هارين منجهان، جيڪي مون واري ڪيمپ تي زمين حاصل ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته هاري سجاڳ آهي ۽ انتهائي منتظر آهي ته هن جي ڪمتر ۽ غير محفوظ هارپي جي حيثيت ۾ ڪا تبديلي اچي ۽ هو زمين جي ڪنهن مناسب ٽڪري جو مالڪ ٿئي.

هارين جون فريادون ۽ شڪايتون ڪهڙيون آهن، انهن جي جاچ پڙتال ٿيڻ گهرجي. هن جي وڏي ۾ وڏي شڪايت غير محفوظ ۽ بي يارو مددگار هجڻ ۽ بي زمينيءَ جو احساس آهي. ان جو ڪو فائدو ئي نه آهي ته هڪ بيمار جي تڪليف جو اندازو ان جي رت ٽمندي حالت مان لڳائجي.

هاريءَ جو رت وهي پيو ۽ هو نسلن کان رت ڳاڙي پيو. هن کي پنهنجي اباڻي مٽيءَ مان حصو ملڻ سان هن جي تڪليفن، ارمانن، سورن ۽ آزاديءَ جيسر آب۽پيڙا مان آزاد ڪرائي سگهجي ٿو. هڪ مستقل گهر، جيڪو هن کي هيٺي حالت ۾ ٽيڪ ڏيئي، تنهن ڪري ان جي وڏي ۾ اهم طبقاتي حيثيت کي هن جي پيڙا مان ٻاهر ڪڍي هن کي هڪ مضبوط، سک ۽ نئين اهليت، آزادي ۽

ڇوٽڪارو ڏيندو. اهو ضروري آهي ته هرهڪ هاري ۾ ڪيڙيندڙ ڪي پنهنجي زمين جي مالڪي هجي ۽ هو ئي ان جو ڏٽي ۾ مالڪ هجي، جنهن تي هو پوکي ڪري سگهي ۽ ان تي گذران ڪري ۽ رهي سگهي. جيڪي هاري ٿوري زمين خريد ڪري آبادگار ٿيا ويٺا آهن، اهي خوشحال آهن. ڪنڊيارو تعلقي ۾ ٿوريون زمينون هوندي پاڙيسرين جي مقابلي ۾ ڪيترائي آبادگار بهتر حالتن ۾ رهن ٿا. ڪيترائي دفعا منهنجو ان پاسي وڃڻ ٿيو آهي ۽ مون ڏٺو آهي ته هو سخت محنتي آهن ۽ پنهنجي زمين جي خاص سار سنڀال رکن ٿا. هي پاڻ کي انسان سمجهن ٿا. ڪنهن به ماڻهوءَ کان کين خوف ڪونهي ته کين ڪوئي بي دخل ڪندو. جيستائين هو محنتي معنيٰ ۾ سرگرم آهن، اهو گهرن ٿا، تنهن ڪري هنن جو هرهڪ قدم بهادر قدم آهي ۽ هو اوهان ڏانهن هڪ تازي هوا جي جُهوتي وانگر پاڻ کي آزاد انسان محسوس ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح شهدادڪوٽ تعلقي (ضلعي لاڙڪاڻي) ۾ هاري آبادگار مسٽر پيرس، آءِ- سي- ايس پنهنجي زباني ثبوت آهر ڪميٽيءَ اڳيان چيو ته آبادگار هارين کان بهتر آهن. انهن جي سراسري اُپت وڌيڪ آهي. اهڙو ثبوت زباني طرح پرڳڻي سنڌ ۾ آهي. آبادگار هڪ مضبوط ۽ خوشحال انسان آهي. هاريءَ مٿان قرض جو بار ڪو ايڏو وڏو نه آهي. هينئر جنگ جي شروع واري زماني ۾ گهڻن هارين پنهنجا قرضِ ادا ڪري ڇڏيا آهن ۽ وڌيڪ زمينون خريد ڪيون آهن، جڏهن ته غريب هارين کي گهٽ فائدو مليو آهي، ڇاڪاڻ ته اوڙي پاڙي جا زميندار ساڻن ڏاڍايون ڪن ٿا، انهن جو پاڻي بند ڪن ٿا، ننڍين ۽ غير ضروري معاملن تي جهيڙو ڪن ٿا ۽ آبادگار مسلسل زميندار جي ڌمڪين کان ڊنل آهن ۽ هو پاڻ کي آبادگار بدران بيهر هاري ٿيڻ لاءِ سوچين پيا.

نذير احمد، آءِ- سي- ايس، جنهن کي حڪومت ڪالونائيزيشن اسڪيم تي تحقيق لاءِ مقرر ڪيو، هن پنهنجي نوٽ ۾ هيئن لکيو آهي:

خوشحالي ۽ سڪون تقريباً سمورن هارين جي ڳوٺن ۾ نظر ايندو جتي جتي مون دورو ڪيو پر جتي زميندارن جا هاري رهندا هئا ۽ انهن سرمائيدارن جي وچ ۾ جن نيلام ۾ زمينون خريد ڪيون هيون، اتي هڪ خاص قسم جي درجابندي واضح

ڏسڻ ۾ آئي. مختصر اهو تہ جتي جتي ماڻهن کي محفوظ زمينون هيون, اتي اپت وڌيڪ هئي ۽ جتي زمين هارپي تي هئي, پيداوار ۽ ڳوٺ ۾ بدحالي, غربت ۽ سڪي ويل هاري ۽ عام طور زندگي ۽ مادي حالتون پوئتي پيل ملڪ جو ڏيک ڏيئي رهيون هيون. هارين جي ڳوٺن ۾ شين جي نوعيت ئي مختلف هئي. مون ڏٺو تہ ڪيترائي گهر صاف سٿرا, شين سان ڀريل, زمين سنواريل ۽ عام خوشحال, تعاون ۽ سماجي طرح پراعتماد هئا.

پنهنجي هارين لاءِ عام راءِ ڏيندي نذير احمد لکي ٿو تہ, زمين جو معيار پنجاب ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ سنڌ جي ڀيٽ ۾ اوچو آهي, ان کي خاص طور صنعت ۽ واپاري خاصيتن سان ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي. پنجاب جو آبادگار گهٽي ياڱي نندڙو پاڻ ڀرو آبادگار آهي, جنهن کي زمين جي استعمال ۽ خيال جي ڄاڻ آهي. پنجاب جي آبادگار کي پاڻيءَ جو قدر آهي ۽ ان جي استعمال ۽ فائدن جي ڄاڻ پڻ آهي. ان جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳايو تہ سنڌ جي ڀيٽ ۾ پنجاب ۾ پاڻيءَ جي کوٽ معمولي ۽ شڪايتون گهٽ آهن. پوکيءَ جي طريقن ۾ ڪافي علائقن ۾ بهتري آئي آهي ۽ توقع ڪان متي آهي. اپائينڊز کي خبر آهي تہ فصل جي منصوبابندي ڪيئن ڪجي ۽ 100 سيڪڙو ايراضيءَ کي ڪيئن آباد ڪجي. مون کي ٻڌايو ويو تہ تقريباً 100 سيڪڙو ايراضي ساليانو استعمال هيٺ آهي. توڙي جو مالڪن ڪجهہ هاري بہ رکيا آهن, پر هنن هارين جي صلاحيتن جي ڪابہ شڪايت نہ ڪئي. اهو ان ڪري بہ سچو نہ پر ڪنهن حد تائين آئيني فوقيت جي ڪري آهي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ پنجاب جو هاري قانوني بيدخلين ۽ هيسائڻ کان بچيل آهي. ڇاڪاڻ تہ خاص ڪري اهم ڳالهہ هيءَ آهي تہ هن کي ٻنيءَ ۾ اڌ حصي جي حصيداري آهي, جيڪا هن کي ذميواري, سخت محنت, جذبي ۽ زمين جي سار سنڀال ڏانهن ڌڪي ٿي.

سئزرلينڊ ۾ هرهڪ هاريءَ کي زمين مليل آهي, جنهن تي هو پوکي ڪري ٿو. نتيجي طور اتان جي هڪ تحقيق سسمنڊيءَ جي سياسي معيشت مان هڪ حوالو ڏيندي هت لکجي ٿو:

اهو سئزرلينڊ مان اسان زرعي عمل سکيا آهيون. جتي هرهڪ ماڻهو ان جو ڦل کائي ٿو ۽ ڪافي حد تائين پرسڪون آهي. وڏي آباديءَ لاءِ هن جو هي آزاد ڪردار، هن جي آزاد حيثيت ۾ تجارت ۽ ڪپت جي ڪري آهي ۽ ان جي ان حيثيت جي ئي ڪري ملڪ جي ٻين رهواسين جي زندگي پرسڪون آهي. توڙي جو ملڪ جي آبهوا سخت ۽ چيڙاڪ آهي. مٿي وچ ٿري زرخيز آهي. اتي گهٽي ٽڏ ۽ موسمن جي ڪري آبادگارن جون گهٽي پاڳي اميدون ضايع تي وينديون آهن. انهن غريب هارين جي ٿهيل ڪاٺ جي گهرن جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. ڪيترا ڪشادا، اندران بند ۽ خوبصورت محرابن سان جڙيل آهن. اندر اڳڻ مان ٿيندو ڪمرن ڏانهن ويجي ته هڪ سمهڻ وارو ڪمرو، جنهن ۾ پردا لڳل، خاصو فرنيچر، اڇيون چادرون، ترتيب سان رکيل ڪٻٽ ۽ ٻيو فرنيچر، ڪير مان ٺهيل گهٽيون شيون، ڪشاديون دريون، زبردست صفائي ۽ ساڳئي وقت گهر ۾ مڪئي، گوشت، نمڪين گوشت،چيز(مکڻ)، ڪاٺيون، ٻارڻ ۽ يورپ جا تمام پلا ڍڳا، گلن سان سنواريل باغيچو وغيره. ٻئي مرد ۽ عورتون صاف سٿرو لباس پائي، گرم ڪپڙا اوڍي، پنهنجن چهرن مان صحت ۽ طاقت جو ڏيک ڏيندا.

جرمنيءَ جي آبادگارن پڻ اهو ثابت ڪيو آهي ته صنعت ۾ مضبوط ارادي سان هڪ آزاد، نجي ۽ ٿوري زمين جي مالڪيءَ سان شاندار نتيجا ڏيئي سگهجن ٿا. مسٽر وليم هووڊ پنهنجي ڪتاب “Rural and Domestic Life In Germany” ۾ ريهنيش(علائقو) هارين سان ڳالهائيندي ٻڌائي ٿو ته:

”هاري هن ملڪ ۾ هڪ مستقل ۽ عظيم هستيون آهن. اهي هن ملڪ جي وڏي آبادي آهن. چاڪاڻ ته هو پاڻ ملڪيت جا مالڪ آهن. هي هاري هميشه اسان سان گهٽي پاڳي ان ڪري گڏ نه هوندا آهن جو هو گهٽي پاڳي زمين کان پري جتي هو پوکي ڪندا هئا. جيڪا زمين هو کيڙيندا هئا ۽ هينئر ان جا پاڻ مالڪ آهن. اُهو شايد ان ڪري آهي جو هو دنيا ۾ تمام گهڻا محنتي ۽ لائق هاري آهن. هو صبح جو سوير پورهيو ڪن ٿا ۽ شام تائين ڪن ٿا. هو سمجهن ٿا ته پورهيو هو پاڻ لاءِ ڪن ٿا. جرمن هاري سخت محنت ڪن ٿا، پر ڪنهن شيءِ جي گهر نه ٿا ڪن.‘

هر ماڻھوءَ کي ھڪ گھر آھي، ھن کي ھڪ باغ آھي. روڊ جي پاسي ۾ وڻن جي ڇانوَ آھي، جن وڻن مان ھو خاصو ميوو حاصل ڪن ٿا ۽ جنھن کي ھو ضايع ٿيڻ نٿا ڏين. ھو پنھنجي قسمت جو پاڻ مالڪ آھي ۽ ھن جي ھرھڪ خاندان ۾ سخت محنت جو جذبو آھي. ھنن جي اڻ ڪٿ محنت جو نتيجو ڏسي سگھون ٿا تہ سڄي دنيا ھن جي محنت ۽ معيشت جي ڪري وڏي ويجھي ٿي.

مشھور ليکڪ آرٿر ينگ ثبوت ڏيندي ان ڳالھہ تي زور ڏيئي ٿو تہ ھارپ ڪان مالڪي بھتر آھي، ھر سماجي، معاشي ۽ اخلاقي برتريءَ ڪان. ھو چوي ٿو:

اھو ضروري آھي تہ پڙھندڙ جي دماغ ۾ اھا ڳالھہ ويھارجي، تہ جتي جن علائقن مان منھنجو گذر ٿيو يا ماڻھن سان ملڻ ٿيو يا ملڪيتون ڏٺم، اھي ايتريون تہ خراب ھيون جيتريون سوچي سگھجن پيون، پر ان جي مالڪي ايتري تہ منجھيل، نہ سمجھہ ۾ ايندڙ ۽ بئي پاسي زبردست، معياري ۽ تعريف جوڳي ھئي.

ثابت ڪرڻ لاءِ اھو ڪافي ھو تہ زمين جي مالڪي ٻين سمورن عنصرن ڪان، سڀ ڪان وڏيڪ قوّت، ھمٿائيندڙ ۽ جذبو ڏياريندڙ ھئي، سخت پورھئي لاءِ ۽ اھو سچ ايترو تہ طاقتور ھو جنھن ان ڳالھہ کي ممڪن بڻايو تہ پوکيءَ لاءِ جبل تي چڙھي ۽ پرپاسي جي ڳوٺن کي ھمٿائي زمين جي مالڪي ورتي ويئي. حقيقت ۾ ڏٺو ويجي تہ لينگ ڊاک جي جبلن ۾ زمين کي ٽکرن ۾ ورھائي، پنيءَ تي مٽي ڪٽي، جبلن تي چڙھي ان کي کيڙيءَ لائق بڻايو جتي فطرتي طور ڪا پوک ٿيڻي ئي نہ ھئي.

سڄي دنيا جي مشاھدن ۽ زرعي ماھرن جي راءِ ۾ ھڪ وڏو ثبوت ھاڻي موجود آھي تہ جتي جتي وڏين جاگيرن ۾ ھارپي تي زمين اپائجي ٿي، اتي زمين ۾ پوکيءَ جو معيار، اڻ ترڻ، غربت آھي. جڏھن تہ زمين جيڪڏھن ڪتي ڪو مالڪ کيڙي ٿو تہ نتيجي طور سٺي صنعت، اضافي اپت ۽ پيداواري صلاحيت ۽ سکون ۾ اضافو ٿئي ٿو.

آبھوا، مٽي، تھذيب ۽ مختلف حڪومتن ۾ ٻنھي زمينداري ۽ زمين جي ننڍي مالڪيءَ واري نظام ۾ ڪنھن خاص قسم جي ڪا تبديلي آئي ھجي، پر ان جي

فرق جي ڊگري وڏي آهي.

زمين تي مالڪيءَ جو احاس هاريءَ جي ڄائي ڄم کان حق آهي. جيڪي حق هن کي برطانوي شهنشاهت جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ حاصل هئا. هندوستان جو "روتواڙي" سرشتو هندو ۽ مسلم زمين جا ننڍا مالڪ هئا. آئينِ اڪبريءَ ۾ زميندار کي فقط شاهي جاگيرن تان ڪليڪٽر جو عهدو مليل هو. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي هڪ رپورٽ جي فهرست لکيل آهي. ان ۾ زميندار کي هڪ آفيسر لکيل آهي. ۽ هو محمدن حڪومت هيٺ ۽ هن کي قانون هٽڻ ۽ عمل ڪرڻ لاءِ ضلعي سطح تي اختيار هلائي سگهي. پَٽِ جي انڊيا ايڪٽ ۾ روشواڙي کي زمين جي مالڪيءَ جو حق مليل آهي. هندوستان ۾ زرعي زمين کي هيٺئن ڪري پيش ڪري سگهجي ٿو:

1. ننڍا آبادگار يا هاري آبادگار
2. زمين تي لاڳو ٽيڪس حقيقي پيداوار جي حصي مان گڏ ڪيو ويجي.

ايسٽ انڊيا ڪمپني ٻنهي اصولن جي نفي ڪئي. انهن جو واحد مقصد ۽ ارادو هو ڪمپنيءَ لاءِ ڏوڪڙ گڏ ڪرڻ. زمين تي مالڪيءَ جا مسلمان ۽ هندو اصول، جيڪي واضح چون ٿا ته زمين ان جي ملڪيت آهي جيڪي ان کي کيڙين ٿا. نون حاڪمن انهن کي پاسيرو ڪري ڇڏيو. اهي اڄ اهو چاهين ٿا ته کين نقد ناڻو ۽ فائدو ملي. انهن جو وڏي ۾ وڏو مفاد آهي ناڻو ۽ پئسو ڪمائڻ. ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ رويت زمينن کي تحويل ۾ وٺي انهن کي وڪري لاءِ وڏي واڪ ڏيندڙن کي وڪڻي ڇڏيائون. انهن اهو بہ نہ ڏٺو تہ رويتواڙي زمينون کن اصل رهاڪن (انڊيا پِٽ قانون) ۽ ديسي مالڪ جي نہ هجي. انڊيا جي پِٽ واري ايڪٽ کي جڻ تہ هڪ ڏک سان غلاميءَ ۾ بدلائي ڇڏيو. اهڙيون زمينون جڻ تہ هٿ ۽ پير هئا، جيڪي رت وهائيندڙ قانون جي آڙ ۾ ظالم زميندارن جي رحم ڪرم تي ڇڏيا ويا.

لارڊ ڪارنيوالس جي مستقل سيٽلمينٽ:

1793ع جي اصل اپائيندڙن جي حالت ۾ تبديلي آڻي، هارپ ۾ تبديل ڪري زميندار حوالي ڪيو ويو. زميندارن کي هارين کي بيدخليءَ جو جڻ تہ پروانو

ملي ويو جن بي رحميءَ سان بيدخليون ڪري ڪنهن تي بہ رحم نہ ڪيو. رياست ڪي مجبوراً مداخلت ڪرڻي پيئي، تہ جيئن زميندار جي ملڪيت کي بچائي سگهجي ۽ ايئن مالڪيءَ کي زمين جي مدي، مسواڙ ۽ ٽيڪس جي غير قانوني اوڳاڙيءَ کي روڪجي.

رينٽ جي فرسٽ رينٽ ايڪٽ 1859ع ۽ ٽيننسي ايڪٽ 1885ع ۾ ايسٽ بنگال ۾ ان پاليسيءَ جي شروعات ٿي. ڪجھ هارين کي حق ڏنا ويا. انهن کي بي جا بيدخلين مان ڇوٽڪارو مليو. ڪجھ حق 1928ع جي ايڪٽ ۽ ڪجھ 1938ع جي ايڪٽ ۾ مليا. اهڙيءَ طرح 1859ع جي آخر ۾ ان ڏس ۾ سڌارا آيا تہ جيڪو هاري ڪنهن زمين تي 12 سال ڪم ڪندو ان کي ان زمين تي رهڻ جو اختيار هوندو.

ڪجھ وڌيڪ قانون 1921ع ۽ 1926ع ۾ نافذ ڪيا ويا، جن ۾ هارين کي حق ڏنل هئا. اهي حق انهن هارين لاءِ هئا، جيڪي زميندار جي نجي زمين تي ڪم ڪندا هئا. اوڌ ۾ رينٽ ايڪٽ آف 1886ع ۾ اهڙا حق تسليم ڪيا ويا. يونائيٽيڊ پرڳڻي ۾ 1939ع ۾ اهڙو ايڪٽ پاس ڪيو ويو جنهن ۾ آگره ۽ اوڌ وارا قانون ملايا ويا. ان ۾ سمورن هارين کي هارين مان بدلائي تاريخي هارين جو درجو ڏنو ويو ۽ ايئن ڇيڙ ۽ ابوابکي ختم ڪيو ويو. بنگال ۽ اڙيسا ۾ رويت ايڪٽ 1859ع ۽ بنگال ٽيننسي ايڪٽ 1859ع کي لاڳو ڪيو ويو. مدراس اسٽيٽ لينڊ ايڪٽ آف 1908ع ۾ هارين کي مستقل رهائش ۽ خانداني مالڪيءَ جا حق رويتواڙي زمين تي ڏنا ويا، جيڪي يا تہ مالڪ هئا يا انهن لاءِ زميندار مڃيو تہ اهي مالڪ آهن. ڪانگريس منسٽري 1935ع ۾ هڪ قانون ذريعي رويتواڙي واري زمينن تي حق قانوني طور تسليم ڪيا ويا.

مٿئين سروي ٻڌائي ٿي تہ ٽيننسي قانونن ۾ سمورن صوبن ۾ هڪ ئي وقت ڪيترا سڌارا آيا. ان سموري لقاءَ ۾ جيڪي هارين جا طبقا پنهنجين زمينن جا مالڪ هئا يا تسليم ڪيل هاري هئا، انهن کي زندگيءَ لاءِ هارپي جو حق ڏنو ويو. عجب آهي تہ سنڌ ۾ ان ڏس ۾ ڪو قانون ئي پاس نہ ٿيو آهي، جنهن ۾ هارپي جا

حق تسليم ٿيل هجن. حڪومت 19 جون 1949ع تي ٽيننسي ڪميٽي جوڙي، جنهن پنهنجي رپورٽ ۾ سفارشون مرتب ڪري حڪومت کي ڏنيون ته هارين جا حق ٽيننسي ايڪٽ ذريعي مڃيا وڃن. مون کي خبر نه آهي ته حڪومت ان ڏس ۾ هن وقت تائين اهڙو ڪو عمل يا فيصلو ڪيو هجي. 1947ع ۾ هڪ ٻي ڪميٽي قائم ڪئي ويئي، جنهن جو آئون به ميمبر هئس ۽ هن جا مول متا به مختلف هئا.

اڪثريتي رپورٽ، ٽيننسي ليجيسليشن ڪميٽيءَ جي سفارشن کي رد ڪيو ۽ ان جا سبب ڄاڻائيندي چيو ته هارين کي مستقل هارپي جو حق ڏيڻ وارو فيصلو ڳوناٽي زندگي ۽ معيشت تي اثرانداز ٿيندو. هارين جي زندگيءَ جي معيار تي ڪو فرق نه پوندو ۽ زراعت جي معيارن ۾ ڪا واڌ نه ايندي.

مسٽر ديال مل ان تي ”اختلافي نوٽ“ لکيو. اڪثريتي ڪميٽيءَ ان جي تائيد ڪئي. هن نوٽ ۾ اهي سڀ عذر ۽ دليل پيش ڪيا ويا، جيڪي هارين کي ٽيننسي حق ڏيڻ جي خلاف هئا. هڪ وڏو متضاد دليل، جيڪو اڪثر ورجايو ويندو آهي، سنڌ جي حالتن ۾ ته سنڌ هندوستان جي ٻين صوبن کان مختلف آهي، ڇاڪاڻ ته ٻين صوبن ۾ ٽيننسي قانون موجود آهن. منهنجي جاچ مان اهڙي فرق جي وضاحت ٿئي ٿي ته ان ۾ مختلف شيءِ ڪهڙي آهي. حقيقي ۽ سچي حقيقت هيءَ آهي، هي دليل مڙوئي لنوائڻ آهي. حقيقت ۾ هارين جي سنڌ ۾ يا ٻي ڪنهن جاءِ تي حالت ڪا مختلف نه آهي.

زمين، پاڻي ۽ انسان هر جاءِ تي ساڳيا آهن، پر بٽئي سسٽم سڄي برصغير ۾ آهي، سواءِ سنڌ جي. جيڪي اعتراض ٽيننسي ليجسليشن ۾ اڪثريتي رپورٽ اٿاريا ۽ جيڪو اختلافي نوٽ مسٽر ديال لکيو سي عام اعتراض هئا جيڪي قانونسازي ڪندڙن کي مختلف صوبن ۾ ٽيننسي ايڪٽ لاڳو ڪرڻ وقت سامهون آيا هئا ۽ اهڙن اعتراضن جي ڪا خاص اهميت ڪونه هئي. سنڌ ۾ هارين کي ٿوريون رعايتون ڏيڻ لاءِ به اسان کي اجازت نه هئي، جيڪي رعايتون ٻين صوبن 75 سال اڳ ڏنيون هيون. انهن ماڻهن جو ٽيننسي قانون ڏانهن ردعمل اهڙو هو جو ٻين قانونن، جهڙوڪ: هارين جي باغن ۽ فارمن جي زميندارن پاران استحصال روڪڻ

واري قانونسازيءَ کي بہ ڀنجو اچي ويو.

ٽيننسي ايڪٽ جيڪي هارين جي فائدي ۾ تحفظ لاءِ ٺاهيا ويا هئا، اهي هندوستان جي ٻين علائقن ۾ بہ ناڪام ٿيا. توڙي جو تمام ٿوري تعداد ان قانون مان فائدو حاصل ڪيو. زميندارن غير قانوني ابوابهڻي چڙيا ۾ متاثرين ۾ ڪا اهڙي سگهہ نہ هئي جو قانون سان مهاڏو اٽڪائين. قانون زميندارن جي چوڌاري اٽيل آهي، جن هر پيري، هر زمين جي ليز ۾ واڌاري، رينيولڪي تحفو ڪري ورتو آهي. بهرحال، حڪومتن هارين جي ڀلائيءَ جي ڪوشش ترڪ نہ ڪئي آهي. مختلف وقتن تي قانونسازي ٿيندي رهي آهي ۽ ترميمون ٿينديون رهيون آهن. تہ جيئن قانوني نقصن کي ٺيڪ ڪري سگهجي. اهو عمل وڏي عرصي کان جاري آهي ۽ هينئر هندوستان جي سمورن صوبن ۾ رائج آهي ۽ ڪجهہ پاڪستان جي حصي ۾ آهي. پاڪستان کي احساس آهي تہ مسئلي جو حل ٽيننسي قانونسازيءَ ۾ نہ آهي، تنهن ڪري عام راءِ هيءَ آهي، هر طرف نوٽ طلب آهي ۽ مطالبو آهي تہ زمينداري سرشتي کي ئي ختم ڪيو وڃي. اڪثريتي رپورٽ، توڙي جو ان ڳالهہ کي مڃي ٿي تہ هارين کي زمين تي غير محفوظ يا تحفظ نہ هئڻ هنن جي بدحاليءَ جو وڏو ڪارڻ آهي، پر ان کي اجان تائين مستقل حق مڃي وٺڻ سان ان مشڪل جو حل نہ نڪرندو.

ڪجهہ اقليت زميندارن جي آهي، جيڪي هارين کي پنهنجو غلام سمجهي انهن تي فرمانبرداريءَ لاءِ حڪم هلائين ٿا. اهڙا سڀ حڪم غير انصافيءَ تي ٻڌل آهن. بيدخليءَ جو خوف هارين کي زميندار پاران تڙڻ جو زميندار جي خواهشن آهر تابع ٿيڻ ڪافي آهي. هارين کي اهڙين حالتن ۾ مستقل هارپي جو حق هئڻ گهرجي، تہ جنهن زمين تي هو هارپو ڪري ٿو، ان تي ان کي ڪنهن بہ خوف کان سواءِ پنهنجي زميندار جي حد مقرر نہ هئڻ ڪري، هو ان حق تان رضاڪاراڻا طور دستبردار ٿئي ٿو.

مٿيون اڪثريتي تبصرو منهنجن خيالن سان نهڪي ٿو. هاريءَ پنهنجي ڪمزور پوزيشن ۾ حالت سبب پنهنجا مستقل حق، جيڪي قانون هن کي ڏنا آهن،

سي حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو پر آئون حيران آهيان تہ ڪميٽيءَ ان ڳالھ کي نظر ۾ رکندي، بٽئي نظام کي ريگيولر ڪرڻ جي سفارش مرتب ڪئي آهي. جيڪڏهن ٽيننسي حق ۾ زمين تي ڪم ڪرڻ جو حق حاصل ڪرڻ ممڪن نہ آهي، تہ پوءِ اهو بہ ناممڪن آهي تہ هاري پنهنجي ڪمزور حالت جي ڪري زميندار آڏو بٽئي نظام ۾ پنهنجن حقن جو تحفظ ڪري سگهندو ۾ اهو بہ تڏهن، جڏهن هاري پاڻ زميندار جي رحم ۾ ڪرم تي هجي.

باب چوٿون

# زميني سڌارن تي اسلامي قانون

قرآن جو قانون زمين جي ملڪيت جي ڏس ۾ ڪنهن بہ شڪ شبهي کان سواءِ آبادگار هارين جي حق ۾ آهي. سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ مثالن جي، سڄي تاريخ ۾ مسلمانن ڪڏهن بہ قرآن جي حڪم جي پوئيواري نہ ڪئي آهي. سرمائيدارن قرآن شريف جي تشريح ئي اهڙن ڪئي آهي جيئن سندن مفادن جو تحفظ ٿئي، نہ ڪي استحصال جو خاتمو ٿئي. جيڪو استحصال، حضور اڪرم جي رحلت کان پوءِ شروع ٿيو. اسلام جي نالي ۾ استحصال صدين کان جاري آهي ۽ هينئر بحران جي سطح تي پهچي چڪو آهي، جتي اسلام کي "استحصالي" نظام طور سڃاتو وڃي ٿو. ڪميونسٽ ان مان فائدو حاصل ڪن ٿا. ڪميونزم غريب طبقي جي نجات ۽ چوٽڪاري ۽ استحصال جي شڪار پنيان، مذهب جي عظيم خيالن جا بنياد لوڏي ڇڏيا آهن.

"توکي تنهنجو خدا آهي، تنهنجو نبي، خدا ۽ پاڪ ڪتاب قرآن آهن ۽ توکي پادري، مولوي ۽ مسجد آهي، پر اهي سڀ تنهنجي ڇا مدد ڪري سگهندا. تہ جيئن تون هڪ باعزت انسان تي گذاري سگهين. برابري اسلام ۾ هڪ ڏنڌلو خواب ۽ سيراب آهي. اهو هڪ شڪنجو آهي غلاميءَ جو."

اهڙن قسمن جا ڪيئي حوالا ڏيئي سماجي انصاف جو ڪيس مضبوط ڪيو آهي. اهڙي قسم جا دليل ماڻهن جي اعتماد ۽ عقيدن جي پاڙن کي ڌوڏائي ڇڏين ٿا ۽ ڪجهہ ماڻهو سوچڻ تي مجبور ٿين ٿا تہ ڪهڙي نہ تعجب جي ڳالهہ آهي تہ ڇا اسلام غربت ۽ بک جهڙن بنيادي مسئلن کي حل نٿو ڪري سگهي. مذهب سڄي دنيا ۾ مضبوط سماجي ۽ معاشي مسئلن تي هڪ وڏو اثر ڇڏيو آهي، ۽ ايئن اسلام پاڪستان ۾. اسلام مطمئن حد تائين معاشي مسئلن جو حل پيش ڪري ٿو پر بدقسمتيءَ سان مسلمانن ۾ مفاد پرستن ان جي صحيح اصولن کي لاڳو ڪرڻ ئي نہ ڏنو آهي. سڀاڻ ۽ مستقبل جي باري ۾ گهري سوچ ۽ ڊگهي نظر رکندڙ مسلمانن

ڪي چڱيءَ ريت خبر آهي تہ اسلام ۾ ڏنل حل موجوده زمانن جي وسيع بک ۽ بدحاليءَ لاءِ چونتا لاڳو ڪري سگهجن.

اسلام بہ پنهنجو عروج ايئن وڃائي ويهندو جيئن 1917ع کان اڳ ۾ روس جي انقلاب کان اڳ اپريو هو. جيڪڏهن اسين اسلام جي اصولن کي معاشي مسئلن جي حل لاءِ نافذ ڪرڻ ۾ ناڪام وياسين ۽ خاص ڪري زميني سڌارا (لينڊ رفارمس) اسان نہ رڳو پنهنجي ملڪ جي وجود کي خطري ۾ وجهنداسين. پر اسلام کي پڻ.

قرآن شريف زميندارِي نظام جي حمايت نٿو ڪري. ان جو روح ئي زمين تي اصلي کيڙيندڙن جي برابريءَ جي ورڇ جي ڳالهہ ڪري ٿو. قرآن زمين جي ذاتي ملڪيت جي اجازت نٿو ڏئي، ڇاڪاڻ تہ زمين جو حقيقي مالڪ خدا آهي ۽ خدا جي حڪم سان رياست.

قَالَ مُوسَىٰ لِقَوْمِهِ ٱسْتَعِينُواْ بِٱللَّهِ وَٱصْبِرُوٓاْ ۖ إِنَّ ٱلْأَرْضَ لِلَّهِ يُورِثُهَا مَن يَشَآءُ مِنْ عِبَادِهِۦ ۖ وَٱلْعَٰقِبَةُ لِلْمُتَّقِينَ.

ترجمو: موسيٰ پنهنجي قوم کي دلگير ڏسي چيو تہ الله کان مدد گهرو ۽ صبر ڪريو. ڇوتہ ساري زمين الله جي آهي. هو پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهرندو آهي، تنهن کي ان جو وارث بڻائيندو آهي ۽ (چڱي) عاقبت پرهيزگارن لاءِ آهي. (آيت 127، سوره 7)

وَالارضَ وَضَعَتبا لاَاَنام. فِيهَا فاكِهَمةُ وانَخُلُ ذَاتُ لاَكمَامِ. والحَبُّ ذوالحَصفِ وَالرَيحَانُ.

ترجمو: ماڻهن لاءِ زمين پکيڙيائين. منجهن (هر جنس جو) ميوو ڇيڙين واريون کجيون آهن، ۽ ٻهہ وارو اَنُ ۽ خوشبودار ٻوٽا (بہ ان ۾) آهن. (سوره 55، آيت 9، 10، 11)

سيني جو پالڻهار ۽ رزق عطا ڪرڻ جي ذميواري خدا جي آهي. دنيا ۾ جيتريون بہ شيون زمين تي خدا پيدا ڪيون آهن، اهي سموري انسان ذات جي ڀلي لاءِ آهن.

وَهُوَالَذِي خَلَقَ السَموتِ وَلارضَ فِي سِتَةِ اَيامِ وَكَانَ عَرشُه عَلَي المَآءِ

لِيَبلُوڪُمُ اَيُڪُم اَحسَنُ عَمَلاً. وَ لَين قُلتَ اِنڪم مبعُوثوُنَ مِن بعدالمَوتِ بَيقُولَنَ اَلذين ڪُفرُواِنُ هذَ اَلَا سِحرُ مُبِينُ.

ترجمو: اُهو الله آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ بڻايو. سندس عرش پاڻيءَ تي هو ۽ اوهان کي پرکي تہ اوهان مان ڀلو ڪير آهي. (آيت 6، سوره 11)

هُوَ الذي خَلَقَ لَڪُمُ مَافي الارض جميعاَق ثُمَ اَستَوي اِلَي السَمَآءِ فستو مُنَ سَبَحَ سَموتِ وَهوُ بِڪُلِ شيءِ عَليمُ.

ترجمو: اهو اُتم ئي آهي جنهن سموريون شيون جيڪي زمين ۾ آهن، پيدا ڪيون ۽ وري آسمان ڏانهن متوجهہ ٿيو پوءِ انهن کي ست آسمان ڪري برابر بيهاريائين ۽ هو سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻيندڙ آهي. (سوره 2، آيت 29)

زمين جا سمورا وسيلا برابريءَ جي بنياد تي سيني لاءِ آهن.

وَجَعَل فيها رُوَسِيَ مِن فوقيتا وَ برَڪَ فِيهَا وَ قَدرَ فِيهَا وَ قَدرَ فِيهَآ اَقُوَا تَهَا فِي اَربَعةِ اَن مِرء سَطرءً لِلستآ ئطينَ ثُم استوي اِلَي التتماَءِ وَهِيَ دُخانُ فَقَالُ لَمَا ولِلاَرضِ ائيتيا طَوعًا اَوَ ڪُردهاً قالتا آتينا طَآئِعِينَ.

ترجمو: ۽ زمين مٿان پڪل جبل بڻايائين ۽ منجهس برڪت رکيائين ۽ چئن ڏينهن ۾ منجهن قوت مقرر ڪيائين ۽ سائلن/ گهرندڙن لاءِ برابر آهي ۽ وري آسمان ڏانهن توجهہ ڪيائين. اهو دونهون هو ۽ پوءِ زمين کي چيائين، "وجود ۾ اچو." ۽ چئن ڏينهن کان پوءِ خوشيءَ سان وجود ۾ آياءِ انهن جا سمورا وسيلا گهرندڙن لاءِ برابر تقسيم ٿيل آهن. (سوره 4، آيت 9، 10)

زمين بہ سموري انسان ذات جي ممڪن ڀلائيءَ لاءِ استعمال ٿيڻ گهرجي ۽ زمين جي اهڙي نجي ملڪيت يا ڪنٽرول، جيڪو چند ماڻهن جي فائدي تائين محدود هجي ۽ اڪثريت کي محروم رکي، اهو قرآن جي قانون جي خلاف آهي.

ڪير بہ زمين جي مطلق مالڪيءَ جي دعويٰ نٿو ڪري سگهي، ۽ ڪنهن کي بہ ان کي ليز/ مقاطعي تي ڏيڻ جو حق نہ آهي. خدا اسان کي حڪم ۽ اجازت ڏني آهي تہ زمين کي پنهنجي گذر سفر لاءِ استعمال ڪريو ۽ جيڪڏهن ڪنهن زمين

جي ٽڪري تي پنهنجو پورهيو ڪيو آهي، تہ اهوئي ان جو مالڪ تصور ڪيو ويندو ۽ جيستائين زمين هن جي پوکيءَ هيٺ هوندي، هن جي مالڪيءَ تي ڪوبہ حق نٿو ڄمائي سگهي.

وَالڪل حجلنا مَوَلِيَ مِمَا تَرکَ الَوالِدِنِ والَا قَربُونَ. وَالذينَ عَـقَدتُ اَيَمانڪُم فااَتُوهَم نصيبهُم. اِن الله ڪَانَ عَليٰ ڪُلِ شيءِ شهيدًا.

ترجمو: ماءُ پيءُ ۽ مائٽن جيڪو مال ڇڏيو تن (سڀن) لاءِ وارث مقرر ڪيائين، جنهن جي ملڪيت آهي، ان کي ان جو حصو ڏيو. بيشڪ الله سڀ ڪنهن شيءِ کان واقفيت رکي ٿو. (سوره 4، آيت 32)

شخصي پورهيو ئي مالڪيءَ جي لياقت آهي. هي اصول زمين جي قبضي ۽ ملڪيت جو ثبوت آهي. ماڻهو ايتري زمين پاڻ وٽ رکي سگهي، جيتري ڪجهہ اصولن هيٺ هو پنهنجي ورهاست هيٺ رکي سگهي ٿو.

اسان لاءِ گذر سفر جا ذريعا خدا تعاليٰ ايترا پيدا ڪيا آهن، جو انهن مان هرهڪ پنهنجي وت آهر حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ خدا جو قانون ٻڌائي ٿو تہ ڪير بہ پنهنجو حصو پنهنجي پورهئي کان وڌيڪ حاصل نہ ڪري. انسان سندي جسماني ۽ ذهني ساخت ۽ ڪمائڻ وارين صلاحيتن ۾ مختلف آهن. خدا توهان کي هڪٻئي کان مختلف ڪري پيدا ڪيو آهي، تہ جيئن (پنهنجين پنهنجين صلاحيتن آڌار) رزق ڪمائي سگهو.

ڪي ماڻهو ٻين کان سرس ڪمائي سگهن ٿا، پر اهو ايئن نہ ٿو ٿئي. اوهان ۾ اهي پسند ڪيا وڃن ٿا، جيڪي (ٻين سان پنهنجو رزق ونڊين) جيڪي انهن تي دارومدار رکندا هجن. توڙي جو پنهنجي پنهنجي رزق ۾ ۽ اهليت ۾ سڀ برابر آهن، تہ پوءِ اهي خدا جي ڪهڙين نعمتن جو شڪر ادا ڪندا؟

وَالله فضل محضڪم عليٰ بعضِ في الرِزقِ فَماالذينَ فُضِلو بُرآدِي رزهم عليٰ ما مَلَڪت ايمانهم فهم فيِه سَوَآءُ افبنعمةِ اللهِ يجحدُونَ.

الله اوهان مان هڪڙن کي ٻين کان وڌيڪ روزي ڏني آهي ۽ وڌ ڏنل روزيءَ وارا پنهنجي روزيءَ کي پنهنجن ٻانهن تي موٽائڻ وارا نہ آهن، تہ اهي سڀ برابر

هجن ۾ پوءِ الله جي نعمتن جو ڇو انڪار ڪندا. (سوره 16، آيت 70)

ان مان صاف ظاهر آهي ته قرآن شريف ۾ خدا ان حقيقت کي پڌرو ڪيو آهي ته سڀ پنهنجين لياقتن آهر ڪمائڻ ۾ برابر نه آهن. تنهن ڪري ڪن کي وڏيڪ ملڪيت هوندي ۽ ڪن کي گهٽ. پر قرآن ان حقيقت ۽ انهن حالتن کي نه مڃيو آهي ته ڪن کي تمام گهڻو ۽ ٻين کي ڪجھ به نه. قرآن شريف هرهڪ انسان کي زندگيءَ جي ضرورتن جو حق خدا جي پيدا ڪيل زمين مان ڏنو آهي. پوءِ ڀلي ڪٽي اهو هيٺو/ ڪمزور هجي يا طاقتور، صحتمند هجي يا بيمار، اهل هجي يا معذور، امير هجي يا غريب. قرآن شريف زمين تي وسيلا سڀني لاءِ عوامي وسيلا ڪري ڇڏيا آهن ۽ جيڪڏهن انهن وسيلن مان ڪو ماڻهو پنهنجين گهرجن کان وڏيڪ ڪمائي ٿو ته واڌو ۽ اضافي ڪمائي اُن لاءِ هڪ "امانت" آهي، جيڪا ڪيس حقيقي حقدارن ۾ ورهائڻي آهي، جيڪي پنهنجي ڪمائيءَ لائق نه آهن.

"هن جي ڀنيان بنيادي خيال ان اصول جو آهي، ته سڄي انسان ذات هڪ ڪڙم ۽ خاندان آهي، جنهن ۾ انسان پاڻ ۾ هڪٻئي سان جڙيل آهن ۽ هڪٻئي سان ڀلائي ڪرڻ جا پابند آهن. هرهڪ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ ڪم ڪري ٿو. پنهنجي پنهنجي لياقت آهر ڪي گهٽ ۽ ڪي وڌ ڪمائين ٿا. توڙي جو جيڪي بهتر آهن، اهي سڀ ڪمائي ٻين غريبن ۾ ڪونه ٿا ورهائين، پر هو انهن متعلق لاپرواهه به ڪونه ٿا ٿي سگهن، ڇو جو ايئن نٿو ٿي سگهي ته هو ٻين غريبن جي ڀلائي ۽ بهبود نه چاهيندا هجن ۽ انهن کي غربت ۽ بک ۾ مرڻ لاءِ ڇڏي ڏين. توڙي جو هرهڪ ميمبر کي پنهنجو پنهنجو رزق ڪمائڻ جو ڏار ۽ جدا اختيار آهي. اهي پنهنجي ملڪيت کي گڏائين، ان کان بالاتر ته هڪ هڪ جو اڏ ۾ حصو گهٽ يا وڏيڪ، ننڍو يا وڏو آهي، ته جيئن سڀني جي زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن جو خيال رکي سگهجي." (ترجمه القرآن، واليم 2)

مولانا ابوالڪلام آزاد، جيڪو قرآن شريف جو وڏو شارح هو اُن هِن ڳالهه کي ڇڙن لفظن ۾ واڪو ڪري ڇڏيو. هن چيو ته سمورن انسانن کي خدا جي ڏنل رزق تي برابر جو حق آهي، ملڪيت، ڪاٺين، جهنگلن، ٻيلن، دريائن ۽ پاڻيءَ تي

اختيار رياست جو آهي، پر سيني جي ڀلائيءَ لاءِ. تنهن ڪري زمين جي ملڪيت، جنهن جي پيداوار جا وسيع وسيلا پيدا ٿين ٿا، اهي اختيار رياست وٽ آهن. ته جيئن سمورن رياست جي شهرين ۾ برابر ورهاست ڪري سگهجي. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو زمين جي وسيع ايراضيءَ تي ڪنٽرول ڪري ٻين کي خدا جي ڏنل زمين جي حق کان محروم ڪري، اُن جي اُها ملڪيت قرآن جي قانون مطابق غير قانوني قرار ڏني وڃي.

مختصر طور، اهوئي پاڪ ڪتاب جو قانون آهي. آئون اڳ ۾ ۽ روايتن ۽ عملن جي پيٺ ڪري چڪو آهيان. مسلمانن وٽ انهيءَ جو مفهوم ڏنڏلو آهي، ڇاڪاڻ ته مسلمانن ماضيءَ ۾ قرآن جي اهڙي قانون جي مخالفت ڪئي آهي.

اها ته اسان جي بدقسمتي چئبي، جو اسين اهڙي قسم جي غير منصفاڻي ۽ بي بنياد عمل کي گهٽ يا وڌ ڪري، قانون جو درجو ڏيئي، ان کي اسلامي قانون سمجهون ٿا. قرآن جو قانون آخري آهي، پر مسلمان اهڙي تصديق لاءِ حديث جو سهارو وٺن ٿا، انصاف جي اصولن ۽ اسلامي تاريخ مان حوالا ڳولين ٿا. آئون ڪجهه وڌيڪ پروسي جوڳين اختيارن جا حوالا ثبوت طور پيش ڪريان ٿو جن ۾ زميداري سسٽم کي اسلام پسند نٿو ڪري.

"جيڪڏهن، ڪنهن شخص کي زمين جو ٽڪرو آهي ته هو ان تي پاڻ پوکي ڪري ۽ ان کي غير آباد نه ڇڏي. جيڪڏهن هو پاڻ نٿو ڪيڙي ته ٻئي کي به ڪيڙڻ لاءِ نه ڏئي. هي ان کي پاڻ تائين محدود رکي، اسان اهو نٿا چاهيون." (حديث بخاري)

حديث جي آخري جملي ۾، خاص ڪري ان انداز ۾ فرمايو ويو آهي جڻ ته اهڙي روش کي پسند نه ڪيو ويو هجي. ان مان صاف ظاهر آهي ته هو پنهنجي زمين/ ملڪيت پاڻ وٽ اوتري رکي جيتري هو پاڻ ڪيڙي سگهي.

اها حديث صحيح مسلم ۾ به حوالي ۾ ڏنل آهي ۽ ان ۾ صرف ايترو اضافو ڪيو ويو آهي ته، "جيڪڏهن اڳيون ماڻهو وٺڻ کان انڪار ڪري، ته پوءِ اها زمين پاڻ وٽ رکي سگهجي ٿي." ٻين لفظن ۾ جيڪڏهن زمين ڪنهن کي مفت ۾ آڇي وڃي ۽ ٻيو ماڻهو جنهن کي اها زمين پسند نه آهي ۽ ان کي مسواڙ تي ڏئي، ته بهتر

آهي تہ هو اها زمين مسواڙ يا ليز تي ڏيڻ بدران پاڻ وٽ رکي. حضور صلعم صاف صاف لفظن ۾ زمين کي ليز تي، پئسن عيوض يا بٽئي تحت ڏيڻ کان سخت منع ڪئي آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو عبدالله بن عمر اِها حديث ٻڌندي، امير معاويہ جي زماني ۾، جڏهن سرمائيداري پنهنجي اوائلي زمانن ۾ مسلمانن وٽ آئي هئي، تہ هن زمين جي مسواڙ يا ليز وٺڻ کان انڪار ڪيو هو.

هڪ ٻي روايت امام بخاريءَ حضور صلعم لاءِ ٻڌائي. بيبي رضيہ ۽ بيبي خديجہ چيو تہ، هنن جي چاچي زهير بن رضيہ هڪ دفعي چيو تہ حضور پاڪ هن کي منافعي بخش ڪاروبار کان روڪيو. رضيہ چيو تہ پاڻ نبيءَ جو حڪم انصاف پريو هوندو. جنهن تي زهير ٻڌايو تہ پاڪ نبيءَ ان کي گهرايو ۽ سوال ڪيو تہ هو پنهنجي زمين تي ڇا ڪري رهيو هو. هن چيو تہ هن پنهنجي زمين جي هڪ چوٿائيءَ کي مسواڙ/ ليز تي ڏيڻ پئي چاهيو، ان سان گڏ ڪجهہ ڪجيون ۽ مڪئي بہ. حضور صلعم جواب ۾ فرمايو "تون اِهو نہ ڪر، يا تہ پاڻ کيڙ يا ٻئي ڪنهن کي (مسواڙ کان سواءِ) کيڙڻ لاءِ ڏئي. (حديث بخاري)

ايئن حضور پاڪ جي فرمان موجب حضرت عمر (اسلام جو ٻيو خليفو) حضور پاڪ جي هڪ صحابيءَ جي زمين واپس ورتي، جيڪا کيڙيءَ هيٺ نہ هئي ۽ ان کي انهن ۾ ورهائي ڇڏيو جن کي ان جي ضرورت هئي.

قانون جو مشهور عالم امامِ اعظم، جنهن جا هزارين مسلمان سڄي دنيا ۾ چاهيندڙ آهن، هن پڻ زمين کي مسواڙ تي ڏيڻ جي منع ڪئي آهي. امامِ اعظم جي اڳڪٿي ڪمال جي هئي، جيڪا هن ڪئي تہ زمينداري نظام کيڙيندڙ طبقن ۾ بدحالي ۽ غربت جو نظام آڻيندو. اهو بہ هن ڇهين صدي هجريءَ ۾ چيو. ابنِ تين لکيو:

اِهو اسان جو مشاهدو آهي تہ سڀ کان وڏي بدحالي ۽ تڪليف کيڙيندڙ طبقي جي آهي. حضرت امام الهند شاهہ ولي الله دهلوي پڻ زمينداري نظام کي ناپسند ڪيو ڇاڪاڻ تہ هن سمجهيو تہ ان سان انسان ذات ۾ تفريق ۽ تضاد پيدا ٿئي ٿو. مولانا عبيدالله سنڌي اسلامي تعليمات جو شاهڪار عالم ۽ شاهہ ولي الله

جي فلسفي جو وڏو ڄاڻو هو جيڪو پنهنجي تصنيف "حجة البلاغا" ۾ لکي ٿو:

"اسين امام حنيفہ جا پوئلڳ آهيون. جنهن زمين جي ليز/ مسواڙ جي منع ڪئي آهي. ان جي حڪم مطابق تہ ماڻهو پاڻ وٽ اوتري زمين رکي، جيتري هو پاڻ لاءِ کيڙي سگهي. درحقيقت سچ هي آهي تہ زمين ليز ڪرڻ جو نظام ناانصافيءَ تي ٻڌل نظام آهي ۽ زميندار ان ملڪيت ۾ واڌارو ڪندو رهي ٿو ۽ غريب هارين کي گڏهن ۽ ڍڳين وانگر وهائي ٿو. هنن کي نہ پاڻ تي رحم آهي ۽ هارين کي بک ۾ مارين ٿا." (فلسفہءِ عمرانيت و معيشت، صفحو 18)

عراق جي فتح وقت، هڪ نئين تضاد/ بحران جنم ورتو تہ فتح ڪيل زمين جو ڇا ڪجي. غازين چيو تہ زمين کي انهن ۾ جنگ جي ٻوٽي سمجهي ورهايو وڃي، پر حضرت عمر انڪار ڪيو تہ هارين کي زمين تان بيدخل نہ ٿو ڪري سگهجي ۽ بعد ۾ زمين کي "وقف" ڪري، عام مسلمانن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪتب آندو ويو.

امام ابو يوسف جو ان زمين جي ڏس ۾ هاڪاري نقطہ نظر هو تہ زمين کي مسواڙ/ ليز تي ڏنو وڃي. هو خليفي هارون الرشيد جو چيف/ وڏو منشي هو. هن جي ئي (هارون الرشيد جي) زماني ۾ عباسي خلافت جو زوال شروع ٿيو ۽ اهو ممڪن نہ آهي تہ امام يوسف زمين جي مسواڙ تي ڏيڻ جي مخالفت ڪئي هجي. هن جي استاد امامِ اعظم قرآن شريف جي حڪم مطابق هو. دراصل امير معاويہ کان پوءِ سچي تصوير تبديل ٿي ويئي، جڏهن سرمائيداري ۽ سامراجيت مسلم سماج ۾ نئين روح سان داخل ٿي. زمين جي ملڪيت متعلق امام الهند شاهہ ولي الله پنهنجي عظيم ڪتاب "حجة البلاغا" ۾ لکي ٿو:

"ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ سچي ملڪيت ڪنهن جي نہ پر خداجي آهي، پر جيئن خدا حڪم ڪيو آهي تہ ان کي پيداوار لاءِ استعمال ڪجي، پر ماڻهو لالچي آهن (جيڪي ان ملڪيت ۾ واڌارو ڪن ٿا.) تنهن ڪري هي قانون ٺاهجي ٿو تہ، جيڪو شخص سڀ کان پهرين زمين تي مالڪيءَ ۾ آهي، ان کي اتان بيدخل نہ ڪجي. شرط آهي تہ اهڙي مالڪي ڪنهن ٻئي جو نقصان نہ ڪري. زمين اهڙي

جڳھ آهي جھڙي رهڻ جي جاءِ يا مسجد. جيڪا سيني لاءِ ڪليل ۽ برابر آهي. اها ان جي آهي، جنهن جي سڀ کان اڳ ان تي مالڪي آهي. (ان مان صاف ظاهر آهي تہ جيڪو شخص ان تي پنهنجي مالڪي ۽ جڳھ ٺاهيندو، اُهوئي ان تي اختيار رکي سگهي ٿو ۽ نہ ڪي ٻيو.) زمين تي مالڪيءَ جو مطلب آهي تہ ان ڪي ان جي استعمال ۽ وسيلن مان فائدا وٺڻ جا حق آهن.

شاھ ولي الله جي پٽ امام عبدالعزيز پنهنجو رايو ڏيندي زميندار ي نظام جي "فتوىٰ عزيزي" ڪتاب (جلد پهريون) ۾ مخالفت ڪئي آهي. هن جو رايو آهي تہ زمين هندوستان جي سمورن مسلمانن جي ملڪيت آهي ۽ اها مسلمانن جي (بيت المال جي) امانت آهي. اُها ڪنهن بہ شخص جي ذاتي ملڪيت نہ آهي ۽ نہ ئي ڪنهن زميندار جي، جيڪي ان جا منتظمين ٿيا هلن ٿا. مسلمانن جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ مسلمان حڪمرانن پنهنجي سڄي شهنشاهت ڪي دنيا ۾ ڦهلايو. سڄي دنيا جي آبادگارن ۽ هارين جون دليون ڪتيون ۽ جاگيردارن جي قلعن ڪي ڊاٺو. حضور صلعم جي وفات کان هڪ صدي پوءِ اسلام سڄي ايشيا، آفريڪا ۽ يورپ ۾ ڦهليو. رومي ۽ فارسي شهنشاهتون حضرت عمر جي زماني ۾ اسلام جي فتحن اڳيان نہ بيهي سگهيون. اهو ڇا جي ڪري ۽ ڪهڙن سببن جي ڪري ٿيو؟ هڪ وڏو دليل اهو آهي تہ اهو سڀ ڪجھ حضور صلعم جي تعليمات جي ڪري ٿيو. توڙي جو اهي تعليمات رڳو ڏهن سالن ۾ هيون. انهن تعليمات نسلي نفرتن ۽ سماجي براين جي زهرن ڪي پاڙان ختم ڪيو ۽ خاص ڪري، اها حقيقت آهي تہ ان يورپ ۾ جاگيرداريءَ جي زهر ڪي ختم ڪيو ۽ عملي طرح آبادگاريءَ ۽ هارين ڪي هٿي وٺرائي.

امير علي پنهنجي ڪتاب "ساراسين جي تاريخ" ۾ مسلمانن جي فتح ۽ اسپين جي حڪومت متعلق هيئن لکي ٿو:

"مسلمانن جي فتحن جي نتيجي ۾ سڀ کان وڏو فائدو سرويل(غلام) طبقن ڪي هيئن پيو تہ هنن ڪي هيستائين،بار ڍوئڻ جي رڇن ۽ ڍڳن کان بہ بدتر سمجهيو ويندو هو. هاڻي هنن ڪي پنهنجي انسان ٿيڻ جو احساس ٿيو آهي. غلام ۽ ٻانها،

جيڪي وڏين جاگيرن ۾ لوڙيندا هئا، جڏهن مسلمانن جي هٿ چڙهيا تہ هنن انهن کي هارين ۾ بدلائي پنهنجي زندگي پاڻ زمين تي گذارڻ لاءِ ڇڏي ڏنو. زمين عملي طور ڄڻ تہ انهن جي هئي.”

جڏهن حضرت عمر جي ڏينهن ۾ فارسي شهنشاهت مسلمانن جي هٿ چڙهي، تڏهن حضرت عليءَ جي چوڻ تي عام راءِ جي هڪ تمام وڏي سروي ڪئي ويئي. سمورن هارين تان ڳري پورهئي جو بار گهٽايو ويو انهن کي زمين جو مالڪ بڻايو ويو. زمين جي وڪري تي مڪمل پابندي لڳائي ويئي ۽ بيدخليءَ خلاف قانون کي مضبوط ڪيو ويو.

حضرت عمر متعلق ڳالهائيندي، امير عليءَ چيو:

“هن قسم جي دورانديشي بعد وارن حڪمرانن ۾ هئڻ گهربي هئي. هن کي احساس ٿيو تہ شهنشاهت جي مضبوطي ۽ مادي ترقيءَ جو دارومدار ۽ خوشحالي زرعي طبقن جي خوشحالي آهي. اهڙا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ زمين جي وڪري تي ۽ مالڪيءَ تي فتح ٿيل ملڪن ۾ پابندي هئڻ. ان ڪان بہ وڌيڪ فاتح عربن جي اڳرائيءَ تي هن چيو تہ ڪوبہ ساراسين لوڪل ماڻهن ڪان زمين خريد نہ ڪندو. (57) فتح ڪيل ملڪن ۾ انتظامي معاملن ۾ هارين جي ڀلائي، واپار ۽ ترقيءَ تي مسلسل زور ڏنو ويو.

باب پنجون:

# دنيا جا زميني سڌارا

مون گذريل باب ۾ لکيو ته ڪيپٽن اسلام وڏي پئماني تي زمين جي مالڪي، مسواڙ يا ليز جيمنع ڪئي آهي ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو تمام وڏي زمين جي ملڪيت رکي، جيڪا هو پاڻ ڪيڙي سگهي، ۽ ٻين لفظن ۾ ڪيڙيندڙ ۽ زمين تي رهندڙ ئي اصل ۾ زمين جا مالڪ آهن. يورپي ملڪن زرعي مسئلن کي حل ڪندي، زمين جي ترقيءَ جي اصولن کي هارين جي مالڪيءَ سان ڳنڍيو چڻ ته قرآن جي اصولن جي پوئيواري ڪئي آهي. زرعي سڌارن جو هڪ مقصد، جيڪو سڄي يورپ ۾،روس کان علاوه لاڳو ٿيل آهي ته،زمين جا فارم ايترا وڏا هجن جو ان تي ڪيڙيندڙ هاري پنهنجي عيال/ خاندان جو سنو گذر سفر ڪري سگهي. ٻيا اثرائتا اپاءَ پڻ لاڳو ڪيا ويا آهن، جن ۾ وڏين جاگيرن رکڻ جي منع، زمين جي مالڪيءَ جو نظام، قرضن جون سهولتون ۽ بي زمين هارين لاءِ زمينون خريد ڪرڻ ۽ هارين جي حقن کي زمين جي خريداري، وڪري، ليزيا وياج تي ڏيڻ جي منع وغيره شامل آهي.

اهو پڻ ڏٺو ويو آهي ته زمين جي ٽڪرن جي ننڍي هئڻ ڪري ان تي مشين جو استعمال گهٽجيو وڃي، تنهن ڪري ان تي آبادگارن ۽ هارين جي هارپي کي اوليت ڏني وڃي ٿي. رياست کي وڏن زرعي فارمن کي هٿي وٺرائڻ گهرجي ۽ ان ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ گهرجي. وڏن فارمن جي هارپي ۽ ننڍن فارمن جي مقابلي ۾ فوقيت عام طور مڃيل آهي ۽ سڄي دنيا جي تحقيق ٻڌائي ٿي ته ان کي سڄي دنيا ۾ مقبوليت ملندي وڃي ٿي. ان ۾ هتي حوالو ڏيندس ته هن موضوع تي هڪ ماهر گارل براندٽ، جيڪو زرعي معاشيات جو اسٽينفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر آهي، هن پنهنجي ڪتاب “ري ڪنسٽرڪشن آف ورلڊ ايگريڪلچر” جو، “ڳوناٽو سماج،پنهنجي آباديءَ کي زندگيءَ کي مطمئن ڪندڙ اطمينان بخشي ٿو. جيڪڏهن زرعي فارم جي انتظام جي آزادي جهڙي نجي ملڪيت تي هوندي آهي.

جيڪڏهن هاري بي زمين آهن تہ پنهنجي ڄاڻ ۽ هنر ۾ بهتر سار سنڀال جي نتيجي ۾ گهڻا فائدا حاصل ڪري سگهجن ٿا۽ جيڪڏهن ڪو ڪمدار يا ٻيو ڪو منتظمين هنن مٿان هجي ۽ هو اجرتي مزدور وانگر روزانہ مزدوريءَ تي ڪم ڪندا هجن، ۽ ٻئي جي طابع هجن تہ پنهنجون ذاتي صلاحيتون ڪتب نہ آڻي سگهندا.

تنهن ڪري اهو ثابت نہ آهي تہ جيڪڏهن ڪين ممڪن موقعا فراهم ڪيا وڃن تہ سندن خانداني زمين ۾ لاڳت، پيداوار، فني ۽ معاشي ڪارڪردگي وڏين زمينن کيڙڻ ۾ وڌندي، پوءِ چاهي اهي نجي ملڪيت ۾ هجن يا ان تي ڪو ٻيو انتظام، ڪارپوريشن يا گڏيل وڏا فارم هجن. دنيا ۾ ڪٿي بہ گهڻ صلاحيت ۽ منافع بخش وڏا زرعي فارم/ ڪاروبار ايترا ترقي يافتہ نہ آهن جو هو پنهنجي مزدورن کي گهر جون سهولتون، حقيقي آمدنيون ۽ ڳوناٺي پائيدار ترقي مهيا ڪري سگهن، جيڪي لکين خانداني فارمن يورپ ۽ آمريڪا ۾ مهيا ڪري ڏني آهي. ان جو مطلب هرگز اِهو نہ آهي تہ سڄي دنيا ۾ وڏا زرعي فارم سڀ خانداني زرعي فارم پيداواري ۽ سڄن ڪٽنبن جي زندگين ۾ خوشحاليءَ جي ضمانت آهن. حقيقت ۾ هڪڙا اهڙا وڏا زرعي فارم آهن، جتي آبادي بہ گهٽي آهي ۽ اتي هارين ۽ آباديءَ ۾ وڏي بدحالي آهي، جڏهن تہ وڏي پئماني تي پوکي ڪئي وڃي ٿي تہ اتي پيداوار ۾ اپت بہ گهٽي آهي ۽ مزدورن جي زندگيءَ جا معيار بہ بهتر آهن. اهي حالتون آهن ئي ان ڪري جو وڏن زرعي فارمن تي معاشي ۽ سماجي هڪ هٽي هئڻ جي ڪري، اتي حالتون خانداني فارمن لاءِ برابر نہ آهن ۽ ماڻهن کي گهٽ ۾ گهٽ اتي حڪمرانيون ۽ خدمتن جو معيار بہ پوئتي پيل آهي.” حڪومتون زرعي ملڪن ۾ ان ڳالهہ جو نوٽيس وٺن ٿيون تہ رڳو هارين ۾ شعور انهن جي معيارِ زندگيءَ کي بهتر ڪندو پر ان جي مقابلي ۾ زمين جي کيڙيندڙ ۽ حڪومت جي تعاون سان بهتري ايندي. ملڪ جهڙوڪ آمريڪا، ميڪسيڪو ۽ چين، اتي وڏا زرعي فارم ٺاهڻ لاءِ همٿائي ٿو تہ جيئن هارين جي زندگين ۾ تبديلي آڻي سگهجي. تڪڙن زرعي سڌارن وچ ۽ اوڀر يورپ ۾ روايتي زرعي ڍانچن ۾ گهڻيون تبديليون آنديون آهن. زرعي فارمن جي وڏي ۽ ننڍي تعداد ۾ گهٽتائي آئي آهي. اٽڪل 20 لک هيڪٽر

زمين زميندارن کان زرعي هارين ڏانهن منتقل ٿي آهي. هارين ۽ آبادگارن جي طبقي جڙڻ جي ڪري مٿين ملڪن ۾ سماجي ۽ معاشي ڍانچن ۾ وڏي تبديلي آئي آهي ۽ ان جو ڳانڍاپو ان وڏي ۽ تاريخي اهميت جو حامل آهي، جنهن مان زرعي سڌارا ڦٽي نڪتا.

زمين کيڙيندڙ لاءِ هڪ وڏو مقبول نعرو ۽ پيغام وچ ۽ ڏکڻ يورپ ۾ مقبول پروگرام تي اپريو. انهن چيو تہ زمين جي مالڪي اُن جي آهي، جيڪو ان کي کيڙي ٿو.

"تمام گهٽي تعداد ۾ بي زمين هاري يا ٿورا هاري، جن کي معمولي زمين آهي، اهي وڏين زميني جاگيرن جي پاسي ۾ رهن ٿا، اهو برداشت کان ٻاهر آهي. هڪ ترقي پسند، مضبوط ۽ اڳتي وڌيل معاشري قائم ڪرڻ جا بنياد ئي ان ڳالهہ تي ٻڌل آهن تہ هرهڪ هاريءَ کي ذاتي زمين هجي. آمريڪا ۾ خانداني زرعي فارمن ۾ واڌارو ٿيندو پيو وڃي ۽ ٻين ملڪن ۾ يورپ کان ٻاهر بينڪ ميڊ جونس فارم ايڪٽ 1937ع مطابق تمام وڏي رقم ان ڳالهہ لاءِ مخصوص ڪئي ويئي آهي تہ هارين کي پنهنجي شخصي زمين خريد ڪري ڏني وڃي. زمين جي ماليت جي برابر جا قرض آڇيا وڃن ٿا، جيڪي 40 سالن ۾ موٽائڻا آهن. انهن تي وياج جي شرح فقط تي سيڪڙو آهي. ان جا شرط بہ آسان آهن، تہ جڏهن وٽي، جيترو وٽي، پيداواري چاڙهہ/ اپت وارن سالن ۾ جمع ڪرائين. طئي ٿيل قرضن جون قسطون هروڀرو لاڳو نہ آهن.

ميڪسيڪو ۾ زرعي سڌارا متعارف ڪرايا ويا آهن، جنهن ۾ هارين تان، ۽ بي زمين هارين ۽ غلاميءَ جي بار هيٺ دٻيل مزدورن ۽ هارپو ڪندڙن تان بار لاهي سگهجي. زمين جي ملڪيت جو مرڪزي نظام 1910ع جي انقلاب کان اڳ لاڳو ٿيل هو. انقلاب کان پوءِ سڀ کان اهم ۽ پهريون ڪم زرعي سڌارا آڻي عوام جي نبض کي ٺڏو ڪرڻ جو پروگرام متعارف ڪرايو ويو. 1917ع ۾ زميني سڌارا ٽن نقطن تي متعارف ڪرايا ويا.

1. حڪومت طرفان زمين جي ذاتي ملڪيت جي نظام کي درست ڪرڻ يا

نگهباني ڪرڻ.

2. ڳوٺن ۾ ڳوٺاٽي سماج ڪي زمين جي گڏيل ملڪيت رکڻ جي اجازت ڏيڻ.

3. خانداني زمين ڪي شخصي مالڪيءَ هيٺ ناهڻ/ آڻڻ.

ملڪي وسيلن ڪي بهتر انتظام هيٺ آڻڻ لاءِ، زرعي ۽ هارپو ڪندڙ آباديءَ ڪي هٿي وٺرائڻ، نجي ملڪيت رکڻ جي ممانعت ڪرڻ، جنهن جا سماج تي گهرا اثر پون ٿا ۽ ايئن اهڙا قانون پاس ڪرايا ويا. تہ جيئن رياست ۽ مرڪزي حڪومت زمين تحويل ۾ وٺي عوامي ڀلائيءَ لاءِ استعمال ڪري سگهي. جن ڪان زمين حاصل ڪئي ويئي، انهن کي ان جو معاوضو ڏنو ويو. جنهن اها زمين خريد ڪئي، ان کي 20 قسطون ڪري حڪومت طرفان وڪيل ڪيل/ حاصل ڪيل زمين جون رهتون ادا ڪري. اهڙي الاٽمينٽ جو واحد شرط هو تہ حاصل ڪندڙ پاڻ کيڙيندو.

چين جا 80 سيڪڙو ماڻهو/ عوام هاري آهن. چين ۾ زمين جي مالڪيءَ جو زميندار ۽ غلام هارين جو سرشتو ۽ تعلق ڏهہ صديون پراڻو يورپ کان بہ اڳ هارين جي استحصال تي قائم هو. 9 صديون اڳ سُنگ موروثيت ۾ هڪ ليکڪ لکي ٿو تہ:

"متي ان جي نہ رهي آهي جيڪو ان کي کيڙي ٿو ۽ جيڪي ان جا مالڪ آهن. اهي زمين کيڙين ٿي نہ ۽ ان جي اپت مان زميندار اڌ ڪٽي وجي ٿو ۽ هر ڏهن هارين تي هڪ مالڪ وينو آهي، جيڪو روز جي بنيادن تي پنهنجو حصو ڳڻائي ٿو. هن جي خوشحالي وڌندي وجي ٿي، جڏهن تہ ٻين جي هيٺي، تڪل ۽ پاڻ کي رڳو جيئرو رکندا اچن ٿا. غربت ۽ بک ۾ پاهہ ٽيل، پر هو ڪجهہ ڪري نہ ٿا سگهن.

فِيلڪس گرين پنهنجي ڪتاب "The Wall Has Two Sides_ Portrait of China Today."

چائنا جي چيانگ ڪائي شيڪ جي حڪومت ان ڳالهہ کي مڃيو تہ چين ۾ سڌارا آڻڻ گهرجن، گهٽ ۾ گهٽ نظرياتي. حقيقت هيءَ هئي تہ آمريڪي، ڪومنتانگ (سياسي پارٽي) سان گڏ ڪم ڪندا هئا. جن جو پنج سالہ منصوبو

هو تہ سمورن هارين کي آزاد آبادگارن ۾ تبديل ڪيو وڃي ۽ زميني سڌار جو پروگرام 1948ع ۾ متعارف ڪرايو. اصل ۾ هارين جو انقلاب ئي هو جنهن ڪومنتانگ کي مکيہ چائنا ۾ شڪست ڏني. ڪميونسٽن پنهنجي قيادت کي انقلاب کان پوءِ زرعي سڌارن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. هر ان ضلعي ۾ جتي ڪميونسٽ طاقت ۾ هئا، انهن اتي زمينون زميندارن کان تحويل ۾ ورتيون (سواءِ پنهنجي کيڙڻ جيتري زمين رکڻ جي) ۽ ان زمين کي بي زمين هارين ۾ ورهائي ڇڏيو. جڏهن ڪميونسٽن 1949ع ۾ مرڪزي حڪومت حاصل ڪئي، زمين جي ورهاست جي اسڪيم جلد متعارف ڪرائي ويئي ۽ 1952ع ۾ سڄي ملڪ ۾ لاڳو ڪئي ويئي، سواءِ پري جي ڪجهہ علائقن جي. نئين حڪومت جي قيادت لاءِ اهو ڪو آخري حل نہ هو. 1943ع ۾ مائوزي تنگ چيو تہ، ”هڪ طريقو جنهن وسيلي هاري پنهنجي غربت مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهن ٿا، اهو آهي زرعي فارمن جي گڏپ ۽ سهڪار.“ چين جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 34 تحت، هڪ عام پروگرام 1949_54ع متعارف ڪرايو ويو جنهن جو مقصد هو تہ هارين کي پنهنجي تنظيم سازي ڪري، هڪٻئي جي سهڪار سان سهڪاري پيداواري عمل ۾ تبديل ٿيڻ گهرجي.

زمين جي ورڇ جاگيرداري نظام جي خاتمي طرف پهريون قدم هو پر ننڍي پئماني تي شخصي مالڪي زراعت جي جديديت ۽ مشين جي استعمال کان قاصر هئي. ان کان سواءِ چين ۾ لڳاتار اناج جي کوٽ ختم ٿيڻي نہ هئي. جڏهن هاري زمين جا آبادگار ۽ مالڪ ٿي ويا ۽ مسواڙ ۽ قرضن مان سندن جان آزاد ٿي ويئي، پر ان عمل انهن جي ڪا خاص مدد نہ ڪئي. زمين هنن لاءِ نهايت ٿوري هئي. گهڻن هارين کي تہ هارپي جا اوزار ئي نہ هئا. زمين کي ڪيئن سڌارين ۽ ڪڏا کپاءِ بندن کي ساڳئي وقت ٺاهيو ويو، هارين کي همٿايو ويو. ڪٿي ڪٿي ڪين اڇل ڏني ويئي تہ هڪٻئي جون مددگار ٽيمون ٺاهيو وسيلا هڪٻئي سان ونڊيو ۽ هڪٻئي سان سهڪار ڪريو. انهن مٿان دٻاءُ وڌو هو پر سهڪاري ٽيمن ۾ شامل نہ ٿيا ۽ جڏهن هڪٻئي جي مدد لاءِ سهڪاري ٽيمون ٺهيون تہ انهن ۾ اڙڌ شخص شامل نہ ٿيا، پر

جڏهن سال ۽ وقت گذريو ته ان جا فائدا اچڻ شروع ٿيا. سهڪاري زرعي فارمن جي اپت، مشينن ۾ اضافو في ايڪڙ پيداوار ۽ نجي مالڪي ۽ ايئن هاري ان ۾ شامل ٿيندا ويا.

ايئن هڪبئي جا سهڪاري تي هڪ وڏي گڏيل پيداواري سرشتو نهڻ طرف وڌڻ لڳا. 1955ع ۾ اهڙا سهڪاري ٽولا هاٽي رضاڪارن جي شڪل ۾ ايرڻ لڳا. زمين تڏهن به ذاتي ملڪيت هئي، پر ان تي هارپو گڏيل هو هڪ وڏي زرعي فارم تي. ان ۾ اڳتي وڏيل سرشتو پيدا ٿيو جنهن ۾ زمين ۽ زرعي فارم گڏيل ملڪيت هئا ۽ سال جي آخر ۾ منافعي جو حساب ڪتاب ورهايو ويندو هو هرهڪ خاندان جي سراسري محنت ۽ پورهئي جي ڏينهن جي حساب سان. 1957ع جي آخر ۾ 97 سيڪڙو چيني هاري اهڙن سهڪاري زرعي فارمن جا ميمبر هئا.

توڙي جو اهڙن زرعي فارمن ۾ سراسري 20 خاندان کان گهٽ ڪم ڪندا هئا، پر اهي اجان به ننڍا هئا، ڪنهن به قسم جي زرعي جديديت لاءِ مناسب نه هئا ۽ ڪنهن به شڪل ۾ هارين جي گهربل صلاحيت ڪتب آڻڻ لاءِ مناسب نه هئا. دنيا ۾ ڪو اهڙو بيو ملڪ نه هو جنهن تمام تيزيءَ سان جديد دنيا ڏانهن اهڙو تڪڙو سفر ڪيو هجي، جهڙو چين، جنهن جي 80 سيڪڙو آبادي پنهنجي صلاحيت جي اڌ جيترو ڪم ڪندي هجي. صورتحال تمام مناسب هئي ته پيش قدمي ڪجي.

1957_58ع جي سياري ۾ حڪومت به قومي پلان، پاٽيءَ جي بچاءَ ۽ آبپاشي سڏارن کي متعارف ڪرايو. آبپاشيءَ تي گهٽو ڌيان ڏيئي ملڪ جي کاڌ خوراڪ جي پيداوار ۾ اضافو ڪرڻو هو. تقريباً 40 کان 45 لک ايڪڙ زمين کي 1950ع ۾ آبپاشي ۽ پوکيءَ لائق بڻايو ويو. سياري جي اهڙي ٿڌي موسم اڳ ڪڏهن نه هئي. ملين جي آباديءَ ۾ هارين، رضاڪارانه شهرن ۽ ڳوٺن مان وڏا ڊيم ناهڻ، ڪئنال کوٽڻ، تلاءَ ناهڻ ۽ کوهه کوٽڻ ۾ جنبي ويا. انهن ڪوشش جي نتيجي ۾ هڪ ڪروڙ 40 لک ايڪڙ زمين کي آباد ڪيو ويو ۽ نتيجي ۾ ايندڙ اونهاري ۾ هڪ وڏي اپت جي شڪل ۾ پيداوار ٿي، پر سهڪاري تعاون جي مقابلي ۾ آبپاشي

گوءِ کڻي ويئي. اهي ننڍڙيون هيون، پر جڏهن وڏا ڊيم ۽ ڪئنال آيا ته زبردست آبپاشي تي ڦيرو ئي بدلجي ويو. سهڪاري تعاون ۾ سڄي ملڪ جا پورهيت پورهيو، مشينري ۽ سامان سان تعاون ڪندا هئا ۽ ايئن وڻ پوکڻ لاءِ به ڪندا هئا. هڪ ڳوٺ ۾ جيڪڏهن وڏي زمين ٻيلن لاءِ خالي هئي، پر مزدور پورهئي لاءِ ميسر نه هئا. ٻين کي وري مزدور هئا پر زمين ڪانه هئي ۽ نين ڪاٽين لاءِ به ساڳي ڳالهه هئي ۽ ساڳئي وقت حڪومت مشيني استعمال تي به زور ڀيئي ڏنو پر زرعي فارم لاءِ گهڻن لاءِ مشينري مهانگي هئي، جو هو خريد ڪري سگهن.

انهن سببن جي ڪري سموريون سهڪاري تعاون واريون تنظيمون پنهنجو پاڻ ۾ انضمام ڪرڻ شروع ڪيو. اهڙا انضمام فيڊرل سطح تي اڳتي وڌيا. ڪٿي ڪٿي اهي اشارا به هئا ته شايد تعاون جون تنظيمون اهڙيون ڪارگر نه رهيون جو مقصد کي پورو ڪري سگهن. تنهن ڪري ظاهر آهي ته گڏيل پيداوار جو نظام اپريل 1958ع ۾ متعارف ڪرايو ويو، جڏهن 27 سهڪاري تعاوننکي پاڻ ۾ ملائي ڳنڍيو ويو. جنهن ۾ 930 خاندان، جنهن ۾ 40 هزار ڪان مٿي جي آبادي شامل هئي. هارين کي اڳواٽي ڪرڻ لاءِ چونڊيو ويو ۽ انهن پاڻ ۾ ڪم جي ورڇ ڪئي. ڪجهه عورتن پاڻ ۾ ملي بورچي خانا سنڀاليا ۽ فصل جي لڻڻ ۾ مدد ڪئي. بهار جي منڊ ۾ غلطين ۽ تجربن مان سکي اهڙيون 27 سهڪاريتعاون واريون تنظيمون ٿهيون ۽ انهن جا مول متا طئي ٿيا.

چين جي ڳوناٽي زندگيءَ کي ٻيهر هڪ ڍاڪي ۾ منظم ڪيو ويو. زميني سڌارا، سهڪاري تعاون ۽ هاٽي ڪميون سرشتو. انهن ٽن نقطن تي ٻڌل چين جي زرعي ترقي دنيا جي سڀ ڪان وڌيڪ پوئتي پيل زرعي فارمن مان ڦري وڃي دنيا جي چوٽيءَ جي ملڪن سان پيداواري نسبت ۾ پرپاسي اچي بيهاري ڇڏيو.

جاپان جا زميني سڌارا به هڪ سٺو مثال پيش ڪن ٿا. انهن سيني زميندارن ڪان زمينون کسيون ويون، جيڪي زمين تي نه رهندا هئا يا هنن وٽ اڍائي ايڪڙن ڪان وڌيڪ زمين هئي. ڪنهن کي به ساڍا ست يا ان ڪان وڌيڪ ايڪڙ رکڻ جي اجازت نه هئي. ان جو مقصد هو ته زمين جي مالڪي لازمي ڪيڙيندڙن وٽ هجي، ان

ڪي هو خريد ڪن ۽ جيڪي زمين ڪان پري آهن انهن جو خاتمو ڪجي. تقريباً 80 سيڪڙو زمين هارين جي مالڪيءَ هيٺ ڏني ويئي. 92 سيڪڙو جاپاني زمين تقريباً هڪ جيتري مقدار ۾ ماپ ۾ هاري مالڪيءَ هيٺ آهي.

اهو اڪثر چيو ويو آهي تہ زميني سڌارن ۽ زرعي پيداوار ۽ اپت جو پاڻ ۾ تعلق آهي، ڇاڪاڻ تہ سڌارا هڪ چاهہ پيدا ڪن ٿا ۽ هڪ تنظيم ۽ ربط نهي ٿو. اقوامِ متحده جي 1962ع جي رپورٽ مطابق، زميني سڌارن جي نتيجي ۾ جاپان ۾ اپت ۽ پيداواريت ۾ ڇڱو فرق پيو پر پاڪستان ۾ خوراڪ جي ڪوٺ ۽ درآمدات ۾ زرعي سڌارن ڪان پوءِ اضافو ٿيو.

ٻي جنگِ عظيم ڪان پوءِ ڪجھ يورپي ملڪن ۾ زميني سڌارا آيا. انگلينڊ ۾ حڪومت هڪ ملڪي ڪميٽي مختلف زراعت جي شعبن مان ناهي. اها ڪميٽي غير پيداواري زرعي فارمن کي ڪنٽرول ۾ وٺندي يا ان کي سڌو ڪنٽرول هيٺ رکندي، سپروائيز ڪندي ۽ جيڪڏهن ضرورت سمجهندي تہ مالڪ ڪان آزاد ڪرائيندي، ۽ زرعي وزير کي اختيار هوندو تہ سختيءَ يا نرميءَ سان زمين حاصل ڪري، ان جي انتظام ۽ ترقيءَ ۾ واڌارو ڪري. آئون هتي اهو ضرور ٻڌائيندو هلان تہ اهڙو اصول گهٽي پاڳي اڪثريتي ڪميٽيءَ قبول ڪيو ۽ پنهنجي چوٿين باب جي سفارشن ۾ شامل ڪيو جيڪو خدشو آئون مٿي ظاهر ڪري چڪو آهيان.

اوڀر يورپ جي ملڪن ۾ 45-1944ع ۾ نوان قانون متعارف ڪرايا ويا، جن ۾ زرعي مزدورن کي زمينون ڏنيون ويون، هرهڪ کي 12 ايڪڙ جي حساب سان. ان مان بيگانگي، قرض ۽ گروي رکڻ جي منع ڪيل هئي. جن ڪان زمين واپس ورتي ويئي، انهن کي هڪ سال جي بيٺلفصل جو تخمينو لڳائي 20 قسطن ۾ ادا ڪيو ويو.

تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هڪ وڏي اسلامي ملڪ قرآن شريف جي اصولن جي پاسداري ڪندي، هارين کي زمين جي مالڪيءَ لاءِ پيش قدمي ڪئي. ترڪيءَ، جون 1945ع ۾ قانون پاس ڪيو. جنهن جو نالو "هارين کي زمين ڏيڻ جو قانون"

هو. ان جو مقصد هو:

1. بي زمين هارين ۽ معاشي طور غريب ماڻهن کي زمين فراهم ڪرڻ.
2. زمين وارن هارين جي مالي مدد ڪري انهن کي مشينون وٺي ڏيڻ.
3. زمين تي صلاحيت ۽ مسلسل پيداوار ۾ اضافو ڪرڻ.

هن قسم جي اپائن هڪ لک 28 هزار بي زمين هارين کي فائدو ڏنو ۽ 8 لک 72 هزار خاندانن کي سڌو ۽ اڻ سڌو فائدو ڏنو. انهن سڌارن ۾ زمين وڏن زميندارن کان عوامي پلائيءَ لاءِ واپس ورتي ويئي ۽ ائن اها زمين هارين ۽ غريب ماڻهن ۾ ورهائي ويئي، انهن ۾ هجرت ڪندڙ زرعي شاگرد. پورهيت يا جن کي ٿوري زمين هئي يا اهي جيڪي کيڙڻ چاهين پيا. جن کان زمين حاصل ڪئي ويئي، انهن کي 20 قسطن ۾ معاوضو عطا ڪيو ويو. ترڪيءَ جي "زميني باندين" جي شڪل ۾، جن تي وياج جي شرح 4 سيڪڙو هئي، جن کي مقرر قيمت گهربل هئي، انهن کي 20 قسطن ۾ سواءِ ڪنهن وياج جي شرح سان رقم ڇهن سالن ۾ ادا ڪئي ويئي. ان اسڪيم ۾ هڪ دلچسپ ڳالهه اِها به هئي ته هرهڪ قسط مان 5 سيڪڙو ڪٽوتي به ڪئي ويئي، جيڪڏهن خريدار جو ٻار اسڪول وڃڻ لائق ٿيو هجي.زمين جي خريدارن جي مالي مدد بئنڪ جي ذريعي به ڪئي ويئي، ته جيئن هو اوزار، جڳهه، چوپايو يا زرعي ڪم ڪار لاءِ ماليات جون ضرورتون پوريون ڪري.

اهڙي قسم جو قانون يوگوسلاويا ۾ آگسٽ 1945ع ۾ پاس ڪيو ويو. زمين جي مالڪي ان اصول هيٺ ڪئي ويئي ته زمين رڳو ان وٽ هجي جيڪو مالڪ هجي ۽ ڪنهن به هاريءَ وٽ 35 هيڪٽر يا 84 ايڪڙن کان مٿي زمين نه هجي. جنهن وٽ وڌيڪ هجي، ان کان معاوضي عيوض واپس ورتي وڃي. جيڪي مالڪ زمين تي نٿا رهن، اهي پنهنجون 12 ايڪڙن (5 هيڪٽرن) کان مٿي زمينون واپس ڪن. اهڙو قانون شخصي مالڪي، چرچ ۽ ٻين لاڳاپيل مذهبي ادارن ۽ ٽرسٽن تي به لاڳو ٿيندو.

رومانيه ۾ 1919ع ۾ پنج ملين ايڪڙ زمين واپس ورتي ويئي. مالڪ رڳو خاص حالتن ۾، جملي 500 هيڪٽر زمين رکي سگهندا.

پولينڊ ۾ 1911ع ۾ تقريباً ڏهه ڪان پندرهن لک ايڪڙ زمين واپس وٺي هارين ۾ ورهائي ويئي.

آئرلينڊ، اسڪاٽ لينڊ ۽ جرمنيءَ ۾ وڏا زرعي ۽ زميني سڌارا متعارف ڪرايا ويا، جن ۾ وڏيون جاگيرون واپس ورتيون ويون ۽ بي زمين هارين ۽ ٻين آبادگارن ۾ ورهايون ويون، توڙي جو معاوضي جو اصول مڃيو ويو. معاوضو زمين جي قدر جي حساب سان طئي ڪيو ويو. آئرلينڊ ۾ اهو معاوضو فصل جي ڏيڍوڻي قيمت تي طئي ڪيو ويو. رومانيه ۽ آسٽريا ۾ زمين جي اپت ڪي سالن جي ضرب ڏني ويئي ۽ بلغاريه ۾ زمين جي ماليت جي قدر ۾ 10 کان 15 سيڪڙو گهٽتائي ڪري ادا ڪيو ويو.

آئرش 1909ع جو آئرش لينڊ ايڪٽ ۽ اسڪاٽ لينڊ جو 1911ع جو اسڪاٽش سمال لينڊ هولڊنگ جي قانونن تحتقانون جي اختيارين لاءِ لازم آهي ته ننڍين زمينن جي هارين لاءِ زبردستي زمين حاصل ڪري.

آئرلينڊ ۾ زميندار کي اهو حق آهي ته پنهنجي زمين معاوضي عيوض حڪومت جي گارنٽيءَ سان مقرر قيمت تي وڪرو ڪري ۽ ان جون قسطون حاصل ڪري. جيڪڏهن زميندار اسسٽنٽ ڪمشنر جي آڇ قبول نه ڪري ته زمين کي زبردستي واپس وٺي سگهي ٿو.

يورپ ۽ آمريڪا ۾ جيترا به زميني سڌارا ڪيا ويا آهن، اهي ٻڌائين ٿا ته ملڪن ۾ عوام جي بدحالين کي منهن ڏيڻ لاءِ رڳو قرآن شريف وارو اصول آهي ته صرف اوتري زمين ملڪيت ۾ رکو جيتري کيڙي سگهو. بدقسمتيءَ سان، قرآن جي اصول جي پوئيواري اسلامي ۽ مسلمان ملڪن ۾ نه ڪئي وڃي ٿي، سواءِ ترڪيءَ جي، جتي بدليل/ ٿوري روس ۾ اهو اصول سختيءَ سان زرعي شعبن ۾ لاڳو ڪيو ويو آهي. سويت يونين جي لينڊ پاليسيءَ جو بنياد زمين تي پورهيو/ ڪم ڪندڙ جي نسبت سان آهي. زمين جي ليز محدود ڪئي ويئي آهي. سويت يونين شخصي ٽيڪس به زمين مان اوڳاڙي ٿو ۽ ڳرا ٽيڪس انهن کان اوڳاڙي ٿو جيڪي مزدورن جو استحصال ڪندڙ ڪاروباري آهن.

اسان کي خبر آهي تہ ننڍي پر مالڪيءَ واري زمين جي ڪاميابيءَ جو راز اولهہ جي ڪجهہ ملڪن ۾ کھڙو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ زرعي سماج ۾ زندگيءَ جا معيار ۽ هارين جون حالتون بهتر ٿيون آهن. اهڙين خوشحالين لاءِ اسين ڊينمارڪ جهڙي ملڪ جو حوالو ڏيون ٿا. جيڪو هتي مناسب نہ ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ تعليم جي فرق، صنعتي صلاحيت، زندگيءَ جي معيار ۽ بهتر زندگي گذارڻ جي جذبن ۽ سمورن عنصرن ۾ هڪ وڏو فرق آهي.

اڪثريتي رپورٽ ۾ هڪ ننڍڙو تضاد آهي، جيئن مٿي بيان ڪيل پيراگراف ۾:

“انهن سمورن ملڪن ۾، جتي تعليم جو معيار گهٽ آهي، اتي رڳو رياست جي مداخلت ئي زمين جي ڪنٽرول، انتظام، واڌاري، ترقي ۽ زرعي وسيلن ۾ بهتري آڻي سگهجي ٿي، تہ جيئن ملڪ جا وسيلا پنهنجي گهربل پيداواري صلاحيت حاصل ڪن، تہ جيئن زرعي مزدورن جي زندگيءَ جا معيار ڪنهن حد تائين بهتر بڻائي سگهجن.”

ان مان صاف ظاهر آهي تہ مٿيون حوالو ڪافي آهي تہ ملڪ ۾ زرعي مزدورن ۽ هارين جي معيارِ زندگيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ پوئتي پيل ملڪ ۾ رياست جي مداخلت کان سواءِ ٻيو ڪو رستو ئي نہ آهي. اهو ايئن بہ ڪري سگهجي ٿو تہ زمين کي قومي ملڪيت ۾ وٺي، ان جو ڪنٽرول ۽ انتظام سنڀالي ۽ طاقت ذريعي غير صلاحيتي، غير ذميوار زميندارن کان واپس وٺي هارين ۾ برابريءَ جي بنياد تي ورهائي ڇڏجي. اهو اڪثر ڇيو ويندو رهيو آهي تہ پوئتي پيل سماج ۾ غريبن جي تعليم، ثقافت ۽ سماجي ترقيءَ کي نجي ملڪيت تي فوقيت هجڻ گهرجي. تجربي ثابت ڪيو آهي تہ پسماندگيءَ، جهالت ۽ بنيادي خواهشون، جيڪي پاڙ ۾ گهرو لاڳاپو رکن ٿيون، اهي بنيادي بيمارين جون پاڙون آهن. فردن کي معاشي طرح پاڙ پيرو ڪرڻ، آزاد ڪرڻ ۽ انهن جي ذاتي عزت ۽ عظمت بحال ڪجي، جيڪا هنن جي غلاميءَ هنن کان ڇني ڇڏي آهي.

باب ڇهون:

# پاڪستان ۾ زميني سڌارا

صدين کان سامراجين ٽئين دنيا ۽ خاص ڪري هندوستان جو استحصال ڪيو آهي. انهن جا دليل گهڻي ڀاڱي ساڳيا هئا. مثال طور: پوئتي پيل ۽ اڻ پڙهيل ڪي پهريان هڪ حد تائين تعليم ڏجي، ته جيئن هو پاڻ آزاد نموني پنهنجا معاملا سنڀالڻ لائق ٿين، ته پوءِ کين آزاد ڪجي. صديون گذري ويون. پر هن ملڪ جي عوام ۾ اهرين حڪمرانن هوندي ڪا خاطر خواهه ترقي ڪانه ڪئي، ايستائين جو هو ڪيتري عرصي تائين سرڪاري/ حڪمرانن جي اهڙن دليلن ڪي پٺي ڏيئي، جڏهن سمجهڻ شروع ڪيو ته ترقي ۽ واڌارو تيستائين ممڪن نه آهي جيستائين هو پاڻ کي استحصال مان آزاد نه ڪرائيندا ۽ آزادي حاصل نه ڪندا. اهڙي منطق هيٺ رهنمائي وٺندي، هندوستان ۾ آزاديءَ جون تحريڪون پڇي راس ٿيون ۽ هاڻي اسان ڏٺو ته چند مهينن اندر ملڪ ۾ آزاديءَ کان پوءِ بي پناهه عوامي ڀلائيءَ جا ڪم ٿيڻ شروع ٿي چڪا آهن ۽ عام ڀلائي عام ٿي آهي.

اِهو چوڻ ته هارين کي تعليم يافته ڪجي، کين ترقي وٺرائجي، انهن جي سماجي شعور ۾ اضافو ڪجي ۽ پوءِ کين زمين تي حق ڏجن. اهڙي ڳالهه ايئن ئي غلط آهي، جيئن چئجي ته پهريان مينهن پوي ۽ پوءِ ڪڪر آسمان تي اچن. اِهو ڪيئن ممڪن آهي ته هاري پنهنجي سماجي، ثقافتي ۽ شعوري سطح زميندار ي نظام ۾ رهي ڪري وڌائي، جڏهن ته نظام ڪيس ان حالت ۽ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ڦٽو ڪيو آهي. جهالت، غربت ۽ اڻ ڄاڻائي، جيڪا ظاهر آهي ته اها حالت آهي ئي ان ڪري، ٻي صورت ۾ روشني ۽ ترقيءَ ۾ هنن حالتن جو هٽڻ ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ اِها اميد ڪرڻ ئي اجائي آهي ته ڦرلٽ ڪندڙ طبقا، پنهنجن غلامن ۾ روشني ۽ علم پکيڙي پنهنجي مٿان تباهي آڻيندا.

دنيا جي ڪابه تاريخ اهڙي ڏس ۾ اهڙين اميدن جي نفي ڪري ٿي. جيڪڏهن حقيقت ۾ سچ پچ ڦرلٽ ڪندڙ طبقا واقعي پنهنجي طاقت هيٺ

معاشي ۽ سياسي طور ڪنٽرول هيٺ، طبقن جي فلاح ۽ بهبود چاهيندا هجن ها، ته پوءِ تاريخ جي ورقن ۾ ايڏي رتوڇاڻ نه ملي ها.

سڄي ملڪ ۾ زميندار ي نظام جي خاتمي جا مطالبا ٿي رهيا آهن ۽ سمورن پرڳڻن ۽ ملڪ ۾ پاليسي سطح تي اهڙو تاثر به ملي ٿو ته ان نظام جو خاتمو ايندو. ان ڏس ۾ پيش قدمي اٽل آهي، دير يا سوير. سڄي ساري زميندار ي نظام جي خاتمي جا پلي ڪٽي کهڙا به نتيجا نڪرن.

سنڌ ۾ حالتون ان ڏس ۾ خاص ڪري سازگار آهن، ته زميندار ي نظام جو مڪمل خاتمو ٿئي، ڇاڪاڻ ته هارين ۽ زميندارن جي وچ ۾ تعلق دلي طرح سنا نه آهن. گذريل سال 1948ع ۾ نوابشاهه ۽ سانگهڙ ضلعن ۾ هارين زرعي معاملن تي قانون کي پنهنجن هٿن ۾ کنيو ته کين بٽئيءَ ۾ انصاف پريو حصو گهرجي. پوئين ضلعي ۾ ڪجهه ڪيسن ۾ هاري زبردستيءَ زميندار جي مرضيءَ خلاف بٽئي ڪٽي هليا ويا. ڪجهه زميندار ان ڏس ۾ ڪليڪٽر وٽ شڪايت ڪٽي آيا ۽ معاملي کي حڪومت وٽ ڪراچيءَ ۾ رپورٽ ڪيو ويو. اهڙي قسم جا واقعا توڙي جو تمام هيٺاهين سطح تي نوابشاهه ۾ به ٿيا آهن. اهو پڻ ٻڌايو ويو ته ان جي پٺيان ڪي ڪميونسٽ ڪارڪن آهن. جاچ جي نتيجي ۾ خبر پيئي ته ڳالهه ڪنهن حد تائين درست آهي. ضلعي مئجسٽريٽ وقت سر قدم کنيا، ته جيئن صورتحال وڌيڪ خراب نه ٿئي. اهڙي قسم جا واقعا زميندار ۽ هارين جي تعلقاتن جي ٽٽڻ ڏانهن اشارو ڪن ٿا، جنهن مان خبر پوي ٿي ته هاري پنهنجن زميندارن کان خوش نه آهن ۽ ان جي نتيجي ۾ ڪنهن به پرتشدد ڪارروائي ڪرڻ کان به ڊنل نه آهن.

ڪميونسٽ صورتحال مان فائدو وٺن ٿا. حالتون اڳ ۾ ئي انهن جي حق ۾ آهن. عوام ۾ بي چيني ۽ ڪاوڙ ايتري وڌيل آهي جو نااميدي ۽ تڪليفون عوام کي اهڙين حالتن ۾ ڌڪڻ لاءِ اوزار ٿي ڪتب ايندين. جيڪڏهن اسين پنهنجي صوبي کي ڪميونسٽن جي اثر کان پاڪ ڪرڻ گهرون ٿا ته اسان کي هارين کي خوش ڪرڻو پوندو ۽ سندن بي چيني ختم ڪرڻي پوندي.

جڏهن آئون نوابشاهه جو ڪليڪٽر هئس، تڏهن مون اپاءَ ورتا ته جيئن

هارين کي پيداوار/ اپت مان پنهنجو جائز حصو مليو ۽ زميندارن جي ڏاڍاين جو خاتمو ٿئي. ڪنهن حد تائين ان ڏس ۾ ڪاميابي ملي. توڙي جو مون کي زميندارن سان سختيءَ سان پيش اچڻو پيو ۽ انهن جي عام ڪاوڙ ۽ ردعمل کي بہ منهن ڏيڻو پيو. اهڙين پاليسين جو فائدو زميندارن کي پيو جن پنهنجن هارين سان پرامن تعلقات قائم ڪيا. جڏهن ظلم بند ٿيو هاري ڪنهن حد تائين مطمئن هئا ۽ زرعي گڙٻڙ سمورن ضلعن ۾ بند ٿي ويئي. جڏهن تہ حيدرآباد ۽ سانگهڙ ضلعن ۾ ٿوري گڙٻڙ جاري رهي. هارين جون تنظيمون وڌڻ شروع ٿيون آهن ۽ انهن جون سرگرميون پوري سنڌ ۾ ڦهلجن پيون. حيدرآباد ضلعو ان ڏس ۾ وڌيڪ سرگرم آهي، جو ان ۾ جاگيرن جي زمين تي جاگيردارن جون ڏاڍايون وڌيل آهن. هارين ۾ هر طرف سجاڳي آئي آهي ۽ هينئر زمين مان پنهنجي مڪمل حصي جي گهر ڪن ٿا. آزاديءَ جي حصول کان پوءِ انهن جي اميدن ۽ توقعات، مطالبن ۽ برابريءَ جي حصن گهرڻ ۾ اضافو ٿيو آهي ۽ پنهنجي ديس جي زمين ۾ برابر جو حصو گهرن ٿا، جيڪا زمين هنن جا ابا ڏاڏا صدين کان کيڙيندا اچن ٿا.

ويجهڙائيءَ ۾ سرحد (NWFP) صوبي ۾ هارين ۽ زميندارن ۾ جهڙ تہ هڪ جنگ ڇڙي ويئي آهي. "استيٽمين" اخبار جي 8 مئي 1948ع جي خبر مطابق:

"لڳي ايئن ٿو تہ هارين جا مطالبا زميندار ڏانهن جائز آهن. انهن جي شڪايت آهي تہ پيداوار جي اڌ تي اڌ حصي ۾ فصل لڻڻ وقت جڏهن هنن جو پيداواري حصو ختم ٿي ويو تہ هنن زميندار کان اناج جي طلب ڪئي، جنهن تي زميندار اَن وڪڻڻ کان صاف انڪار ڪيو ۽ اُن کي وڏي غير سرڪاري اگهہ تي وڪرو آڇيو. هنن جو مطالبو هو تہ زميندار سڄي جو سڄو فصل نہ پئي کٽي سگهيو."

اهو ظاهر آهي تہ گهڻا زميندار آسانيءَ سان اهڙن مطالبن تي راضي ٿيندا آهن. توڙي جو زميندار زبردستيءَ هارين کي طاقت سان زمين تان بيدخل ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي. ان جي جواب ۾ جهيڙو ٿي پيو، ڪجهہ ماڻهو مري ويا ۽ ڪجهہ زخمي ٿيا. هٿياربند پوليس ضابطو آندو ۽ اٽڪل 100 ماڻهن کي گرفتار

ڪيو ويو.

هيءَ خبر اُن وقت آئي، جڏهن آئون رپورٽ لکي رهيو هئس ۽ منهنجي ان خدشي ۾ راءِ ڪي جڙ ته هٿي ملي ته جيڪڏهن اسان هارين جي مسئلن ڪي حل نه ڪيو ته ڪڏهن به پاڪستان ۾ پرتشدد واقعا ٿي سگهن ٿا.

زباني ثبوت ڏيندي مسٽر جمشيد مهتا، جنهن جو سماجي خدمتن ۾ وڏو نانءُ آهي ۽ سنڌ ۾ هڪ وڏو تجربيڪار ماڻهو آهي، مسٽر راجر پيرس، آءِ- سي- ايس، ضلعي آفيسر، تمام چاڻو ماڻهو مسٽر نذير احمد، آءِ- سي- ايس، جنهن جي سڄي عمر سروس/ خدمت سنڌ ۾ رهي آهي، هندوستان جي لوڪل مسئلن کان چڱيءَ ريت واقف آهي، پريوداس تولاٽي، لاڙڪاڻي جو مشهور زميندار آهي. انهن سيني وزنائتن دليلن سان زمينداري نظام ختم ڪرڻ جي حمايت ڪئي ۽ انهن مان ڪجهه ان راءِ جا هئا ته جيڪڏهن زمينداري ختم نه ڪئي ويئي ته ان جي مقابلي ۾ پرتشدد انقلاب ايندو.

آئون هتي خاص ڪري نذير احمد جو حوالو ڏيندس:“مون کي نٿو لڳي ته زمينداري نظام جو خاتمو ايندو. وچ وارو ماڻهو (مڊل مين) ختم ٿيڻ شروع ٿيڻ کپي. زمينداري پنهنجي اهميت وڃائي ويني آهي.”

هڪ ٻيو نقطو جيڪو ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن جي ڊاڪٽر دائودپوٽي ڏنو هو پاڻ هاري طبقي سان تعلق رکي ٿو، هن چيو ته هارين ۾ تعليم متعلق بي شعوري يا لاپرواهي هنن جي ڪمزور معاشي حالت جو ڪارڻ آهي. ڊاڪٽر دائودپوٽيءَ اِن ڳالهه تي زور ڏنو ته موجوده زمينداري نظام هونديءَ اِهو ممڪن ئي نه آهي ته هارين جي معاشي حالت سڌري ۽ تعليم وڌي. اهڙا رايا ڊائريڪٽر انڊسٽري ۽ ڊائريڪٽر پبلڪ هيلٿ پڻ ڏنا. ٻنهي ساڳي ڳالهه ڪئي ته هارين جي تعليم، صحت ۽ صفائي سٿرائيءَ ۾ ڪا دلچسپي ناهي، هنن جي زندگيءَ ۾ ڪا به دلچسپي ناهي. زمينداري نظام هنن جو رت ست چوسي ڇڏيو آهي. ڊائريڪٽر

پبلڪ هيلٿ چيو تہ جيڪڏهن هاريءَ کي پنهنجي زمين ڏني وڃي ۽ آزاد ڪيو وڃي تہ هو پنهنجي صحت ۽ صفائيءَ جو خاص خيال رکندو. هن وڌيڪ چيو تہ غربت ۽ اڻ ڄاڻائي هارين ۾ مليريا جا سڀ کان وڏا ذميوار سبب آهن.

پنجاب ۾ وسيع عوامي هلچل آهي. اوڀر بنگال جو وجود ۾ اچڻ تسانزميناداري نظام جو خاتمو ڪيو ويو. بنگال ۾ هينئر قانونسازي ٿي آهي. "دي اسٽيٽس اڪيوزيشن ٽيننسي بل"جي تہ مسواڙي زميندارن مان جان ڇڏائجي. انهن جي مفادن کي خريد ڪيو ويندو ۽ رڳو هڪ طبقو حڪومت ۾ بچندو. جنهن وٽ پنهنجي قبضي جا اختيار هوندا, جنهن ۾ هو مسواڙ اوڳاڙيندا ۽ مفتيا هاري هوندا.

خاص زمين کي 200 بگاز يا 10 بگاس هرهڪ گهر جي فرد جي حساب سان جيڪو بہ تعداد هجي, اهو هاري حاصل ڪري پنهنجي غير معاشي زمين يا بگيدارنڀ بي زمين هارين ۽ مزدورن سان مليا. زمين جي وڪري جي منع ٿيل آهي ۽ سڀ ڪيڙيندڙ پنهنجي ملڪيت ۾ هرهڪ کي 60 بگاسهرهڪ ميمبر جي ڪاٽي جي حساب سان ڏنا وڃن. اڳتي زمين ٺيڪي يا مقاطعي تي منع ٿيل هئي. زمين متعلق ڪاٺو ۽ مسواڙ طئي ٿيل هئي. اهڙي قانون اهڙن پروجيڪٽن جو ڏڳ صاف ڪيو جنهن مان بهتر زرعي پيداوار ۽ جنسن جو فائدو پيو جنهن مان هڪ وڏو قدم اوڀر بنگال ۾ زميندارن کان زمينون واپس وٺي ڪنيو ويو.

بهار ۾ زميناداري ختم ڪئي ويئي ۽ هينئر جهيڙو اِهو آهي تہ ڪين معاوضو ڏنو وڃي. "اسٽيٽمين" اخبار 5 مئي 1948ع تي لکيو تہ:

"ڪانگريس جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو اجلاس پهرين مئي 1948ع تي دهليءَ ۾ ٿي گذريو جنهن جي صدارت ڈاڪٽر راجندر پرساد ڪانگريس جي صدر ڪئي. ڪميٽيءَ زميناداري نظام جي خاتمي ۽ ان مان ٿتي نڪتل صورتحال جو جائزو ورتو ۽ خاص ڪري ان حوالي سان تہ زميناداري نظام جي خاتمي ۽ رياست جي قانون جي بل ۾ زميندارن کان زمينون حاصل ڪرڻ.

ڊاڪٽر راجندر پرساد سان بهار جو هڪڙو اسيمبلي ميمبر مليو جنهن زميندراي بل جي پاس ڪرڻ جو يقين ڏياريو. جيڪو بل هاڻي بهار جي مٿئين پارليامينٽ ۾ غور ۽ بحث هيٺ آهي.

اوڀر پنجاب ۾ لالا ڀيم سين ساچر، جيڪو ڪانگريس جي اسيمبلي پارٽيءَ جو اڳوڻو ميمبر آهي، اُن زور ڏنو تہ زمينداريءَ کي اوڀر پنجاب مان ختم ڪيو وڃي. 3 مئي 1948ع تي "اسٽيٽمين" اخبار لکيو:

"هيستائين آئون اهو سمجهي سگهيو آهيان تہ هڪ مضبوط راءِ جڙي ويئي آهي، ان مخالفت ۾ تہ مسلمانن جون اوڪيو/ خالي زمينون اوڀر پنجاب ۾ هجرت ڪري آيلن ۾ ورهائجن. جيتريون هو اولهہ پنجاب ۾ ڇڏي آيا هئا. جيئن تہ ڪانگريس جو مطالبو آهي تہ زميندراي نظام جو خاتمو ڪيو وڃي، اهڙو مطالبو سماجي ترقيءَ کي پوئتي ڌڪي ڇڏيندو. جيڪڏهن زميندراي نظام کي پنجاب ۾ ٻاڙان ڪڍي اڇلايو ويو ۽ ان کي اوڀر پنجاب ۾ رائج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ويئي. اهڙا قدم ڪٽڻ گهرجن جو اوڀر پنجاب ۾ زميندراي نظام جو خاتمو اچي. جيڪڏهن مسلمانن جون اوڪيو ملڪيتون ورهائيون ٿيون آهن تہ برابر ورهائجن، پر انهن ۾ جيڪي ان تي اڳ ۾ ڪيڙين پيا. گهٽ ۾ گهٽ بہ ايڪڙ هر هڪ ماڻهوءَ کي ڏيڻ گهرجن يا 10 ايڪڙ هڪ خاندان کي. جي اسان ائين ڪيو تہ 20 کان 22 لک ماڻهن کي زمين تي آباد ڪري ويندا سين، جنهن مان اوڀر پنجاب ۾ سماجي تحفظ ۽ خوشحالي جنم وٺندي."

اولهہ پنجاب ۾ هجرت ڪرڻ واري سوال تي اسان جي اڳواڻن، صوبائي ۽ مرڪزي حڪومتن ۾ ڳٽتي آهي، پر ان مسئلي جو ڪو حل ڪونہ اٿن. هتي اسان وٽ لکين هجرت ڪندڙ ڪيترن ئي ڪئمپن ۾ سرڪاري رحم ڪرم تي پيا آهن. هجرت ڪندڙن لاءِ اولهہ پاڪستان جي هجرت جي وزير هينئر استعيفيٰ ڏني آهي. هن کي ان ڏس ۾ ڪو حل نظر نٿو اچي، سواءِ زميندار کان زمين جي واپسيءَ جي. هتي سنڌ ۾ مسئلو اڃان وڌيڪ ڳنڀير نوعيت جو آهي. هندن جون رهيل زمينون، جيڪي هجرت ڪري ايندڙن کي برابر ڏيڻ کپنديون هيون، اهي سنڌي زميندارن

پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏيون آهن. اهي ان ۾ اڳ ۾ گهٽي زمين هوندي وڏيڪ واڌارو ڪرڻ چاهين ٿا، پر انهن کان اڳ واري زمين ئي نٿي سنڀالجي. هو هر سال وڏي زمين غير آباد ڇڏي ڏين ٿا.

”سنڌ آبزرور“ اخبار 9 مئي 1948ع تي لکيو ته، ”70 سيڪڙو جاگيري ايراضي غير آباد آهي، زميندارن جي تعاون نه ڪرڻ جي ڪري ۽ هنن جي لالچ جي ڪري. هجرت ڪندڙن کي ڪا محفوظ پناهه يا ڪاڏو ملي نه سگهيو ۽ انهن کي واپس ٽيڏو پيو. جيڪي ماڻهو پنهنجن گهرن مان تڙي بيدخل ڪيا ويا، اسلام جي وفاداريءَ ۾، انهن کي پنهنجي ”واعدي ڪيل زمين“ ۾ پناهه نه ملي، جنهن جي ڪري هنن تڪليفون، ڪشالا، بدحالتون ۽ ڏک ڏوجهرا ڏٺا.

آئون يقين سان چئي سگهان ٿو ته اسين گهڻا هجرت ڪندڙ ڪٽي سگهون ٿا، جيڪڏهن اسين زمين جي نظام کي بهتر ڪريون. سنڌ ۾ مزدورن جي کوٽ حقيقت ۾ زمين تي غير محفوظ هاري، ان مان هجرت نه ڪندڙ ۽ هينئر ته ٻه لک هاري، ڪولهي، ڀيل ۽ مينگهواڙ هاري لڏين پيا. ٿرپارڪر ضلعي ۾ خطرو آهي ته پوکي ايراضيءَ ۾ هن سال کوٽ ٿئي، رياست کي گهٽ اوڳاڙي ٿئي ۽ خوراڪ جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پوي، هجرت ڪندڙ اهو خال پري سگهن ٿا. انهن کي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ کان روڪيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته زمين تي ماحول ۽ حالتون خراب ۽ غير محفوظ بڻايون ويون آهن. اهڙين حالتن ۾ سنڌ جي خوشحالي ۽ پيداواري صلاحيت متاثر ٿيندي ۽ سنڌ جو ان ۾ پنهنجو ئي مفاد آهي، تنهن ڪري ضروري آهي ته نئين سوچ سان ان مسئلي جو حل ڪڍيو وڃي. زميندارن کان زمين واپس وٺي آبادگار ۽ هارين جي سنڌ کي ترقي وٺرائي وڃي، جيڪا نه فقط 20 لک هارين جي مسئلن کي حل ڪندي، مهاجرن کي وڏي تعداد ۾ سيٽل ٿيڻ ۾ مدد ڪندي، جيڪو هينئر پاڪستان جو اهم مسئلو آهي.

اسان جو مقصد آهي ته هڪ خوددار، باوقار ۽ باعزت هارين جو طبقو ناهجي، جن وٽ جهجهي زمين هجي، جنهن تي هو سرمائي جي سيڙپڪاري ڪري، جديد زرعي طريقن جي اصولن هيٺ، ۽ جنهن ۾ هن کي خوشحالي ۽ بهتر

زندگيءَ جي معيارن جي اڻ تڻ هجي. ان مقصد کي ذهن ۾ رکندي آئون هاري ڪميٽيءَ جي اڪثريتي سفارش سان متفق آهيان, جنهن ۾ رياست جي مالڪيءَ هيٺ زمين کي ٻن نين ٻئراجن هيٺ هارين ۾ ورهائجي. اصل سفارشن سان آئون متفق آهيان, انهن ۾ هي آهن:

”زمينون ٻي زمين هارين ۾ ورهايون وڃن يا ننڍن ڪاتيدارن ۾, ته جيئن معاشي طرح ڪافي زمين انهن وٽ هجي.“

”۽ جيڪي ماڻهو زرعي شعبي سان تعلق نه ٿا رکن يا زرعي زمين تي موجود نه آهن, پر زرعي زمين ۾ ڪم ڪرڻ چاهين ٿا, انهن کي زمين ڏني وڃي.“

جڏهن اهڙن طبقن جي سمورين طلبن جي پورائي ٿي وڃي, ته باقي بچيل زمينون انهن بيراجن جون, جيڪي پيراگراف 353, سب سيڪشن 2, 3, 4 ۽ 5 ۾ اڪثريتي رپورٽ ۾ ڄاڻايل آهن. ان ۾ حيرت آهي ته جيڪي سفارشون اڳ ۾ ئي متفق راءِ سان جوڙيون ويون هيون, اهي پنهنجي اصل روح سان آخري اڪثريتي رپورٽ ۾ سرڪار ڏانهن اماڻيل رپورٽ ۾ شامل نه ڪيون ويون آهن. انهن اسڪيمن ۾ اوليت هارين ۽ آبادگارن کي هئڻ کپندي هئي. ان تي اڳ ۾ ئي عام اتفاق هو. جڏهن ته سفارشن ۾ حڪومت کي چيو ويو آهي ته زمين جي حدبندي ڪري ڀهريان حڪومت استعمال ڪندي, اهڙي زمين تي تعاون واري ڪيڙڻ جي ضرورت ۽ حڪومتي انتظام گهربل آهي. اِها راءِ اڪثريتي ميمبرن جي راءِ جي خلاف آهي. اسين سڀ متفق هئاسين ته ڀهريان هارين ۽ آبادگارن جو هڪ نئون طبقو ناهجي, نون بيراجن جي علائقن واري زمين تي. جڏهن اِهو ڪم مڪمل ٿئي ته پوءِ باقي زمين تي رياستي نظام ۽ انتظام قائم ڪري گڏيل سهڪاري ڪيڙيءَ جا اصول متعارف ڪرائجن.

هاڻي هتي آئون اِهو چوندو هلان ته هارين جي مسئلي جي مڪمل نجات هنن صفحن ۾ چا ۾ آهي:

1. زمينداريءَ جي جاءِ تي آبادگار ۽ هاريءَ کي بدلائجي. تمام بنيادي ڦيري وارا سڌارا آڻي ان برائيءَ مان جان ڇڏائجي, جيڪا موجوده نظام ۾ گهر ڪري

ويئي آهي.

2. اهڙا اُپاءَ ورتا ويندا، جن ۾ ڪيڙيندڙ کي هڪ حد تائين شخصي زمين ۽ ان تي ان جو ذاتي ڪنٽرول هجي ۽ ڪيڙي ڪندو هجي، ڇاڪاڻ ته انصاف پريو زرعي قدر پيدا ڪري. زمين صرف ۽ صرف هيٺين مقصدن لاءِ حاصل ڪجي:

(الف) وڏين جاگيرن جو خاتمو.

(ب) انهن سڀني کان زمين واپس وٺجي، جيڪي ڪيڙيندڙ نه آهن.

(ت) اهڙي سموري زمين، جيڪا زرعي اصولن تحت نٿي ڪيڙي وڃي، جيڪا غير آباد آهي ۽ ڪنهن به سبب جي ڪري يا بنا سبب جي خالي پيئي آهي.

(ج) بئراجن جون اڻ سڌيون زمينون بي زمين هارين ۾ ۽ ڪيڙيندڙن ۾ ورهايون وڃن، ته جيئن انهن کي معاشي طور بهتر ڪري سگهجي. ان جو مطلب آهي ته حڪومت جيڪي وڏي پئماني تي زميندارن کي ليزون ڏنيون آهن، انهن کي ڪينسل/ رد ڪيو وڃي.

3. زمين جي ليز کي رد ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته اسلام ان جي منع ڪئي آهي.

4. زمين تي قبضو ۽ مالڪي گڏوگڏ هئڻ گهرجن. زمين ان جي ملڪيت هئڻ گهرجي جيڪو ان تي شخصي طور رهي ٿو ۽ ڪيڙي ٿو جيئن هو سالن کان ان جو مالڪ آهي، ان جو مطلق حقدار يا مالڪ نه، پر ان جو مطلب آهي ته زمين ان وٽ آهي. رياست حقيقت ۾ زمين جي مالڪ آهي.

5. رڳو رياست ئي عالمي زميندار يا مالڪ آهي، جيڪا هر ماڻهو مزدور ۽ هاريءَ کي وسيلا مهيا ڪري شخصي مالڪي/ زمين ڏيئي، ان جي حالت بهتر ڪري سگهي ٿي. جيستائين اهو سڀ ڪجهه مڪمل طرح نه ڪيو ويندو اڌ تي اڌ زمين جي نظام مان حاصل ٿيندڙ فائدا ضايع ٿي ويندا.

6. زميندار کان زمين جي واپسيءَ عيوض ڪيس معاوضو ادا ڪيو وڃي، جيڪو معاوضو رياست ماهرن جي راءِ سان مقرر ڪري.

7. زمين جي مقرر حد طئي ڪئي وڃي. ڪنهن بہ شخص کي پنهنجي مقرر حد کان وڌيڪ زمين رکڻ جي اجازت نہ هئڻ گهرجي.
8. حڪومت طرفان جلد کان جلد ماهرن جي هڪ ڪميٽي جوڙي وڃي، جيڪا مٿين سفارشن تي عمل ڪرائڻ جا تفصيل طئي ڪري.

**ايم مسعود**

19 مئي 1948ع

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

